سوجھرو
جولاءِ 2012
ABC Certified
سال:14 • شمارو:160 • قيمت: 50 روپيا • ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

# وچور:


## سنڌ جي شهيد شهزادي:

غزل بتول صديقي — ج.ع.منگھاڻي

## سنڌ جون اهم شخصيتون:

امر شهيد ڀڳت ڪنوررام... — پچن لال
استاد بخاري... — ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو

## ڪائنات ۽ انسان (آخري):

هڪبئي جي نظر ۾. هيوبرٽ ريوز/سليم نور حسين

## تبصرو/تجزيو/جائزو:

سُرهي سوچ... — دليپ ڪوٺاري
چچريون چچريون خواب — امين چانڊيو
لطيف يونيورسٽي، سنڌي شعبو(2) شريف شاد سومرو

## سنڌ جا ماڳ مڪان:

ماڙڪٽارو... — بشير سيتائي

## طبع زاد ناول:

قالو بلا (ستين قسط) — ڊاڪٽر رسول ميمڻ

## آتم ڪٿا (قسط سترهين):

پاتم جهاتي جهان ۾... — شيام ڪمار

## ڪهاڻي:

کهڙي جنت... — جهان آرا سومرو
وڏيري... — انور شيخ
ڪڪرن جو ٽڪر... — انصاف احمد ساهڙ

## شاعري جو نئون عهد:

نظم ۽ غزل... — حسين جاگيراڻي

## غزل/ نظم/وائي/گيت:

گلزار، امين پٽو، گلشن لغاري، ياسين چانڊيو، احسان زنگيجو، علي محمد سولنگي، ذوالفقار گاڏهي، شبير بروهي، رياض ميراڻي، منتظر گولو، حنيف عاطر، گل محمد خاصخيلي، شير هاليپوٽو، مور مغيري، نماڻو صديق مهيسر، امين چانڊيو ۽ اداسي جکراڻي.


## جي مارن مونڊي موڪليا:

ياسين چانڊيو، ذوالفقار ٽالپر ۽ سيد شاداب ميان.

## ٽچ مي پليز...

جديديت پنهنجي دور جي ٽئبوز کان انڪار ۽ نواڻ جي تحريڪ هئي. ان ڪي روايت خلاف بغاوت ۽ نئين فڪر ۽ طرز جي تحريڪ چيو ويو. ان تحريڪ جو بنياد ماضيءَ کان منهن موڙڻ ۽ آئيندي لاءِ اونو هو. عقل پرستي، سائنس ۽ اوسر ڪندڙ عناصر ڪي، جديديت جي جوڙجڪ قرار ڏنو ويو ۽ ان ڪي هلندڙ عهد جي تحريڪ ڪوٺيو ويو.

جديديت، پراسراريت، رومانيت ۽ حقيقت پرستي جي جامد لاڙن ڪي رد ڏنو. انهيءَ تحريڪ، مذهب، فطرت، اخلاق، عقيدي، قدرن ۽ هر فڪر ڪي مجڻ کان نابري واري ايتري قدر جو ازلي فطرت ۽ فطري سرشتي کان به انڪار ڪيو. جديديت موجب، ”سماجي زندگي، فطرت کان تهذيب ڏانهن تبديليءَ جو سفر آهي. رڳو فرد ئي مقدم آهي.“

جديديت هيٺ تخليق ڪيل ادب، سماجي اداري بنديءَ بدران، فرد جي خودداري ۽ انفرادي شعور ڪي اهم قرار ڏنو. سماجي وايو منڊل ۽ ٻٽيل معاشري کان بيزاري جي ڪري فرد جي ذات ئي مرڪزيت قرار ڏني وئي.

جڏهن تاريخ ڪي فطرت ۽ خدا کان ڌار ڪيو ويو ته مذهب، ميٽا فزڪس، قدرت ۽ قانون کان ڏور ٿيڻ جي ڪري انسان جو شديد جذبو ان جي نمايان صفت بڻيو. ۽ اتان کان ئي ادب ۾ ذات جو انتشار شروع ٿيو.

جديديت، ادبي لاڙي طور اڌ صديءَ کان به مٿي يورپ ۾ ادب تي حاوي رهي.

هڪ نقاد چيو، ”گذريل صديءَ کان اسان وٽ هڪ خاص نوع جو ادب موجود آهي. اسين ان ڪي جديد چئون ٿا. (رڳو موجود حالتن کان ڌار سڃاڻ ڏيڻ لاءِ) نه ته جديديت حسيت ۽ اسٽائل جو نالو آهي. حاضر حالتون غير جانبدار حوالي جي اصطلاح آهي. ۽ جديديت، تنقيدي حوالي ۽ فيصلي جي اصطلاح آهي. جديديت پسند ادب هاڻ انت جي ويجهو اچي رهيو آهي. جيتوڻيڪ پڪ سان نٿو چئي سگهجي، پر اهڙا نقاد به آهن جيڪي چئي سگهن ٿا ته، سماجي نوعيت جي تجزئي کان پوءِ جديد دور جو خاتمو ممڪن ئي ناهي.“

پر جديديت جو انت آيو. جديديت پڇاڙان(پوسٽ ماڊرن ازم) خدا، انسان، تاريخ، فن جي نظريي، ادب، اديب ۽ نقاد جي موت سان گڏ، جديديت جي خاتمي جو به اعلان ڪيو ۽ چيو، ”ادب ۾ هر قسم جو عظيم بيانيه narration ۽ تنقيدي نظريو ختم ٿي چڪو. چاڪاڻ ته جديديت مان جيڪي اميدون هيون، اهي ڪوڙيون ثابت ٿيون يا گهٽ وڌ سطح تي پوريون ٿيون ۽ هاڻ ان ۾ ڪنهن به قسم جي واڌاري جي گنجائش موجود ئي ناهي.“

جديديت، انسان جي پاڻمرادي علحدگي، سچائيءَ لغويت ۾ جڪڙيل هجڻ جي ڪري جديديت پڇاڙان مخالف رويي جو جواز يا اهڃاڻ بڻي ۽ بورجوازي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪندڙ جديديت، سرمايه داريءَ جي گرفت ۾ اچي وئي. يا ميڊيا، انفارميشن ٽيڪنولاجي، لذت پرست حوالن سان شين جي ڪاپي، اڳرائي پسند ماديت، معاشي ۽ تهذيبي گلو بلائيزيشن جي ڪري، جيڪا بدل سدل آئي، اها جديديت جي نئين دور جي ئي غماز آهي، جنهن ڪي جديديت پڇاڙان چيو ويو، جيڪو جديديت جو شايد آخري دور آهي.

جديديت پڇاڙان هلندڙ دور جي فڪر، تهذيب ۽ سونهن جي تبديل ٿيندڙ تصورات جي نشاندهي ڪري ٿي ۽ هڪ همه گير اصطلاح يا لاڙو آهي، جنهن جو انفلوئنس فلم کان وٺي فئشن، اشتهار کان ويندي ادب ۽ ڪلچر کان ويندي ڪومڪس تائين پکڙيل آهي. هر فڪر، فن ۽ علم يعني زندگيءَ جا هڙئي شعبا، تصور، طرز، عڪس ۽ تصويرون، ان جي دائري ۾ اچيو وڃن ٿا.

ڪجھ نقادن ائين به چيو، ”جديديت پڇاڙان هڪ ذهني ڪيفيت، لاڙو، نظريو يا هڪ ناڪاري رويو آهي جيڪو جديديت خلاف اڀريو ۽ ان جي سمورن اثاثن فڪر، نظريي، ادب، ذات، تهذيب ۽ قدرن ڪي ناس ڪندڙ سماجي ۽ تاريخي نظريي جي سڀني حتمي صورتن ڪي رد ڏنو.“

حامي نقادن جو ويچار آهي، ”جديديت پڇاڙان، زبان، ذات، موضوع، مواد، مذهب، سماج يا رياست جي اليٽ ڪلاس جي تهذيب ۽ ان جي پاپولر ڪلچر جي خرمستين، فرضي، لايعني ۽ گمراھ ڪندڙ سڀني حد بندين جي مخالف آهي. ۽ مرڪز کان محيط ڏانهن رخ ڪرڻ تي زور ڏئي ٿي. ۽ ان ڪري ئي لامرڪزيت ڪي هڪ اهم فڪري ۽ تهذيبي انقلاب سمجهيو وڃي ٿو.“

**تاج بلوچ**

آفيس ايڊريس:
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.

خريداريءَ جا اگهه:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

آفيس ائڊريس:
بنگلونمبر 177 گل هائوسز بلاڪ 7
گلستان جوهر، ڪراچي.
فون: 5-021-34019264

مئينيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايڊيٽر: تاج بلوچ
سب ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ايڊيٽر: حامد ڪبيري

OFF: 021_37705502
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com
sojhromonthly@gmail.com

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ڇڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ڇڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

**پٽين پار ڪين، رڻ گجيو راڙو ٿيو.**
***(شاهہ رح)***

شهيدن تي فخر ڪرڻ هر قوم کي جڳائي ٿو. سنڌي قوم بہ پنهنجن انهن شهيدن تي فخر ڪري



ٿي. پر غزالہ بتول تہ وڙهندي شهيد ٿي آهي. هونئن تہ امڙ سنڌ جو هڪ هڪ ٻچو وڏندي اڳيان ٿيندي شهيد ٿيو آهي پر هي ٻاگهل تہ گولين جي ڏڏڪار ۾ پنهنجن جي وچ مان هٿين خالي نڪتي ۽ پوليس وارن وٽ اچي ڪين فائرنگ ڪرڻ وارن کي شوٽ ڪرڻ جو چيو جڏهن هو ماٺ رهيا تہ هڪدم هڪ پوليس واري کان بندوق ڦري ۽ ڪائنرن، ڏوتن تي موٺ ۾ گوليون وسائڻ لڳي هئي، پوءِ تہ ڪيس ئي ٽارگيٽ بنايو ويو. هوءَ تہ خير اڳ ئي سنڌ امڙ سان شديد محبتن جي حوالي سان ويرين جو ٽارگيٽ بڻيل هئي. جيڪا پنهنجي آفيس ۾ بہ غيرن ڏوتن خلاف کلي عام ڳالهائيندي رهندي هئي، اها تہ ٽارگيٽ هئي ۽ گوليون سامهون ئي کاڌائين. گوليون تہ سندس مٿي ۾ هنيون ويون ۽ هن هيٺ ڪري سنڌ امڙ کي سجدو ڪيو. ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ نئين روشن ۽ جرڪندڙ تاري جو اضافو ڪري ويئي.

اهڙيون ڳالهيون يا اهڙيون حيران ڪندڙ بهادريءَ جون وارتائون، قصن ۽ ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ پڙهيون ۽ ٻڌيون آهن جيئن غزالہ بتول وڙهندي شهيد ٿي آهي. پر اهي تہ قصا ۽ ڪهاڻيون آهن حقيقت تہ ناهن هي تہ حقيقت آهي ۽ پراڻي بہ ناهي هفتي کان بہ گهٽ ڏينهن ٿيا آهن انهي حقيقت کي!

نيڪ آهي فلسطيني مجاهده ليليٰ خالد جو نالو انهيءَ ڏس ۾ اهم آهي پر هوءَ تہ اڃا بہ جيئري آهي. نيڪ آهي هن انهي ڪم ۾ جان جو جوکم ڪنيو هو پر هيئين غزالہ بتول وانگر وڙهندي تہ شهيد نہ ٿي هئي!

جڏهن تہ غزالہ بتول جو دشمن، ليليٰ خالد جي دشمن (يهودي) کان وڌيڪ مڪار، گهٽيا ۽ وڏو احسان فراموش آهي.

**ڪوپا ڪلي ڪوڏيا، راوت ڪين رهن**
**يُجا هِدُونَ فِي سبيلِ الله، ڪم اهوئي ڪن**
**حورون هار ٻڌن، سهرا شهيدن ڪي.**
***(شاهہ رح)***

سنڌ جي شهيد مائي بختاور بہ ٻٽئي جي خلاف ديرن تي بهادريءَ سان ويڙهي ۽ شُهيد ٿي ويئي، مائي بختاور جا پنهنجا ۽ مائٽن جا ديرا هئا جن جي هن حفاظت ڪئي ۽ شهيد ٿي ويئي.

منهنجو مقصد مائي بختاور جي اهميت گهٽ ڪرڻ ناهي هوءَ منهنجو فخر آهي. پر هيئن غزالہ بتول وانگيان رڳو ئي رڻ گهڙي شهيد نہ ٿي هئي، هُن کي پنهنجو ڪو بہ مفاد نہ هو سواءِ سنڌ جي.

**ڪلي وير ڪٽڪ ۾، پاڪر جو پائي**
**اڃا ان کي جيئڻ جو، آسانگو آهي**
**سورهيہ سوچائي، جو رڳوئي رڻ گهڙي.**
***(شاهہ رح)***

اهڙن مڪارن ۽ احسان فراموش دشمنن جي اڳيان اچي ڪين گوليون هڻڻ ۽ پاڻ سامهون گوليون کائڻ يقينن سنڌ ڇا سڄي دنيا جو پهريون جرئت وارو واقعو آهي جيڪو پنهنجي ڌرتي لاءِ هو، پنهنجي وطن لاءِ هو.

جڏهن سندس مقدس ساهہ جو آخر سڏڪو باقي بچيو هو تہ ان مهل سندس ويجهو بيٺل ٻڌائين ٿا تہ هن اکيون کولي سيني ۾ نهاري چيو، "مرسون، سنڌ نہ ڏيسون" ۽ اکيون بند ڪري ڌرتي امان تي پنهنجو ڪنڌ لاڙي ڇڏيو.

**ڪلي وير ڪٽڪ ۾، ساهو سپ نہ هُونِ**
**پڙ تي سيئي پُون، موٽن جنهين مهٽو.**
***(شاهہ رح)***

■



## گلزار

لوسڻ ڪيئن لُٽي
ناريءَ ڪنيون آگريون
ڏاٽي، لوهر، مڙس کي،
پيئي هُوءَ پُٽي
رئي مان ريڙون ڪدي،
آگرين تي اُٽي
دل گُهرئي دلدار لئہ،
چولو ڪيئن ڇُٽي
پيئي گهر غريب جي،
کهڙيءَ ريت کُٽي
لوسڻ ڪيئن لُٽي
ناريءَ ڪنيون آگريون.



## ذوالفقار گاڏهي

هڪڙو ڪڙهندو تہ ڪئن نہ ٻي ڪڙهندي
دل سڙي آ تہ جان ٻي سڙندي
لفظ نرگهٽ ۾ ڦٽڪندا ٿا رهن
ڳالهہ سيني ۾ ٿي وتي دڙندي
ان جا احساس مون لئہ کهڙا هن
ديد، جنهنجي پٽيان وتي رڙندي
روز پلويڙو ٿي ڏئي گذري
آس هڪڙي تہ من ڪڏهن لڙندي
هر آ ڇوڙيندي، هر ڪڙيندي آ
هر ڪِڙي مان پئي آ رت ڳڙندي.



## شبير بروهي

مند جي مهڪار کي محسوس ڪر
ساهہ جي هٻڪار کي محسوس ڪر
بارشن ۽ پوپٽن جي رنگ کي
سونهن جي سنسار کي محسوس ڪر
پيار وارو هٿ وڌيو قربت وڌي
سونهن جي اظهار کي محسوس ڪر
وارياسو نينهن پنهنجو بانورا
تنهن مٿان وسڪار کي محسوس ڪر.

*گذريل مهيني قبائلي آزار جو شڪار ٿيل شهيد شاعر شبير بروهي جو اسان وٽ پهتل آخري غزل.*




## پڇن لال

سنت ڀڳت ڪنوررام 13 اپريل سنہ 1885ع ۾ جروار ڳوٺ ۾ ڄائو جيڪو ميرپورماٿيلي جي ويجهو آهي، سندس پيءُ ماءُ ڪي اولاد ڪانہ هئي انهن ڪي رهڙڪي واري سنت دعا ڪئي ۽ وردان ڏنو تہ ڪيس هڪ ڪنول جو گل پئدا ٿيندو، انهن سنتن هن ڪي شرن ۾ ورِتو ۽ سندس نالو پڻ ڪنور رکيو. ڪنور ڀڳت جو گُرو ۽ بعد ۾ سندس پٽ سائين سترام داس ٻنهي ڀڳت ڪنور ڪي شير جامو ڏنو ۽ جيئن تہ ڀڳت ڪنور جو آواز مڌر هو ان ڪري ڪيس پوري سکيا ڏئي هدايت ڪئي تہ پٽ تون هاٽي سنڌ جي هر شهر ۾ هر ڳوٺ ۾ ڀڳت پاءُ ڪر ۽ سڄي آمدني ۽ مليل رقم، اتي جو اتي ان رات جي اختتام تي غريبن، محتاجن، گهرجائن ۾ ورهائي ڪپائي ايندو ڪر، پنهنجو ۽ پنهنجي پريوار جو گذر پنهنجي پورهئي جي ڪمائي مان ڪرڻو آهي. اهو سلسلو رهڙڪي ۾ سنتن ۾ اڳ ڪان رائج هو. ڀڳت ڪنور رام جي ذات ۾ اهو جذبو ۽ فڪر سنڌ جي صوفي بزرگن جي فڪر ۽ عمل ڪري پئدا ٿيو ان ڪري هن پنهنجي فن ۽ منڙي آواز ڪي سهارو بڻائي جيڪو بہ ملي اهو سڀ مُنيون پري غريبن ۾ ورهائي چڏيندو هو، ڪراچي ۾ 1996ع ۾ ڪنور ڪانفرنس منعقد ٿي ان ۾ سنڌ جا اديب، دانشور ۽ فنڪار شريڪ ٿيا سڄي رات مڪالا، ڀڄن، سان آواز هليا، ان ۾ محترم شيخ اياز، علي احمد بروهيءَ مڪالو پڙهيو. شيخ اياز چيو تہ ڪنور ڀڳت غير معمولي صلاحيتن جو مالڪ هو. هندن ۽ مسلمانن لاءِ برابر جي عزت ۽ حيثيت لائق هو، هن حاجتمندن جي مدد ڪئي ۽ انسانيت جي ڳالهہ ڪئي تنگ نظر ڪان عاليٰ ٿي راڳ ڪي حياتي ڏني، علي احمد بروهي چيو تہ جيئن يسوع مسيح عيسائن جي چوٽڪاري لئہ قرباني ڏني اهڙي ريت هندو جاتي لئہ ڀڳت قرباني ڏني. تقريب جي مک مهمان پير مظهر الحق پڻ شرڪت ڪئي آخر ۾ شيلڊون هاٽوڪي سنت ساڌرام ورهايون ان ڪان پوءِ فنڪارن ڳائڻ شروع ڪيو جن ۾ شازيہ خشڪ ڀڳت صاب جو ڪلام 'نالي الک جي پيڙو تار منهنجو' ڳايو. هن جا ٻيا مشهور ڪلام جام آهن. جهڙوڪ: 'آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ منهنجي ماروئڙن جي، ماروئڙن جي جهانگيڙن جي.' ٻيو، 'ڪيئن رجهايان توکي ڪيئن پرچايان، ڪيئن رجهايان، ڏَسُ ڏي ڪو ڏانءُ.' وغيره.

سنہ 1978ع ۾ پرنسپال ڪنعيالال تلريجا بمبئي مان هڪ ڪتاب نالي 'امرشهيد سنت ڪنوررام' لکي ڇپرايو. جيڪو 600 صفحا آهي ان ۾ سائين جن جي مرشد ۽ سندس نورچشم سائين سترام داس ۽ شهيد ڀڳت ڪنوررام جي حياتي تي تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي، ليکڪ اصل ڳوٺ حياتي پتافي تعلقو ميرپورماٿيلي جوهو آهي. 1955ع ۾ مئٽرڪ جي امتحان ۾ سڄي سنڌ ۾ يونيورسٽي ۾ پهريون نمبر آيو بعد ۾ ڪاليج ۾ هر امتحان ۾ فرسٽ نمبر ايندو هو. هت پڻ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪتاب 'دنيا سپ درياه' پڻ ڪنور ڀڳت تي سنہ 2012ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. ڀڳت صاحب جي هن اپريل مهيني ۾ ورسي پڻ رهڙڪي صاحب ۾ ٿي گذري. پروگرام ۽ وعدي مطابق ڀڳت صاحب آخري ڀڳت پاءُ مانجهند شهر ڪان شروع ڪيو اتان چار راتيون ڀڳت ڪري دادو آيا اتي رات جو بلهي شاهہ جو ڪلام لڳايو، 'مٽي حڪم ڪريندي يار.'

پنجي رات بہ دادو ۾ ميل ڪيائين، بعد ۾ راڌڻ ۽ نئي ديري ڪان هلندي ريل گاڏي شام جو رڪ جنڪشن تي پهتي، جتي گاڏي مٽٽي هئي، ڀڳت



غزل

## گلشن لغاري


دنيا تہ دليون روز ٽٽڻ جي پٽيان هئي
پر دل تہ کيل قول کي پاڙڻ جي پٽيان هئي
ڏونگر کي ڏجي ڏوهہ پلي ڏيرن کي ڏجي ڏوهہ
بس پاڻ سسئي عشق اجاڙڻ جي پُٺيان هئي
هڪ جسم جي پنهور کي هو برهہ جلايو
پيو خلق خدا جي بہ جلائڻ جي پٺيان هئي
هر هر ٿي ڏني، مات اسان موت مئي کي
پر پاڻ کي جندڙي مارڻ جي پٺيان هئي
هو پيار مسيحا ۽ قاتل بہ هيو پيار
امرت بہ گڏجي زهر پيارڻ جي پٺيان هئي.

*

چاهتن جا سفير آهيون اسين
دل جا ڏاڍا امير آهيون اسين
تون سان الفت جي کيئن هام هڻون
تنهنجي در جا فقير آهيون اسين
عشق بيحد تونگري بخشي
هون ۽ تہ ڏاڍا حقير آهيون اسين
سنڌ تنهنجو بلند نان ۽ رهي
تنهنجي خوشبو خمير آهيون اسين
کنهن جي وس ۾ بنهہ نہ آياسين
عشق تنهنجا اسير آهيون اسين.

صاحب ۽ شيواڌاري سامان سوڌا لٿا تہ 2 ڄڻا جن کي هٿن ۾ بندوق هئي، انهن مان هڪ ڀڳت صاحب کان نالو پڇيو ۽ رهڻ جو هنڌ پڻ معلوم ڪيو. ڀڳت صاحب ٻڌايو تہ منهن جو نالو ڪنور آهي ۽ جروارن جو ويٺل آهيان. ڀڳت صاحب پڻ انهن کان پڇيو، اوهان ڪير آهيو. انهن چيو اسان پرديسي آهيون ۽ ريل مان لٿاسين تہ خيال ڪيو تہ فقير سائين جو ديدار ڪيون ۽ دعا بہ وٺون. پوءِ ڀڳت سائين ٻيءَ ريل ۾ ويٺا ۽ پليٽ فارم جي ٻئي پاسي دريءَ کان ويٺا. گاڏي اڃا هلڻ لڳي تہ ڀڳت صاحب کي مستڪ ۾ گولي لڳي ۽ ڀڳت صاحب ليٽي پيا. رت ريلا ڪري وهي رهي هئي. گاڏي زنجير ڇڪي بيهاري وئي. ماڻهو رڙيون ڪري روئڻ لڳا. اسٽيشن ماستر گاڏي ۾ صلاح ڏني تہ جلد سکر ۾ سول اسپتال ۾ هلي ڊاڪٽر کان مدد وٺون تا ۽ گاڏي رواني ٿي پر ڀڳت صاحب جي نبض ڊري ٿيڻ لڳي ۽ آرائين اسٽيشن تي نبض بيهجي ويئي ۽ سنت پرلوڪ پڌاريا اها هئي تاريخ ماه نومبر سنہ 1939ع هن وقت بہ رهڙڪي صاحب ۾ سچي سترام داس، ڪنورڀڳت ۽ سندس مرشد جو سماڌيون آهن ۽ هن وقت گادي نشين سائين ساڌرام صاحب آهي جتي هزارين هندو حاضري ڀريندا آهن ۽ فيض حاصل ڪندا آهن.


ڀڳت ڪنوررام صاحب جي حياتيءَ تي هڪ لانگ پلي ٽيليويزن تي پڻ هليل آهي جنهن ۾ ڪنوررام جو پارٽ احمد ميمڻ ادا ڪيو آهي ۽ تمام محنت ڪئي وئي آهي ڳوٺاڻو اصل ماحول، راڳ، ڪلام ۽ رڪ اسٽيشن تي شهادت ڏيکاري وئي آهي. جيڪا اڳ رڪ اسٽيشن جنڪشن هئي اتان سکر، شڪارپور لئہ ريل مٿبي هئي اها هاڻي خستہ حال ۽ ننڍڙڪي سنگل لائن شڪارپور کان لاڙڪاڻو آهي، جنڪشن هاڻي حبيب ڪوٽ آهي جتان انجڻ ذريعي گاڏي جو منهن مٽبو آهي، رُڪ کي پٺ لڳي وئي. ڪنور ڀڳت ننڍپڻ ۾ پيءُ کي دڪان تي بہ ڪم ڪار ۾ مدد ڪندو هو، ٻني ٻاري تي پڻ ڪم ڪندو هو ۽ ڪجھ ٽائيم ڪوهر وڪڻندو هو جيڪي ڪيس ماتا رڏي ڏيندي هئي. جڏهن وڏو ٿيو تہ سندس ستگرو سائين سترامداس جي شرن ۾ رهيو ۽ ڀڄن ڀاءُ ڪرڻ لئہ هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ گرو جي آگيا سان ويندا هيا ۽ سمورو مليل سامان ۽ روڪ رقم اتي ئي غريبن، ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو، ڪوي پهلاج راءِ پنهجي ڪويتا ۾ آخري ڇھ (6) راتيون مشاعري ۾ آلاپيون آهن جنهن ۾ شهر مانجهند کان رڪ تائين مختلف شهرن ۾ ڀڳت ڀاءُ، ميل ڪندي دادو ۾ بلهي شاهہ جو ڪلام ڳايو ۽ هڪ پريمي جي فرمائش تي مارو راڳ ڳايو ۽ سڪندر بادشاهہ جو مثال ٻڌايو ۽ سندس وصيعت ٻڌائي تہ جڏهن منهنجو جنازو کڻو تہ ڪفن مان منهن جا ٻئي هٿ ٻاهر ڪڍجو تہ جيئن ماڻهن کي خبر پئي تہ سڪندر جهڙو بہ هن جهان مان خالي هٿ ويو. اهي ڪلام رڪارڊن ۾ اڄ بہ موجود آهن. ■





ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو











# اُستاد بخاري- هن دور جي احساسن جو آواز

اسان وٽ شاعريءَ ۾ تمام وڏا نالا آهن، انهن مان ميين شاهه عنايت رضوي، سيدنا پٽائي، سچل سرمست، نارائڻ، نياز، تنوير، تاج، امداد اياز ۽ استاد اهڙا شاعر آهن جن پنهنجي ٻولي، ڪلچر ۽ سماجي نفسيات کي نه صرف سمجهيو پر ان جي واڌ ويجهه لاءِ اظهار جا سڀ مروج ذريعا به استعمال ڪيا.

سچو شاعر نه صرف پنهنجي ٻوليءَ جو ڄاڻوڪار ٿئي ٿو پر هو پنهنجي سماج جي نفسياتي مامرن کي به بخوبي سمجهندو آهي ۽ هن کي پنهنجي ڪلچر، روايتن ۽ مٽ جي به ڄاڻ هوندي آهي. ڇو ته جيسين شاعر پنهنجي ماڻهن جي ثقافتي وٿن (values) ۽ نفسياتي پيچيدگين کي نٿو سمجهي تيسين ٻولي جي واڌاري ۽ سماجي ترقي ۽ تبديلي لاءِ ڪا به انرادي يا اجتماعي ڪوشش ڪري ڪو نه سگهندو ۽ نه سندس پيغام کي ادبي ۽ دائمي حيثيت ملندي.

استاد بخاري انهن شاعرن مان آهي جيڪي پنهنجي ٻولي جي واڌاري واري عمل ڏانهن هلندي پاڻ کي سماج آڏو جوابدار سمجهندو رهيا. هن وٽ اهڙا ڪوڙ سارا لفظ سندس شاعري ۾ موجود آهن جيڪي نه صرف ٻولي جي واڌاري جو سبب بڻيا پر انهن جي مسلسل استعمال سان، انهن جي شڪل ۽ حيثيت پڻ اهڃاڻي بڻجي پيئي. جيئن:

**جرڪ انبر ٽانءُ، جڙي جرڪيو خير سان**
**ڪيڏهن آيو ڪيئن، هي هيڏو ڏاهو ڏانءُ؟**
**هيڻ تنهنجو هانءُ، حيرت حيرت پيو ڪري.**

يا ٻئي هڪ بيت ۾ چوي ٿو:

**عرشان، فرشان، ڪششان، اڇي ڪا ارٿاڪ،**
**سوچون ڪنهن جي ساک، شيون ڪنهن شاهدي.**

پهرين شعر ۾ 'انبر' ۽ ٻي ۾ 'ارٿاڪ' لفظ نه صرف سنڌي ٻولي م واڌارو آهن پر ٻئي لفظ ڄڻ ته علامتون بڻجي پيا آهن. انبر هونءَ ته اُڀ يا آسمان کي چئجي ٿو ۽ ارٿاڪ، شاهدي، گواهي ۽ ساک لاءِ استعمال ٿئي ٿو. پر ٻئي لفظ پنهنجي معنوي وسعت ڪري سنڌي ادب ۾ اهڃاڻوي صورت اختيار ڪري چڪا آهن.

عام شين جو ظهور، جرڪ، عرش ۽ فرش جو هجڻ، هڪ طاقت، فهم، ازلي ۽ ابدي سچ جو احساس ڏياري ٿو ۽ اهي سڀ عام شيون شاعر کي ڪنهن اعليٰ ۽ ارفع مقصد ڏانهن رجوع ڪن ٿيون. اهي سڀ حقيقتون ۽ شيون ان علامت اوليٰ ڏانهن اشارو ڪن ٿيون جنهن جي وجود جي شاهدي هر ڪاشيءِ ڏيئي رهي آهي. استاد بخاري انهن اهڃاڻن ۽ علامتن ذريعي خالق ۽ مخلوق جي هجڻ ۽ وحدت ڏانهن اشارو ڪيو آهي.

موڪيءَ ۽ متارن جو ڪردار ۽ ڪهاڻي به علامتي نوعيت جي آهي. استاد بخاري پاڻ ساڪي بڻجي اِها ڪهاڻي ورجائي آهي. هو چوي ٿو ته موڪيءَ مئخاني سان لاڳاپيل آهي. هوءَ غمخوار ۽ دلدار به آهي ته ڪٿي رنگيلي ۽ دوکيباز به آهي. موڪيءَ جي علامت هند ۽ سنڌ مان نڪري سڄي سنسار تائين ڦهلجي ويئي آهي. ڪٿي موڪيءَ رنگ برنگي دنيا بڻجي پيئي آهي ته ڪٿي وري دکن ۽ دردن جو دارون. متارا وري سڪ، ساڃهه جو سمبل، تتل، تاسا، پياسا ۽ مشتاق آهي. ڪٿي دانا آهن ته ڪٿي مستانا آهن. اهي متارا، فنڪار، قلمڪار ۽ پريت وند پورهيت به آهن ۽ انهن جي آجيان مئخاني کي ڪرڻي آهي ۽ هر دور ۾ ڪرڻي پوندي. استاد وٽ پيشڪش جو انداز نرالو آهي چوي ٿو:

**موکيءَ تون ميخوار، متارو ميخوارُ،**
**اڳئي عشق الهوٽ، پيو مٿان سونهن خمار،**
**جهومي اڄ جهان جو، کُل ئي کاروبار،**
**ساغر ۾ سنسار، چوڻ ۾ چارو ناهه ڪو.**

اهڙي طرح سور، سوداءُ، دارون، ڊوليا، ڊاڪٽر، ڊوها ڊاڪٽر، آزارن جو انواع ۽ ڀيون اهڃاڻوي شڪلون ۽ تصور، ڀٽائيءَ ڪانپوءِ استاد پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪري، فن کي عام مقبولت جو درجو عطا ڪيو آهي. هونءَ به شاعري اتم تڏهن ليکي جڏهن منجهانئس سور ۽ ڪرب جو احساس نمايان ٿئي. هڪ هنڌ ڊوهي ڊاڪٽر لاءِ چوي ٿو:

**ڊونگي ڊاڪٽر، ويري تنهنجا ونگ،**
**ڦاسائين ڦندا وجهي، اڏرندا اڙٻنگ،**
**انجيڪشن جي آڙ ۾، ڏنيين مارين ڏنگ،**
**پيارين جي زهري زنگ، پيلو پنڊ ڪريو ڇڏين.**

وري سچاڻ ڊاڪٽر لاءِ چوي ٿو:

**ڊوليا ڊاڪٽر غريبن غمخوار،**
**ڏسيو ڏيل ڏسيو ڇڏين، اندر جا آزار**
**تو وٽ سار سڀن جي، سڪتا ساهوڪار**
**انساني اطوار، توکي طب ڏئي ڇڏيا.**

استاد وٽ هر اُهو ماڻهو جيڪو ڊوهو آهي، ڏڏ آهي يا عطائي آهي سو انساني سماج لاءِ هاڃيڪار آهي پوءِ اُهو چونه سائنسدان هجي، استاد هجي، ڊاڪٽر هجي يا سياستدان هجي. پر ان جي ابتڙ سچا ۽ چاڱو انسان ديش دروهي نٿا ٿين.

هنن وٽ مٽيا آهي، ڪيميا آهي. هو ڏسندي ئي سورسڃاڻي وٺي ٿو ۽ درست دوا ڪري ٿو.

استاد بخاري اها ڳالهه سمجهي ٿو ته حسن ۽ عشق جون ڳالهيون، انسان کي هڪ آدرشي رستي ڏانهن وٺي وڃن ٿيون. انکي هو مجاز کي آجڪي جو ذريعو ۽ آب جهڙي انساني گهرج به سمجهي ٿو ته روحاني خوراڪ به. استاد مجازي ماهرن کي نهايت تفصيل سان بيان ڪري ٿو ۽ هر پاسي کي هر لحاظ سان ڇهڻ جي ڪوشش به ڪري ٿو. چاڪاڻ جو مجاز وڪوڙي به چوڌاري ڇڏيو آهي؛ صرف استاد کي نه، پر هر چاهيندڙ کي. هڪ وائي ۾ چوي ٿو:

**ماکيءَ مانارو**
**پاڙو تو وارو**
**پاڙو تو وارو، ويڙهو تو وارو.**
**ڏاڍا ڏنگ گهٽا تا مارن،**
**پوءِ به پرين پيارو، پاڙو تو وارو.**
**ماکيءَ ميٺ ٿي بتي ٿي بٽجي، ڊڪجي انڌارو.**
**پاڙو تو وارو**
**تڏڙا ساهه ۽ ڪوسيون آهون، سيارو اونهارو،**
**پاڙو تو وارو.**
**بوسا ماکي لار بخاري، وسڪي ويچارو،**
**پاڙو تو وارو.**

استاد متين وائي ۾ مجاز جي طاقت ۽ تونس کي تسليم ڪندي آجڪي جو ذريعو ۽ جسماني گهرج به سمجهيو آهي ته روحاني خوراڪ به. استاد سگمنڊ فرائيڊ جي ٿيوري کي مڃي ٿو يا نه، اسان کي انهي بحث ۾ پوڻو ناهي، صرف اهو ٻڌائڻو آهي ته هن پنهنجي سماج ۾ مروج نفسياتي روين موجب انساني من جي دنيا (Mentalism) جو تجزياتي دائرو مقرر ڪيو آهي.

توهان کي ڄاڻ آهي ته (Male Oreinted Society) ۾ عورت جي جنسياتي نفسيات مرد جي تابع ٿئي ٿي. جنسياتي خواهشن جو پورائو چاهيندي به عورت مجبور آهي ۽ مرد آزاد. استاد هلڪوئي سهي پر اهڙو آواز اٿاريو ضرور آهي. هڪ وائي ۾ مارئي جي زباني چوي ٿو:

**سُهڻيون، هيرون، سورٺون**
**هر ڪا سُورُ سڙي**
**ڪوهَ وڪوڙي سسئي**
**ڪو ٿن آءُ ڪَڙي.**

سونهن جي انتخاب ۽ سونهن جي اظهار لاءِ هر ڪو شاعر آزاد آهي. استاد به اهو حق ڀرپور نموني حاصل ڪيو آهي. هو سندرتا جي ڪيفيت ۽ عاشق جي اندروني ڪرب کي اهڙي سليقي ۽ ادب سان بيان ڪري ٿو جو هرڪو چاهيندڙ ان کي پنهنجي ماجرا سمجهي ٿو. چوي ٿو:

**جنهن مهل مڇي مون ڏي اڃين ٿي پياري**
**نئن گاج ٿي ڪاڇي تي لهين ٿي پياري**
**پکڙجي ٿي وڃين من جي ٻنيءَ ٻاري ۾**
**پُڇ مونکان نه تون، پنهنجي پرين ٻاري ۾**
**انگ انگ ۾ تون رنگ، رڱين ٿي پياري.**

بيت ۽ وائي ۾ خاص طور تي واردات جو عنصر وڌيڪ هوندو آهي ۽ گهٽو ڪري اهي ٻئي صنفون ڏنتزيل سماجن ۾ لکيون ۽ پڙهيون وينديون آهن. وائي جي لفظي معنيٰ به واهِ واهِ ڪرڻ يا دانهون ۽ ڪوڪون ڪرڻ آهي. استاد پنهنجي شاعريءَ جي هڪ مجموعي جو نالو به ڪوڪڻ ۽ ڪلياڻ رکيو آهي. هو انهي مجموعي ذريعي اسان کان پڇڻ ٿو چاهي ته اسان جي سماج ۾ ڪوڪڻ گهٽو آهي يا ڪلياڻ؟ انهي سلسلي ۾ هن قهر، ڪُوپ ۽ ڪلياڻ جي وضاحت به ڪئي آهي. گڏوگڏ پنهنجي سماج کي مات سان رهڻ واري روشن ۽ مامري جي پيچيدگي جو احساس به ڏياريو آهي. چوي ٿو:

**قهرن ۾ ڪوڪڻ وڌي، قربن ۾ ڪلياڻ**
**سڪڻ جي سنسار جو، سچ اِهو اُهڃاڻ**
**محفل ۾ مانڌاڻ، تنهنجي مات مُٺي وڌو.**

هن ننڍڙي ليک ۾ مان استاد لاءِ اهو نه ڄاڻائي سگهيو آهيان ته هن انساني ڪردارن ۽ انهن سان مهاڏو اٽڪائيندڙ طاقتور هٿن جي خلاف ڪا نظرياتي جدوجهد ڪئي آهي. آئون اهو به نه ٻڌائي سگهيو آهيان ته استاد، نئين دور جي پانڌيئڙن ۽ آئيندي جي نسل کي اميد جي نويد سڻائي آهي ۽ استاد جو اهو خيال به اوهان آڏو ڪولي ڪونه سگهيو آهيان ته هو انساني برادري ڏانهن ايندڙ ٽين جنگ جي طبل وڄڻ ۽ ان جي تباه ڪارين کان ڪيڏو خوفزده هو ۽ هو امن ۽ خوشحالي جو متلاشي هو.

اسان کي اهو احساس شدت سان ٿيندو رهندو ته استاد جهڙي مهان ڪلاڪار ۽ شاعر جي اها سهائتا ڪري ڪونه سگهياسين جيڪا سندس حق هئي. ان جو سبب شايد اهو هو ته استاد وقت کان اڳ پيدا ٿيو.

اساد بخاري اسان جي روين توڙي قدر ناشناسي کان بي پرواه ٿي، اجتماعي سوچ جو سنيهو ڏيندو رهيو. هو اسان کي منزل تي جيڪڏهن نه پهچائي سگهيو ته به منزل جو ڏڳ ۽ پيچرو ته ٻڌائي ويو.


بقول شيخ اياز:

**چانڊوڪي راتين ۾، ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان**
**ڇڻ تون هئين،**
**يا سڳندن ۾ پريل، ڪنهن واءُ جي جهوٽي**
**جيان ڇڻ تون هئين،**
**ڪيرٽر تان گڊڪو، نئن گاج تي جيئن جُهڪي،**
**تيئن مان هيس،**
**تون ملين مون کي ته سارو جڳ مليو، ٻيو ڇا کپي،**
**منهجي سَڪي،**
**ماڳ ڏاڍو آ پري، جي ڏڳ مليو ٻيو ڇا کپي،**
**منهنجي سَڪي.**

استاد اسان کي ماڳ ته ڪونه موٽايو پر ڏڳ ضرور ٻڌايو آهي. استاد کي اهو به اعزاز آهي ته هو هر مظلوم جي اندر جو آواز بڻجي، نئين دور جي گهرجن جي پورائي لاءِ جيسين زنده هيو پنهنجي قوم جي رهبري ڪندو رهيو ۽ مرڻ پڇاڻان به هن جو آواز گونجي ٿو ته:

**هڪ ذات کي هڪ ذات مٿان ناز آهي،**
**هڪ طرز نئين طرز جو اعزاز آهي**
**استاد بخاري جو تعارف هي آ**
**هن دور جي احساس جو آواز آهي.** ■


## تاهه



**نماڻو صديق مهيسر**

تون ته نفرت سان ٺڪارين ٿو خدا جي مخلوق
آءٌ پاڻ ۾ چاهت جي خوشبوءِ سان
دل ۾ آباد ڪري خلق وسائي آهي
چاهه دولت سان ڪري، ڌَر کي ٺڪارين تون ٿو
گيت ڳائين ٿو سدا ديش دروهين جا
آءٌ ڌَر جي ڌُوتن جي خلاف
هڪ لڳاتار ويڙهه ۾ آهيان مصروف
ناهه توسان نه ڪڏهن ٺيٺو آهه.

# ڪائنات انسان جي نظر ۾



هيوبرٽ ريوز/سليم نور حسين

**ٽِن ڏڏڪن جي وري پچار:**

سائنس، ماڻهو ۽ ديوتائن/خُدائن جي وچ ۾ آڳاٽي سبنڌ کي رد ڪرڻ ڪانپوءِ، ڪيئنن ٿي ڪائنات ۾ انسان جي سنڌ بابت نئين نهار (vision) جي ڳالهه ڪري سگهي؟ جن ڏڏڪن جو سوير ذڪر ڪيو اٿئون، تِن تي هڪ هڪ ڪري ويچارڻ سان ۽ سائنس جوِن سيهوڳي ڪائنات-ڄاڻ جي وڏيڪ ويڪري ياڪُر ۾ ڪيل لڀُن (findings) کي هڪبئي سان ٺهڪائڻ (integrate) سان اسان انهن جي تڪ تور الڳ نموني ڪري ۽ انهن کي نئين معنيٰ ڏيئي سگهون ٿا. ٿورن لفظن ۾، اهي ڏڏڪا انسانذات جي ڪائنات واري نهار کي صحتمند رکندڙ هئا. انهن اسان لاءِ آڳاٽي اڻ گهڙيل زماني واري پارپٽي (primitive infantilism) کان ڇوٽڪارو ڏياري ڪائنات جون حقيقي خاصيون ڄاڻڻ جي راهه کولي.

ڪائنات جي بي انت هجڻ جي پُرجهه سان جيڪو هيئتي ڏڏڪو آيو، سو ڇا هو؟ اِن اسان کي ٻڌايو ته ڪائنات جي بي انتهائي اجايو زيان نه آهي. يا يونائين جي سسوچيل پئماني تي ڊانٽي (Dante) واري يا وري ڪائنات بابت يونانين جي سوچيل پئماني تي آڏاريل ننڍڙي دُنيا ۾ مادو ڪابه جيوت يا سُرت جنمي نه سگهي ها. اسان جو ميچالو اجگر تارن اندر جنم وٺندڙ ائٽمن جو جڙيل آهي. ِن لاءِ اسان واري کير ولي واٽ جهڙين ڪهڪشائن ۾ اِربين ورهين کان ٻرندڙ تارن جون ڪيئي پيڙهيون گُهرجن ٿيون. تارن جي اڻ ڳٽيل ڌماڪن اُپتائتا ائٽم ڇوڙي ٻاهرين پولار جي بي انتهائيءَ ۾ پوکيا آهن.

۽ پڻ هاڻ اِهو نروار ٿي چُڪو آهي ته ڪائنات جو پکڙجڻ/ ڦهلجڻ به ڌرتي تي جيوت جي پڌري ٿيڻ لاءِ تمام ضروري آهي. ان جا ڪيترائي ڪارڻ آهن. پهريون هيءَ ته پکڙجڻ جي ڪري ڪائنات ٿڌي ٿئي ٿي ۽ اِن ٿڌاڻ جي ڪري ذرڙا پاڻ ۾ گڏجي ۽ ٻڌجي سگهن ٿا. تنهن ڪانسواءِ ڪائنات جو ڦهلاءُ ڪهڪشائن جي وچوارين وٿين کي لاڳيتو وڌائي قُدرتي پراسيس هٿان پيدا ٿيل بدنظميءَ کي ڇٽري ڪرڻ جو ڪم ڪري پيوچيدن سرشتن کي پورنتا ماڻڻ جو ڳو ڪري ٿو.

جيوت کي نروار ٿيڻ ۾ ڪيئي ارب ورهيه لڳن ٿا. انهيءَ وچ ۾ ڦهلاءُ (expansion) ڪهڪشائن کي اربين روشنيءَ ورهين تائين پکيڙي ڇڏي ٿو. هئيتي ڏڏڪي انساني خاصيتون رکندڙ جيون سان آباد جيتامڙي اُپ جي جاءِ تي ڪائنات جي گرپ وند تَپ جنهن اسان کي جنميو، تنهن سان جهونگاريندڙ بي انت پولار آندو. پولار نه رڳو گِرهن کي ڇوڏاري گهيري ٿو، جيئن اسان جا گذاري وِيل وڏا مجيندا هئا، بلڪ اهو جيوت پڻ جنمي ٿو، ۽ ان ڪم لاءِ ان جي تمام وڏي پکيڙ گهرجي ٿي.


حياتياتي اُسراڻ جي لپ ٻيو ڏڏڪو سِرجيو آهي. ان کي اوائلي سُمندن منجهه ڪيميائي اُسراڻ ۽ تارن اندر ائٽمي اُسراڻ جي پاسي رکي اسان پاڻ واري ڪائنات جي گرپ وند هجڻ جون وِکون هڪ هڪ ڪري لهون ٿا.


اسان ديوتائن/خدائن جا پونير هجڻ بدران اسان هڪڙي ڏکي چاڙهيءَ جي چوٽيءَ تي پر گهٽ ٿيون ٿا. اسان جي شجري ۾، وِڪ وِڪ پٽتي ويندي، ٽٽيارا، سُرٽا، ڇهيون ۽ هَڪ گهرڙيا جيتامڙا ساهوارا (protozoars)، ۽ ڪائنئن اجا پٽتي، راڪاس جهڙا اڻ (giant moluntes)، سادا اٽا، ائٽم، نيوڪليئي (nuclei)، نيوڪلان، ۽ وڏي ڌيبوڙي (Big Bang) وارا شروعاتي ذرڙا شامل ٿيندا وڃن ٿا. اڪري-عنصرن جو ميلاپ ۽ تَهن مٿان تهه وڌل لپيون فطرت جا پيچيدگي (complexity) اڏڻ جَا دلپسند طريقا آهن. اسان جي ڪٽنبي شجري جي اصل پاڙن جي ميجتا نروار ڪري ٿي ته جيڪا به وٿ وجود ۾ آهي، تنهن سان ويجهي مائٽي اٿئون، ۽ پڻ ڪائناتي مادي جي جوڙجڪي لاڙي ۾ کهڙي جاءِ اٿئون.

ساڳي وقت اهو پڻ ٿورو وڌيڪ چٽو ٿئي ٿو ته جوڙجڪ ۽ پيچيدگي ڪيئنَ آڳاٽي ولوڙ (primordial chaos) منجهان اُپرڻ جو ڳا ٿيا. جيئن ئي گهٽجندڙ گرمي پدن ڪين وجهه ڏنو، تيئن ئي ڪائناتي دمپخت تي ڪم ڪندڙ قدرتي طاقتن مادو جوڙي ورتو. اتفاق (chance) پڻ انهن طاقتن جي پاڻ ۾ وچڙڻ جو حصو هو، پر ان جي ڪردار وري تشريح لازم آهي. اها ساک ته اٽڪئمتن مظهرن (random phenomena) جو جانورن جي اُسرڻ ۾ هٿ هو تنهن کي انهيءَ ڳالهه جي ثابتي ڄاڻايو وڃي ٿو ته قدرت وٽ ڪائي "مک رِٿا" (master plan) ڪانه آهي.



**تاج بلوچ** جي ٻن ڪتابن 'چڙيون چڙيون خواب' ۽ 'گريف اِن ٽئٽرس' جي ملڻ جو هنڌ




## ٿامس اينڊ ٿامس صدر ڪراچي ۽ رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو

(مونکي پتو ناهي تہ وٿس آهي يا نہ.) اُسراڻ واري نظريئي جي ڏِس ۾، اتفاق کي مادي جي زبردست اِمڪانن کي ساپيا ڪرڻ وارو ضرور ڪِردار ادا ڪندي ڏِسي سگهجي ٿو.

ٻوٽن ۽ جانورن جي راڄن ۾ جيوت جي صورتن جي شاهوڪاري ۽ گوناگوني انهيءَ حقيقت سان لاڳاپيل آهن تہ طبعي قاعدا قانون متلف وٿن جي ذري گهٽ بي انت گوناگونيءَ کي موجود رهڻ ڏين ٿا. تارن جي ڪوٺاريءَ ۾ نيوڪليئي جو پاڻ ۾ ٽڪرجڻ، آڳاٽي سمنڊ ۾ اٽن جا پَڪڙَ، ۽ ڪائناتي شعاعن جو جيئرن گهرڙن تي اثر اهڙن اٽڪئتن مظهرن جا مثال آهن، جيڪي دائمي طرح نئون ۽ بيمثال سرجيندا رهن ٿا. اهي حادثاتي واقعا سا چاٻي آهن، جيڪا قدرت جي حيرت انگيز امڪانن کي کولي ٿي. ڪنهن بہ اتفاق کان پالهي ڪائنات توٽي اهڙي دنيا جنهن جو هر واقعو سڄي جو سڄو اڳ رٿيل هجي، ٻئي ڪجہ ڪونہ ڏينديون سواءِ ٻُس ۽ مو ڳائيءَ ۽ اجائي رينگٽ جي.

اسان واري ڪائنات جيڪي گڻ اسان لاءِ اجا تائين ڳُجهہ ڳجهاندر ڳالهڙي آهن، سي هتي ئي آهن. اسانجي چيد مادي جي وهنوار کي هلائيندڙ ڪوڙ سارين حسابي حدن جي پاڻ ۾ پلوڙ سرچاءَ (fine adjustment) جو ڏَسڻُ ڏنو هو. اسان کي عدم توازن جي مرحلن جي آوت (advent) ۽ انهن جي پيچيدگيءَ جي نِرواريءَ ۾ مڪيہ هٿ وندِ جي خاص طرح پُرجهہ هُئي.

جوڙجڪ جي "گرمائشي موت" يعني توازن واري حالت جي قائم ٿيڻ جو جوکو سدائين رهي ٿو. اها خوشقسمتي آهي تہ ڪائناتي ڦهلاءَ جي مهربانيءَ سان مادو انهن موتمار حالتن کان بچي وڃي ٿو. اها اسان لاءِ مهلت (reprieve) آهي، جيڪا لاڳيتي وڌائجندي رهي ٿي ۽ اهڙيءَ ريت اسانکي نواڻ آڻڻ ۽ ٽاٽو ٽپائڻ جو وقت ملندو رهي ٿو.

جيڪي مٿي چيو ائٿون، سو تن عنصرن جي نئين تشريح آهي، جيڪي حياتياتي ڏڏڪي ا ڪارڻ بڻيا هئا. اسين تنهن بيحد شاهوڪار، اُڪتي (inventive) مادي جي امڪانن جي پڏراي آهيون، جن جي ساپيا ٿيڻ لا اتفاق جي وچ ۾ پوڻ جي لوڙ پوي ٿي. اوسر (development) جي انهيءَ رٿ ۾ اسان جي جاءِ ديوتائن/ خدائن واري لاهيءَ تي نہ پر باندرن ۽ ائين ڄاڻجندڙ (so-called) هيٺين درجي وارن جانورن واري چاڙهيءَ تي آهي. اِهو اُسراڻ-مادو سمورو ٿائر جيڪا هلت هليو، سا اسان اجا تائين پروڙي نہ سگهيا آهيون، پر تڏهن بہ اسان وٽ ائين وسهڻ لاءِ ڪافي سبب آهن جيڪڏهن اها هلت مختلف هجي ها تہ اسان ان تي بحث لاءِ هت موجود نہ هُجون ها.

نفسياتي ڏڏڪي جي اهميت هيءَ هُئي تہ ان ڪائنات بابت اسانجي سوچ کي پاڪ ڪيو. ان اسانجي تِن اڻچت (unconscious) پراسين جي ڄاڻ ڏني، جيڪي اَسان کي پنهنجن اندروني تڪرارن جا عامل (agents) اپ تائين اماڻڻ (project) ڏانهن وٺي وجن ٿا. پر هيءَ سمجهائي اسانکي پنهنجي بقا جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪا واهر نٿي ڪري. جڏهن بار پاڻ ۾ اڳرو ڳالهائيندا آهن تڏهن ڪو وڏو وچ ۾ پئي ڪين هڪ ٻئي کي ڏَڪن کان روڪيندو آهي. هاڻ اسان کي سُڌ آهي تہ جنگ جي مامري ۾ ڪوئي خدا- انسان جي نفسياتي پرجيڪشن جي پئداوار- چُٽل ائٽمي مزائيلن کي نہ روڪيندو. هڪڙو پيرو نہ اسان اهي مزائيل ڇوڙي وڌا تہ پوءِ ڪجہ بہ زبردست رتوڇاڻ ۽ تباهيءَ کي روڪي نہ سگهندو. ■

# وائي

## ياسين چانڊيو

ڪاري رات، ناهي نيٽن روشني
ناهي ڪائي جهات
هيڪل پنڌ پوان.
ڏوران ڪوئي پڪاري
رستي تي سڙٻاٽ
هيڪل پنڌ پوان.
اندر ۾ پيڙائون
زخمي ٿيا جذبات
هيڪل پنڌ پوان.
ساڻ رهي تنهائي
پوءِ بہ نہ ڪائي بات
هيڪل پنڌ پوان.
سچ قتل ٿي آ ويو
ڪيئن اچي پرڀات
هيڪل پنڌ پوان.

***

## رياض ميراڻي

آئي ويل هلي وئي
هوءَ بہ هيل هلي وئي
مور ٺهوڪا پئي ڪيا
ٻوڙي ٻيل هلي وئي
مان تنها بيٺو رهيس
ٻئي سان ٻيل هلي وئي
قيدياڻي هيءَ زندگي
ڪاٽي جيلَ هلي وئي
ڪائي سازش وڏي ٿي وئي
آزمائش وِڏي ٿي وئي
آس ايڏيون اُميدون ڪَيون
خواب خواهش وڏي ٿي وئي
مال دولت ننگي جسم جي
آ نمائش وڏي ٿي وئي.

***

## شير محمد هاليپوٽو

هوءَ منهنجا غزل ٿي پڙهي سانوري
روح ڪُرٽن جي هيٺان اَڙي سانوري
هيل بارش بہ آزار بڻجي پئي
درد منهنجا ٿي ڪائي چَڙي سانوري
ڪنهن قديمي پٿر جي ڪهاڻي پڙهي
ٿي نوان روز نقشا گهڙي سانوري
ڪنهن جڏهن گل ڇاڻيا بهارن ۾ آهن
ٿي انهي سور ۾ ڏس سڙي سانوري
سوچ احساس جي دل ۾ مهڪي پئي
شير چِت تي پئي ڪا چڙهي سانوري.



# ماڻڪتارو

## سنڌ جو هڪ قديم تاريخي ماڳ

**بشير سيتائي**

دادو شهر کان 12 ڪلوميٽر اتر طرف ۽ ڦلجي اسٽيشن کان هڪ ڪلوميٽر اوڀر طرف سنڌ جو هي قديم تاريخي ماڳ آهي جو هن وقت هڪ قديم دڙي جي صورت ۾ آهي. هي دڙو ويهن ايڪڙن تي ڦهليل آهي. دڙي جي اوچائي پندرهن کان چاليهه فوٽن تائين آهي. صدين کان پوندڙ زوردار برساتيون ان جي اوچائي کي متاثر ڪيو آهي. دڙي جي چوطرف آباديون آهن. اولهه پاسي هڪ پير راڌڻ فقير جي مزار آهي ۽ اوڀر پاسي هڪ ڪلوميٽر تي قاضي پير محمد سولنگي جو ڳوٺ آهي.

هن ماڳ کي 'ماڻڪتارو' چيو وڃي ٿو. محققن جو چوڻ آهي، "ماڻڪتارو، ماڻڪ ڪوٽ جو مخفف آهي جيڪو ڪوٽ ماڇي جي نالي سان به تاريخن ۾ ڄاڻايل آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته 'اهو اصل ۾ ماڻڪ چارو آهي جنهنجو بگاڙ ماڻڪتارو ٿي ويو آهي.' اصل ۾ هي ماڳ آڳاٽي دور ۾ وڻج واپار (Business & Commerce) جو مکيه مرڪز (Hub) هو. ان دور ۾ هي هڪ دريائي بندر هيو. سموري تجارت ۽ آمدرفت دريائي ٻيڙن ذريعي ٿيندي هئي. هن جي پر ۾ سيتا، ناصراڻي، پراڻو ديرو، موندر، فتح پور، رڪڻ ۽ لليا مشهور قديم تاريخ پتڻ هئا، جتي مال ۽ اناج دريا جي هن ڪپ کان هُن ڪپ تائين ننڍين وڏين ٻيڙين ذريعي ايندو ويندو رهندو هو. سنڌو دريا ۾ بار برداري لاءِ وڏا ٻيڙا به انهن پتڻن تي هلندا هئا جيڪي ٿي هزار مڻ بار کڻي سگهندا هئا، ڪي ٻيڙا سٺ ستر خدار اناج جا مڻ به کڻي هڪ ڪنڌي کان ٻي ڪنڌي تائين پهچائيندا هئا. ۽ زوردار دريائي ڇولين جو زور برداشت ڪري سگهندا هئا. هر پتڻ تي تجارتي ڪوٺيون هونديون هيون. انهن سمورن پتڻن جو مال ماڻڪتاري اچي گڏ ٿيندو هيو. مٿين پتڻن کان مختلف چارا ماڻڪتاري تائين ايندا هئا. جيئن ته دريائي پتڻن کان ماڻڪتاري تائين پهچڻ لاءِ اهي چارا ٻيلن، گهاٽن جهنگلن مان نڪرندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن اتن جا قافلا اهي چارا وڃائي ويهندا هئا ۽ ڪڏهن دريائي دلدل ۾ ڦاسي پوندا هئا. ان ڪري هو هنڌين ماڳين ڪچي ۾ رهندڙ ڄاڻو ماڻهن کان ماڻڪ ڏانهن ايندڙ چاري بابت پڇندا هئا، جنهن مان اهو انومان آهي ته ان ماڳ تي ماڻڪ چارو نالو پيو جو بعد ۾ ماڻڪتارو بڻجي ويو. پر تاريخ ۾ ان ماڳ تي انهي نالي پوڻ جي ڪابه سُڌ ڏنل نه آهي. سنڌي تاريخن ۾ ان کي "مانڪتاره" ۽ "مانگتاره" لکيو ويو آهي. هي ماڳ هڪ وڏو دريائي بندر هيو جنهن کي مٿي ڄاڻايل سيني پتڻن کان مرڪزي حيثيت حاصل هئي. جتان سنڌ جو تيلي ٻج، گيهه، مکڻ، نير، ڪونئر، چانور، چمڙو، چوپايو مال، ڳڙ مٺائي ۽ ٻيو ڪوڙ سارو خام مال ڏورانهين شهرن، ڳوٺن، وستين، واهڻن بلڪ ڏيساور به موڪليو ويندو هو.

تحفة الڪرام (مير علي شير قانع ٺٽوي/ سنڌيڪار مخدوم امير احمد) صفحه 110 مطابق، "سلطان آرام شاهه جي وقت ۾ بادشاهي چار حصا ٿي وئي جن مان اُچ ۽ سڄي سنڌ تي ناصر الدين قباچه جو حڪم جاري ٿيڻ لڳو. انهي وقت سنڌ جي سرزمين تي، انهن ڄاين تي، جيڪي اڳتي هلي بيان ٿينديون ست راڻا، ملتان جا ڏن پرو هئا. پهريون راڻو سهتو پوئنر راڻوڙ رهندڙ ڊيرو تعلقو دربيلو. ٻيو راڻو سنر ولد ڏماچ ڪوريجو سمو رهندڙ تونگ جيڪو روپاه جي حدن ۾ هو. ٽيون جيسر ولد ججه (ججو) ماڇي سولنگي رهندڙ مانگتارو. چوٿون وڪيو ولد پنهون چنو ساڪن سيوئي جو لڪ، پنجون چنو ولد ڏهتہ (ڏيٿو) ذات چنو ساڪن ٻاڳ نئي (ناڙي) ڇهون جيوبن بن ورياهه ساڪن جهم يعني هيمه ڪوٽ ۽ ستون جسودن آگرو رهندڙ مين ٽڪر تعلقو پانيرواه."

تحفة الڪرام جي مٿين عبارت صاف صاف ٻڌائي رهي آهي ته سلطان آرام شاهه جي وقت ۾ سنڌ جا ست راڻا ناصر الدين قباچه جي حڪم هيٺ هئا. انهن ۾ ٽئين نمبر وارو راڻو جنهن کي راجا جيسر يا راڻو جيسر چيو وڃي ٿو سو جيجو جو پٽ ۽ ذات جو ماڇي سولنگي هيو ۽ ماڻڪتارو ان جي رياست هئي ان ڪري سنڌ جو ماڇي سولنگي قبيلو اڄ به ماڻڪتاري کي پنهنجي گذريل راجائن جي راڄڌاني سمجهي ٿو. ياد رهي ته ناصر الدين قباچه جي سنڌ تي حڪمراني سال 1206ع کان 1228ع تائين يعني ٻاويهه سال رهي. قباچه جي سلطنت جا خاص شهر ۽ مرڪز اُچ ۽ ملتان رهيا پر سنڌ ۾ هنجي ٽئين نمبر ماتحت راجا جيسر جي راڄڌاني

جو هي شهر ماڙڪتارو سنڌي تهذيب ۽ ثقافت، هنر ۽ تجارت جي حوالي سان اوج تي رهيو ۽ ان جي رونق ۾ اضافو ٿيندو رهيو. جيسر پنهنجي ايامڪاري ۾ پنهنجي راڄڌانيءَ جي بچاءِ لاءِ ٻيا ڪوٽ ۽ قلعا به ٺهرايا. ڪوٽ ماڇي انهن ڪوٽن ۽ قلعن ۾ وڏيڪ اهميت وارو هيو.

ماڙڪتاري جهڙي ڀريل ڀڪيل وستي کي ارغون تباهه ڪيو، ڪوٽ ۽ قلعا زمين دوز ڪيا، سامان لٽيو. ڪيترن بيگناهه ماڻهن کي ماريو، ساڙيو ۽ ڪٺو. ۽ پوري خطي کي باهيون ڏئي برباد ڪيو. فارسي ۾ لکيل مير محمد معصوم بکري جي تاريخ معصومي جي صفحي 150 تي لکيل آهي،

”در شهر ربيع الثاني شاه بيگ بحوالي باغبانان رسيد فرمان لازم الاذعان بنام ميرزا شاه حسن و امرا اعظام باحضار ايشان صادر فرمودند چُون مردم شاه بيگ کوچ و متعلقان همراه داشتند در نواحي باغبانان فرود آمده مردم ماچيان که طغيان وزيده سر از اطاعت و انقياد کشيده بودند همه را بقتل رسانيدند و احوال و مواشي آنهارا غارت نموده ان و مان و قلعه آنها بخاک برابر ساختند.“

يعني ته مهيني ربيع الثاني ۾ شاه بيگ باغبان جي حدن ۾ پهتو ۽ اتان مرزا شاه حسن ۽ وڏن اميرن جي حاضر ٿيڻ جو حڪم جاري ڪيائين. جيئن ته شاه بيگ جي ماڻهن سان زالون ۽ ٻار ٻچا به گڏ هئا سي باغبان جي آس پاس لهي پيا. ۽ ماڇي ماڻهو جن بغاوت ڪئي، فرمانبرداري ۽ اطاعت کان منهن موڙيو تن سيني کي قتل ڪيو ويو انهن جي ملڪيت ۽ مال ڦري گهر گهاٽ برباد ڪري ۽ قلعو ڊاهي زمين برابر ڪيو ويو.“

تاريخ معصومي جي مٿين عبادت مان معلوم ٿئي ٿو ته شاه بيگ ارغون هن خطي ۾ پهچي مقامي اميرن ۽ بااثر ماڻهن کي اطاعت جو فرمان جاري ڪيو مگر محب وطن ماڻهن ان وٽ پيش پوڻ ۽ اطاعت قبول ڪرڻ کان بنه انڪار ڪو جن ۾ ماڇي سولنگي قبيلو پيش پيش هئا. انهن جي سرڪشي ۽ نافرماني کي ڏسي هن ظالم قتل عام جو حڪم ڏنو. ڦرلٽ ڪئي. ۽ باغبان جي پوري پرڳڻي کي برباد ڪري ڇڏيو. شهرن ڳوٺن ۽ وسندين کي باهيون ڏنيون. جيڪي ڪيترو ڏينهن تائين ٻرنديون رهيون. ڪيترن قلعن کي زمين دوز ڪرائي ڇڏيائين. ڪوٽ ماڇي جو مقامي روايتن مطابق ماڙڪتاري وارو ماڳ آهي. ميساري/ ڪيرائي زمين سان هموار ڪيرائي ڇڏيائين. ياد رهي ته ماڙڪتاري وارو ماڳ باغبان کان ڇئن ڪلوميٽرن تي واقع آهي. جتي مخدوم بلاول پنهنجي ڪيترن پيارن ساٿين سان ملڻ لاءِ ايندو هو. تحفة الڪرام جي صفحي 152 تي به ساڳي ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي عبارت هن ريت آهي، ”ربيع الثاني مهيني ۾ شاهه بيگ پاڻ باغبان جي آس پاس پهچي مرزا شاهه حسن کي پاڻ وٽ گهرايو. ۽ ماڇي جن خود مختاري جو دعويٰ ٿي ڪئي تن کي ختم ڪري سندن قلعي جو بنياد ڪڍي ڇڏيائين.“

شاه بيگ جي وفات، تاريخن 1521ع ڄاڻائي آهي پر سنڌ تي ارغونن جو هي بدترين دور 1554ع تائين رهيو. ماڙڪتاري جي مڪمل بربادي ۽ کنڊرات ۾ تبديل ٿيڻ جو سال 1520ع آهي.

ماڙڪتارو جنهن ڪيئي دور ڏٺا. ۽ زماني جي لاهين چاڙهين مان گذريو. ماڇي راجائن جي راڄڌاني رهيو. زماني جون ڪيئي ستمگريون سَنيون. هاڻ هي دڙي جي صورت ۾ مختلف تاريخي دورن جا دفينا پنهنجي سيني ۾ سانديو پنهنجي بربادي ۽ وس وارن ادارن جي سرد مهري ۽ لاءِ فرضائي تي ماتم ڪري رهيو آهي.

هن دڙي ۽ خاص طرح جهونن آثارن جي ماهر اين جي مجمدار سال 1936ع ۾ ٿوري کوٽائي ڪرائي انکي تاريخي ماڳ طور رڪارڊ جو حصو بڻايو پر جيئن ته هو ”جوهي“ پاسي کيرٿر رينج جي پاهڻي دور وارن ماڳن ۾ زياده دلچسپي رکندڙ هو ان ڪري هن اتي کوٽايون ڪرايون جتي کيس ڪاميابيون مليون. هو انهن کوٽاين سان سنڌ تي ايران جي اثر انداز ٿيندڙ تهذيب جا لڪل گوشا نروار ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ رڌل هو ۽ هن اهڙن ڪيترن ماڳن جي نشاندهي به ڪئي جا سندس ڪتاب Exploration in Sindh مان ظاهر آهي هن کي اهڙا فرائض سرانجام ڏيندي ’جوهي‘ پاسي نئين گاج پرسان ’روهيل ڪنڊ‘ وٽ ڪنهن ماڻهو قتل ڪري ڇڏيو. قاتل کي شايد اهو گمان هيو ته هو ان علائقي ۾ کوٽائي ڪري هر پيري کو خزانو هٿ ڪري ڪٽي ٿو وڃي ۽ سنڌ اهڙي بنگال ڄائي آثار قديمه جي ماهر ۽ يڪتائي روزگار ڄاڻو انسان کان محروم ٿي وئي.

ان کان پوءِ ماضي قريب ۾ دادو جي گهڻ پاسائين شخصيت اديب شاعر، مورخ، محقق ۽ آثار قديمه سان گهري دلچسپي رکندڙ تاج صحرائي به ان دڙي جي کوٽائي ڪرائي هئي. هن راقم کي نجي ڪچهرين ۾ ٻڌايو هو ته ماڙڪتاري مان کوٽائي دوران پراڻا سڪا، ٿانءُ، ٺڪر جا جنڊ، مٽڪا، اوزار ۽ گهريلو زندگيءَ ۾ روزمره جي ڪم ايندڙ شين ۽ ٺڪر جي ٿانون جا ٽڪرا مليا. دڙي مان اگر به مليا جنهن مان ثابت ٿيو ته هي ماڳ واقعي ساڙيو ٻاريو ويو آهي. صحرائي صاحب کوٽائي مان اهو به ثابت ڪيو ته، ’دڙو ٻن تهن تي مشتمل آهي. مٿيون تهه اسلامي تهذيب سان جڙيل آهي جڏهن ته هيٺيون تهه هندو تهذيب جي عڪاسي ڪري ٿو.‘ هن جو خيال هو ته جيڪڏهن آرڪيالاجي وارا ان جي باضابطه کوٽائي جو ڪم ڪرائن ته ڪافي نادر شيون هٿ اچي سگهن ٿيون. ۽ ڪافي تاريخي حقائق سامهون اچي ويندا. هُن پنهنجي دادو واري رهائشگاه کي هڪ هلڪي سلڪي ميوزم ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو، جتي هن ضلعي جي قديم ماڳن مان هٿ آيل ڪجهه شيون پنهنجي تحقيق لاءِ سنڀالي رکيون هو. هي مور ماڻهو به اوچتو 28 آڪٽوبر 2002ع تي اسان کان وڇڙي ويو. هُن جون اهي سنڀاليل شيون ڪيڏانهن ۽ ڪٿي آهن، چئي نه ٿو سگهجي ڇوته سندس خاندان سندس وفات کانپوءِ دادو ڇڏي چڪو آهي.

ماڙڪتاري جي تاريخي ماڳ جو جائزو آءٌ پڻ اظهر سولنگي جي سان گڏجي پيرا ڏسي چڪو آهي جو هينئر خسته ڀريل کان ڀريل حال ۾ آهي. مقامي ماڻهو ان دڙي کي قبرستان طور استعمال ڪري رهيا آهن ۽ ان تي ڪجهه قبرون موجود آهن. جيڪڏهن سرڪار طرفان ان جي مالڪي نه ڪئي وئي ته ايندڙ وقتن ۾ آخر ۾ هنن آثارن جي مٽجي وڃڻ جو پڪو امڪان آهي. ڪجهه صلاحون/ گذارشون عرض رکان ٿو،

1. جتي به ڪو تاريخي ماڳ آهي ان جي نئين سرحد بندي (Demarcation) ڪرائي وڃي ان ماڳ جي سموري پکيڙ (covering area) کي چوڌاري لوهي جهنگلو (fence) ڏياريو وڃي ته جيئن هو وڌيڪ ڀيل، لتاڙ ۽ نقصان کان بچي وڃي.
2. آرڪيالاجي کاتو هر ضلع ۾ تاريخي ماڳن جي حفاظت ۽ انهن کي وڌيڪ ڀڃ ڊاهه، ڀيل، لتاڙ ۽ قبضه کان بچائڻ لاءِ ضلع هيڊڪوارٽر ۾ هڪ District Archeological Vigilant Team، پنجن افراد تي مشتمل ٺاهي وڃي جيڪا سيني ماڳن جي ڊيٽا تيار ڪري ۽ ان جي حفاظت يقيني بڻائي.
3. هر تاريخي ماڳ جي پر واري ڳوٺ ۾، چند ڳوناٽن تي ٻڌل هڪ رضاڪارانه قديم ماڳ جي بچاءِ ڪميٽي ٺاهي وڃي جيڪا ان تاريخي ماڳ جي سارسنڀال لهي ۽ ان سان ڪنهن به قسم جي هٿ چراند ڪرڻ نه ڏئي. ۽ ماڻهن ۾ پنهنجي تاريخي ورثي سان پيار ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪري. هٿ چراند جي صورت ۾ اها ڪميٽي بروقت آرڪيالاجي کاتي سان لهه وچڙ ۾ اچي ۽ ڊسٽرڪٽ آرڪيالاجيڪل وِجيلنٽ ٽيم کي به بروقت اطلاع ڏئي.
4. اهم تاريخي ماڳن جي کوٽائي جو ڪم ماهرن جي موجودگي ۾ اولين ترجيحات مطابق ڪرايو وڃي. انهن مان هٿ آيل قديم شين ۽ نوادرات جي سائنسي تحقيق ڪرائي منظرِ عام تي آندي وڃي ۽ ان قومي ورثي جي تاريخي اهميت اجاگر ڪئي وڃي. ■

# سُرهي سوچ...

مُکي نهالچند پَباڻيءَ جي مهمان نوازيءَ جا مِثال ساندِيندڙ، سَنت نيٽُورام آشرم جهڙو سُکونت پَريو آستان رکندڙ ۽ نِمن جي گهاٽين ڇانون سان هرآئي جي آجيان ڪرڻ واري شهرِ اسلام ڪوٽ ۾: اَڄ وري مُنهنجي محبُوبِ شاعر **'اياز گُل'** جي آمد ٿي آهي. اياز گُل جي شاعِريءَ ۽ شخصيت تي ڳالهائڻ لاءِ مون کي هيءَ جيڪا ڪوٺِ ڏني ويئي آهي، تنهن سلسلي ۾ محفل جي منچ تي بِراجمان سنڌي جي ڏاتِ ڌڻين ۽ دانشِ ڌڻين کي اها گُذارش ضرُورَ ڪندس ته مُنهنجي هن مقالي کي هڪ سنجِيده پاڻڪِ جي دِلي ويچارن طور ورتو وڃي نه ڪي نقادِي نظرن سان جذبن جي اوڪ ڊوڪ ڪئي وڃي. اياز گُل تي ڪُجهه لکي اِظهارڻ مون پنهنجو فرض سمجهيو، گڏوگڏ هڪ قرض به هو، جيڪو اڄ سالن پُڄاڻان ڪِي قدر چُڪائڻ جِي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. اياز تي پنهنجي هن پيپر ۾ آئون نه شاعريءَ جي ڪا تشريح ڪندس ۽ نه ئي سندس شاعِريءَ لاءِ تقابلِي ماپِ طور وارا وٽَ ۽ حوالا ڪَتبُ آڻيندس.

مُنهنجي دل چاهيو ته اڄ آئون اِهو بيان ڪرڻ جي جِسارت ڪريان ته اياز گُل جي شاعري توڙي شخصيت ڪَي منهنجو اِحساساتي اِدارڪ ۽ مُنهنجِي ذاتي سَمجهه ڪيئن ٿي ڏسي، سو هتي پيش ڪريان. گڏوگڏ ٿر جي قلمڪار لڏي سان اَياز جي پاءُ صدِي پُراڻي تعلق جُون به تَندُون ڇيڙيان.

تارِيخي بازِگذشتن يا ذهنِي لاڙن کي سامهُون رکندي: شايد اِيئن ڇيو ويندو رهيو آهي يا محسوس ڪيو ويندو رهيو آهي ته 'ٿر' ۽ 'اُتر' جو سُياويڪ ميل ڏُکيو آهي ڇو ته، **"هڪڙي پاسي پُونءِ تَتلِ ۽ وارياسا وجود"** ته ٻئي پاس **"رَتُ تَتل ۽ شِهَپرِي شهُوَد"** پر اياز گُل ۽ ادل سُومري جهڙن اُترادِي وجُودن جِي ٿر جي خطي سان تقريباً ٽن ڏهاڪن تي ٻَڌل لازوال باهمي مُحبت کي ڏِسي اِهڙي راءِ کي بلڪل رد (X) ڏيئي سگهجي ٿو.

عام نُقطِ نگاهه کان جتي ٿرواسي لاڙ سان خُوبِ لنئُون لائِين، اُتي سِري سان به سَروڪار رکندا اَچن، وِچولي جا وجُودِي اُهڃاڻ به بنهه ويجها ۽ رلمِل ڀانئين- ڪاڇي سانَ ورِي انهن جو طبعِي سُورن وارو ساڳيو سَڱ سياپو. پر اُتر انهن کي الائي ڇو! سَياءُ جي سِٺاءُ ۾ ڪُجهه گهٽ آئڙندو رهيو آهي. مون کي سؤ سيڪڙو پَڪ آهي ته سماجي ميل جُول پر پري هئڻ ۽ اقتصادي سرگرميءَ لاءِ پيرانه پيٽڻ جي ڪري ئي ڪنهن خطي لاءِ اهڙي مجمُوعي راءِ جوڙڻ جو جواز جُڙيو هوندو. ڇو ته ٻُڌو ٻُڌو آهي ۽ ڏِٺو ڏِٺو آهي باقي اجتماعي حوالي کان اسان جهڙن لاءِ **"سارِي سِنڌ پرينءَ جو پاڇو آهي."** هُونئنن به ڪونئري مِٽي ۽ ڪوملِ جَذبا ڪنهن هڪ علائقي يا خطي جي ميراث ناهن هُوندا. اهلِ دل ۽ اهلِ درد جتي ڪٿي وَسن ٿا. نيُر جو رنگ جهڙو مٺيءَ جي ڪاڪي نَٽُو کٽري وٽ آهي، اوهڙو ئي قُدرتي هُڳاءُ سکر جي عبدالڪَريم کٽي (سُومري) جي پَريوار وٽ آهي، اَجرڪ جي اصلوڪي هُنر کي بَچائڻ لاءِ جيترِي عبدالڪريم اَدل سُومري جي دِل ڪڙهي ٿي، ڇُر جي ڪم جِي بَقا ۽ قدردانِيءَ لاءِ اُستاد نَٽُو کٽري به اهڙا ئِي ويچار رکي ٿو. اهڙي ئي ريت مٺيءَ جي حاجِي محمد دَل وَانگر، سَکر جو اياز علي دَل (گُل) به ٿر جي ڏُڪار تي اَرهو ۽ سُڪار تي سَرهو ٿِي ٿر جي مِسڪِين مارُوئڙن سان وچن نباهي ٿو.

سو 1980ع جي ڏهاڪي جي شِرُوعاتي اَڌ وارا سال هُجن، سائين تاج جويو گورنمينٽ ڪاليج مٺيءَ ۾ نئون نئون سِنڌِيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿي آيو ته مٺيءَ ۾ ادبِي سرگرمين ۽ ڏيٺ ويٺ جو هڪڙو ناهوڪو ماحول جُڙِي پيو. اِيئن سوچ جي سُرهي گُل جِي صُورت ۾ اياز گُل جي نانءُ سان، مٺيءَ جي ادبِي حلقي جو پهريُون تعارف ٿِي پيو. پراَياز گُل جي نانءُ جو حقيقي چرچو تڏهن ٿيو، جڏهن 85-1984ع ڌاري سائينداد ساند مٺيءَ ڪاليج ۾ سنڌِيءَ جو ليڪچرر بڻجي آيو. سائينداد مُهابي اَياز گُل جي ڪتاب **"ڏِينهن ڏِٺي جا سَپنا"** جو درشن ڇا ٿيو، مٺيءَ جُون جوان دِليون ۽ سندن ڪونئرا جذبا ڪر موڙي جاڳِي پيا، سائينداد ور ور ڪري اياز جا غزل، گِيت ۽ وايُون پڙهي ٻُڌائيندو هو ۽ اسان اُن جِي بي مثل تشبيهن، استعارن ۽ شعرِي سِٽائن ۽ نِرالي اَسلُوب تي دِل کولي داد ڏِيندا هُئاسين ۽ پوءِ سائينداد جي اِصرار تِي اُستاد حُسين فقير جي جُوڙيل ڌُن تي، صادق فقِير اياز گُل جِي لازوال وائي "تو کان ٿيندي ڌار، ڪِلندي ڪِلندي يار، لُڙڪن لڙِي پيا لارِ ڪري!" جو آلاپِي ته اُنهيءَ جُهونگارِ ڪانپوءِ اياز گُل اَڻ- ڏٺو اسان جو ٿِي پيو. سَبنڌ جي اُنهيءَ سنگهر جُون ڪڙِيُون جيئن پوءِ تيئن سوگهيون ٿينديون ويُون. اُن ڪان پوءِ صادق فقير، ڪريم فقِير، ڀُڳڙِي ناچيز، رجب فقِير توڙي ٿر جي ٻين راڳين پاران اياز گُل ۽ اَدل سومري جي شعرِي اِسمن کي سنگيت- مالها ۾ پروئڻ ۽ محفلن ۾ گُنگُنائڻ هڪڙي لازم ۽ ملزوم ڪِرت ٿي پئي. اِيئن نانءُ مَٽيا، نسلَ بَدليا، دور ڦِريا، مصروفيتُون ۽ مقام تبديل ۽ ٿيندا ويا پر درد جو رِشتو سَلامت رهيو، اُن ڪري تاج سان گڏ اياز ۽ اَدل اَڄُ به اسان جا آهن ۽ اسان انهن جا آهيون.

اَياز گُل جو ڪتاب **'ڏِينهن ڏِٺي جا سَپنا'** سڄي جو سَڄو خالص سون آهي ۽ اِنهيءَ ڪتاب جي سَمُورن شِعرن جي جَڙاءُ ۾ ڦينٽ جِي رتِيءَ به ناهي. جوڀن جي اَلهڙ رُتِ ۾ عشِق جي پهرين خُمار ۽ پيار جي پهرِين ٿڦڪِي جهڙا اِهي سمُورا شعر، شعر ته نه آهن ڄڻ ڪي ڪڙيُون، ڪنمال، جهُومرَ، جِهرمِريا ۽ هِيرا پَٽيُون، جيڪي ٻِنا ڦينٽ به اِهڙا فِٽ ڦاٽ، تَڪيل تورِيل پاسِن ٿا، جو ڄڻ نِڪيتِيءَ ۾ ويٺل ڪنهن ناز نويلِي ڪنوار کي پاتل قِسمين قسمين جا ڳهُه هُجن، جيڪي اُن تي ئِي سُونهن هر شعر هڪٻئي ڪان مٿي- هر غزل ۽ گيت، نظم ۽ وائِي يادِ ٿي وڃڻ جوڳِي. اسان مان ڪيترن دوستن کي اِن ڪتاب جي اصلَ ڪاپي هٿِ نه اچي سگهي ته فوٽو اسٽيٽ ڪري ساڳِئي جو ساڳيو ڪتاب جوڙيوسِين. مُنهنجي پِياري دوست شهديو گُل گوماٽِي ( ۽ هُن پارِ لڏي ويل سندس سؤٽ ڪاٿاٿُو گوماٽِيءَ کي پڻ-) اياز جو هيءَ ڪتاب سَڄي جو سَڄو ياد هُوندو هو. شايد اُن ڪري جو اُنهن ڏِينهنِ هيءُ به رُتِ جو راهِي هو ۽ اظهار جو آتڻ پئي ڪتِيائين اُردو جي شاعره پروينِ شاڪِر جي پهرئين مجموعي "خُوشبُوءِ" جيان اياز گُل جو هيءُ ڪتاب سنڌ جي جوان دلين کي باقاعدي 'بائيبل' جيان پاسِيو.



دليپ ڪوٺاري

**اڇو ته هِن ڪتاب جي ڪُجهه شعرن مان مِحظوظ ٿيندا هَلون:**

**اوهان جي در تي ايئن بيٺا رهياسي،**
**گهٽِيءَ جي نانءُ جو ڄڻ بورڊ هُياسي،**
**ڪَچي مِٽيءَ مان جوڙي زندگيءَ کي،**
**تِڪي بَرسات ۾ نِڪري پياسي.**

---

**پنهنجو ڪوئي ڪمال ناهي مٺي!**
**پيار کي ئي زوال ناهي مِٺي!**
**پَرجي سگهندو نه، توکان وڇڙي ڪڏهن،**
**جهڙو تهڙو ته خال ناهي مِٺي!!**

---

**وقت ڪيا ويرانا ماڻهو،**
**تُنهنجا کي ديوانا ماڻهو.**
**مُنهنجو هُو هڪڙو ڀي ناهي،**
**تُنهنجا سڀ زمانا! ماڻهو.**

---

**ڏُک جي نه پُڄاڻي آ،**
**هر شخص ڪهاڻي آ،**
**احساس ٻنا ماڻهو،**
**اَخبار پُراڻي آ.**
**هر پيارَ کي ٻوڙي ٿو،**
**رَسمُون اُهو پاڻي آ،**
**هُو مان ۽ رُڳو ڳوڙها،**
**ناولَ جِي پُڄاڻي آ!**

---

**ڳالهيون ڄڻ مهڪارُون آهن**
**تُنهنجا ٽهڪ بَهارون آهن.**
**ڪنهن سان ڪنهن سان مِلبو هاڻي،**

**در تي درد قطارُون آهن.**

---

**مون کي درياهه جيان پائي وئي آ،**
**هڪ نظر اهڙو تہ گهائي وئي آ.**
**آئون چاهيان پيو نہ جُڙي سگهندس،**
**ايئن ٽُڪرن ۾ ورهائي وئي آ.**

---

سنڌ جي فِڪري اُستاد سائين مُحمد اِبراهيم جويي پاران 'سِنڌي اَديبن جي سهڪاري سنگت' جي پليٽ فارم تان وڏي فَخر سان ڇپرايل اياز گُل جو ٻيو شعري مجمُوعو **"پيلا گُل پلاند ۾"** اسان کي: سندس ٽئين شعري ڳٽڪي **"ڏينهن ڏٺي جا سپنا"** ڏسڻ کان گهڻا سال پوءِ مِلڻ نصيب ٿيو هو.

جيئن خُوش خَطي، خُوش لباسي ۽ خُوش اَخلاقي اَياز گُل جي شخصيت جا اهڙا پهلو آهن، جيڪي نہ صرف اُن جي نفاست پسنديءَ کي ظاهر ڪن ٿا پر سندس سوچ ۽ سُرهاڻ جا پڻ ساکي آهن. تيئن جهڙو زيبائتو، وڻندڙ، نهڪندڙ ۽ فطري سِتاءُ ۽ سياءُ اَياز پنهنجي شخصيت ۾ رکي ٿو، اهڙا ئي پُراثر آهن سندس شعر- مثلاً:

**ايئن هِن لُڙڪن لاڙُون پيارا!**
**اَپَ تي ڪُونجَ قَطارُون پيارا!**
**تو سان گڏجي هَليُون ويُون هِن**
**مُنهنجو نيڻ نهارُون پيارا.**
**ڪيڏيون ڇئن ڇپن جي وِچ ۾،**
**ڏوريءَ جُون ديوارُون پيارا!**

---

**جيون جي آڪاٽيءَ ۾ ڏکَ،**
**فل اِسٽاپ ۽ ڪاما آهن.**

---

**تُنهنجي ناتي جِيئُون ٿا جاني!**
**ڪهڙي آهي خُوشي بي جيون ۾؟**

---

**مُنهنجُون سوچُون سُرها گُلَ،**
**جن جو پنهنجو رنگُ ۽ ڍنگُ**

---

**زندگي قيد جڻ ٽِڪُندي ۾،**
**جڳ مُون کي ۽ توکي چاهيان مان.**

---

**زندگي جُهڪي تي هُو،**
**نيڻ جي جُهڪائن تا.**

---

اياز گُل جي اَندر جي دُنيا ايتري تہ وسيع ۽ ڪُشادي آهي، ايتري تہ پاڻ سَموئيندڙ ۽ آجيان ڪار آهي جو هُن کي پنهنجي شاعريءَ جا موضُوع ٻاهر جي دُنيا ۽ مَعرُوضي حالتن کان اُڌارا ۽ ڪريڊٽ تي ڪونہ ٿا ڪٽڻا پون، جو هُو موزُون وياج وَٽي سَميت موٽائڻ لاءِ طرح طرح وارا جتن ڪري.

اَياز وٽ سَراپا مُحبت سان ڀَريل سَندو دائمي ۽ داخلي اُتساهہ اڻ-مَيو آهي، جيڪو هن کي نرالو اظهار بہ آڇي ٿو ۽ بي ساختگي بہ بخشي ٿو تہ حساس ۽ باشعُور انسان هُئڻ ناتي پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ماڻهن ۽ جڳ سان پڻ جوڙي رکي ٿو.

زندگيءَ جي عام وهنوار ۽ سنڌ جي مُروَج سماجي، مُعاشي، ثقافتي ۽ ادب لاءِ عدم سهڪاري حالتن مان مُختلف استعارا، تشبيهُون ۽ تمثيلُون ڪٽي اياز اُنهن کي اهڙي تہ زيبائتي، شانائتي ۽ نَهڪندڙ اَنداز سان فطري نوع ۾ ڪم آڻي ٿو: جو هُن جي اَڇُوتائپ ۽ نِرالپ سنڌ جي مڙني شاعرن وچ ۾ پَڌري ٿي ٿي پئي.

**ڏک انتظار، خوفُ، تجسس ۽ وري ڏکَ،**
**جيون تو هاڻي ڊرامو لڳي، قِسطوار ڪو.**

---

**هر خوشي هلي ٿي وڃي،**
**ماستر جي پگهار وانگي.**

---

**شهر ماڻهن سان ڀَريل، ڪوبہ نہ خريدار ۾،**
**لُڙڪ پنهنجا بہ ٿيا، سِنڌي ڪتابن وانگي،**

---

**مُنهنجي ياد ايئن رهندئي جيئن،**
**ذهنن تي ڪا لوڪ ڪهاڻي!**

---

انهن شعرن ۾ قِسطوار ڊرامي، ماستر جي پگهار ۽ سنڌي ڪتابن جي گهٽ وڪري ۽ لوڪ ڪهاڻيءَ وارين تشبيهن ۽ استعارن جو شاهڪار استعمال ڏسو تہ ڪيڏو نہ اَنوکو ۽ سُياويڪ آهي.

اياز گُل جي شاعري انسانيت، وفا، پيار، پنهنجائپ، رواداري، حُسن، ڪَلا ۽ سُونهن جي آفاقي قدرن سان ٽمٽار شاعري آهي:

**جن بہ نيڻن ۾ نينهن پَلجي ٿو،**
**تن جو ڪوئي مِثال ناهي مِني!**

---

**هر عبادت آ، مُنهنجي اَندر ۾،**
**مان ئي مسجد، مان ئي مَندر.**

---

**سوچ نئين ڪان ڏار ڪَلا ايئن،**
**ڏَپَ ڪيل، جيئن بِينل پاڻي.**

---

**آدم جو اولادُ تہ آهيان،**
**سيد ڪوءِ ضرُوري آهي؟**
**چا جي ڪپڙا گندا آهن،**
**دل جو شهر ڪَتُوري آهي.**

---

**گهڙي پي زندگي چئبي،**
**ڪوئي ڪنهن کي اگر چاهي.**

---

**تُنهنجي ڪپڙن ۾ خُوشبوءِ،**
**مُنهنجن سوچُن ۾ سُرهاڻ.**

پنهنجي سچي پيار جي عظمت، پاڪيزگي، اَنائيت ۽ حاصلاتي اطمينان جي ماهري ۾ بہ اياز گُل سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن کان بنهہ الڳ تلڳ اظهار پَسايو آهي.

**ياريُون رس- رهاڻيُون پيارا،**
**ساريُون قُرب- ڪهاڻيون پيارا.**
**توکان، مُون کان اهم نہ آهن،**
**هِي راجا، هِي راڻيون پيارا،**

---

**تُنهنجُون يادُون نہ تُون**
**جانيءَ ڙي! ڪِيئن جِيئُون؟**
**پاڻ پرچيل هُجون،**
**جڳ کي باهہ ڏيُون.**

---

اَڄڪلهہ جي اڪثر سنڌي شاعريءَ ۾ ذات جي تلخين ۽ ذهني خلفشارن جي ردِعمل طور سماج تي باهوڙ ڪيل هُوندي آهي. اِن ڏِس ۾ اياز بنهہ نرالو آهي. زماني جي مُنافقي، مَڪاريت ۽ ڀِڙُو پيٽ کي بہ هُو پنهنجي اَڻ ڇاڻائي ذريعي ظاهر ڪري ٿو: نہ ئي ڪنهن تي اَجائي شخصي ڪاوڙ ڪي ڪيئي ڪري.

**خول مَٿان هڪ خولُ نٿُون آ،**
**چهرا ڪيئن سُڃاڻيُون پيارا!**

اياز گُل جو درد سان نباءُ بہ بنهہ ڪمال جو آهي:

**درد ٻارن جيان ٿا راندِيون ڪن،**
**پَڪَ سِري گهر جو پَڌر آهيان.**

---

**درد مُون وٽ ڇڏي ويو آهي،**
**مُون کان سڀ ڪُجهہ کسڻ نٿو چاهي،**
**درد آهن جو ڪُٽڻ جا ناهن،**
**دوست گهاريُون پيا موجن ۾.**

اڄڪلهہ جي اڪثر سنڌي شاعريءَ ۾ وصال جي لمحن جي: عُضواتي عُريانيءَ سان ڀرپُور اهڙي وضاحت ۽ عڪاسي ڪيل هُوندي آهي جو جڻ ميلاپ جو ڊيڊورو ڏنو ويندو هُجي ۽ جُدائيءَ جي جَرح ڪئي ويندي هُجي.

پر اياز گُل جي شاعريءَ ۾ پيار جا پوتر جذبا عظمت جي انتها ۽ تقدس جي اعليٰ مقام تي موجُود مِلندا.

اياز لاءِ وصال سعادت آهي تہ وڇوڙو مِعراج. هُو پنهنجي پيار کي ڪٿي بہ رُسوا نٿو ڪري. نہ ئي مَيارن ۽ الزامن جُون پَريُون پري تو مُڪي. اَڇو تہ ڏسُون ڪيئن:

**تُنهنجا نيڻ چُمڻ تو چاهيان،**
**تيهن ئي سِيپارن وانگي،**

---

**تُنهنجو چهرو قُرآن،**
**مُنهنجا هٿڙا رِحل.**


---

**تو سان پيار آهي تڏهن ئي تا سَهُون، الزام ڪير**
**تو ڪٿي، ايئن هاسِڪار ڪو.**

چوڻ جو مقصد تہ سنڌي رُومانوي شاعريءَ ۾ اَياز گُل جي ٽريٽمينٽ گهڻي حد تائين اَڇُوتي، نِرالي ۽ داخلي سُونهن سان هم آهنگ ۽ رلمل ٿيل هُوندي آهي.

۽ آخر ۾، آخرين طور نہ: آئُون اهو ئي چوندُس تہ اَياز علي دلَ سنڌي شاعريءَ جي گُلشن جو اُهو سدا مَلوڪ، سَدا سائو، سَدا ٽِڙندڙ ۽ سَدا مَهڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ "گُل" آهي، جنهن نہ رُڳو ادبي حلقن جو ڀَرپُور ڌيان ۽ دلچسپيءَ ماڻي آهي پر مُون جهڙا سوين هزارين ترواسي، سنڌ واسي، هِن پار توڙي هُن پار جا پانڪَ **'اَياز'** جهڙي **'گُل'** جا پونئرن ۽ پوپٽن جيان مَداح آهن، جيڪي هن جي شِعرن جي چاشنيءَ جا هميشہ هيراڪ آهن. اسان جي ڪِيس دِلِ سان دُعا آهي تہ هو ويران وير وڌ هُجي ۽ ٻوليءَ ماتا جي جهوليءَ ۾ وجهڻ لاءِ، نت نوان نوان ۽ سُندر سُهڻا گيت سِرجيندو رهي! ■

# بجليءَ جي ڪرڻ جهڙي شاعري...






امين چانڊيو

ايرندڙ سج کان سانجهيءَ جي سرهاڻ تائين سنڌي ٻولي کي اُڇارڻ ۽ سنوارڻ جي اڻٿڪ محنت ڪندڙ پنهنجي متوازن شعوري وهڪري سان زندگي جي حقيقت شناسيءَ کي منفرد انداز ۾ بيان ڪندڙ سنڌي شاعري جي افق تي جمي ٻيهندڙ ”چچريون چچريون خواب“ جهڙي ڪشش رکندڙ ڪتاب جو تخليقڪار تاج بلوچ پنهنجي عهد جو مڃتا رکندڙ نقاد، شاعر ۽ دانشور آهي. تاج بلوچ سنڌي شاعري جي آسمان تي شروع کان ئي چانيل رهيو آهي. چانئجي ته ٿوري وقت لاءِ ڪجهه تخليقڪار ٻيا بـه ويا. پر مستقبل چانيل رهڻ ٿورن تخليقڪارن جي ڀاڱي ۾ آيو. تاج صاحب جي شعوري فن جي ابتدا جيڪا ’در جو صحرا‘، ’خوشبوءِ جو زهر‘، ’لفظن جو ماتم‘، ’دل جزيرو اداس سپنن جو‘ ۽ هاڻ ’چچريون چچريون خواب‘ تائين پکڙيل آهي. اها سَرهي سڳنڌ سان سڀ کي موهي نئين ٿهي کي لپائي ٿي. لپائڻ ته ڇا پراسرار طور ذهني ڊسائن ۾ پکڙجي پڙهندڙ کي بيتاب ۽ سرشار ڪيو ڇڏي ٿي. هن جو فني ۽ فڪري تجربو ڌار ڌار ذهنن سان هم آهنگ ٿيو پوي. سبب؟ هو پاڻ کي ورجائي نه ٿو.

گهري تازگي- اهڙي تازگي جو اثر سنڌ ڌرتيءَ جي خوبين، اسرارن ۽ ڌار ڌار رنگن جو ڪرشمو آهي. هتي جي هر ’لطيف فن‘ صدين کان شعوري قرار کي اوليت ڏني آهي ۽ اعزاز بخشيو آهي. اهوئي اعزاز سنڌي ادب/ آرٽ ۽ قوم لاءِ صدين کان صدين جي پسمنظر لاءِ چٽو ۽ پڪو سرٽيفڪيٽ بڻجي پيو آهي. سنڌي ٻولي ۽ ٻولي ۾ لکندڙن ۾ وسعت پيدا ڪندو رهيو آهي ۽ وسعت پيدا ڪندو رهندو. اهو لطيف فن تاج بلوچ کي بـه سنڌ جي ڌرتيءَ مان ورثي ۾ مليو آهي. هن جا غزل ۽ نظم ڄڻ ڌرتي جي پاڙن مان سلي جيان اپري ٻاهر نڪتل آهي، جيڪي آرٽ جو ڪرشمو آهن. هيئت، ترنم ۽ آبجيڪٽوٽي کي فڪري بلندي تائين پڙهندڙ جي ننڊ ڦٽائي بيچين Restless ڪيو ڇڏين ٿا. اهڙا غزل/نظم تاج صاحب ڊرائنگ روم ۾ ويهي تصوراتي طور نه لکيا آهن پر ان درد جي اونهاين ۾ لهي وڃي اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. اهڙي گهري مشاهدي جا آبشار گهر ويٺي ته نه حاصل ٿي نه سگهندا آهن. پر ان اٿل پٿل جو احساس ماڻڻ لاءِ فنڪار کي اڪيچار مطالعو ۽ مشاهدو ڪرڻو پوندو آهي. ڊرائيڊن منهنجي خيال جي هيئين ريت تائيد ڪئي آهي،

**”فقط زندگي جو مشاهدو ئي شاعر لاءِ ضروري نه آهي. پر ان مشاهدي جي تخيلاتي استعمال سان ئي شاعري وجود ۾ ايندي آهي.“**

تاج بلوچ بـه تخيلاتي استعمال سان پنهنجي هر سِٽ لکي آهي. هو پنهنجي هر مشاهدي ۾ ٽيڪنڪ جي فن سان شعور کان لاشعوري طور پاڻ کي سگهارو محسوس ڪرائي ٿو. اها مهارت الهامي طور تي بـه فن ۾ بـه موجود هوندي آهي، جيڪا ذهني بيداري سبب تاج ۾ فطري طور موجود آهي. اهڙي ذهني سُجاڳي ۽ جاڳرتا بـه هن جي فن کي خوبصورت ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي. جنهن ان جي اسٽائيل کي خاص بڻائي ڇڏيو آهي. محسوس گهٽو اهوئي ٿئي ٿو ته هي شاعر پنهنجي جيڪا بـه تخليق جوڙي ٿو ان تي هي ڪثرت سان فڪرمنديءَ سان اپياس بـه ڪري ٿو. تڏهن ته هن شاعر جي هر تخليق سحرانگيز آهي. سندس اسلوب ۾ جذبي، جذبي کي مليل خيال ۽ خيال کي مليل ڊڪشن هڪ خاص احساس سان رنگي ڇڏيو آهي. هنجي تخليق کي ڏسي ڪڏهن بـه اڪيون چنيٽون نٿيون پون.

هن جي فن سان رچيل جهان ۾ جهاتي پائبي تـه وجود ۾ نئين احساس جون اڇلون محسوس ٿينديون. هن جو نظم سمنڊ ۽ شاعر،

**ڏوجهرن جا ڏينهن ٻيهر**
**منهنجي هستيءَ سان اچي پيڙا ٿيا**
**سمنڊ جهاڳڻ ڀاڳ ۾ لکجي ويو.**
**سمنڊ جهاڳيندي ڪنارن جو نه ڏسجي ٿو نشان**
**ٻيٽ ناهي گهيڙ ڪوئي گهٽ ناهي.**
**وڻ تمر جا سڀ سڪاٽل، ساٽا ساٽا ۽ نحيف**
**نيري بدران ڪارو ڪارو نُڀُ آهي**
**سرڪشي، سرمستي جيڪا سمنڊ جي شهريت هئي**
**ڪيئن ٿي احساس جون سطحون ڇهي.**
**اهي سٿون پڙهي، هان مان جي ساخته**
**ڪوڪ ڪا اُڀري پوي ٿي.**

هو سمنڊ جي ڪمزوري کي وڏيڪ علامتي طور هيئن ڊسڪرائيب ڪري ٿو،

**ايترو جلدي ڪراڙو ڪيئن ٿيو؟**
**سنڌ عورت وانگيان**
**توٽي جو هن جي جسم جي گفتار ۾ ڪو سر به آهي.**
**اهڙو سر جو چاهه جي چُسڪي ڪان وانجهيل**
**ڪُڏڪري ۽ موهه مان جنهن لطف ڪو ماڻيو نه آهي.**
**مٽي مٽي جند ڪي پاپوهه مان**
**باهه جهڙي تند سان واڳيو نه آهي**
**ريشمي ڪپڙن جي هيئان جنهن ڪڏهن**
**پوري بدن جي تاس ڪي تاتيو نه آهي.**

'سمنڊ ۽ شاعر' مان سمجهان ٿو هڪ بين الاقوامي نظم آهي. چوته هن نظم جو تاجي پيٽو فطري آهي. شاعر هن نظم جي فن ۾ اوچاين تي نظر اچي ٿو. اهو نظم ڌيان ڇڪائيندڙ موضوع آهي. اهڙا نظم ته شيخ اياز به نه لکي سگهيو. پڙهندڙ نظم ۾ لهڻ ڪانپوءِ ٻاهر نڪرو نڪري سگهجي. اهڙي ساڃاهه، فڪر ۽ شعوري حقيقت دمبخود ٿيو وڃي ٿي.

يورپ ۾ ته اهڙن نظمن ڪان به هلڪن ڦلڪن موضوعن تي 'نوبل پرائيز' ماڻيا آهن. نوبل پرائيز چڻ ته ڪا ادبي رشوت آهي. پر سنڌي ڪنڌ جي نظر انداز ڪيل اهڙن جديد ۽ فڪري معيار رکندڙن تخليقڪارن کي ضرور اهميت ملڻ گهرجي. اهڙو وقت الائي ڪڏهن ايندو.

پر اسان جي ڌرتي جي لکندڙن جي اهائي ته وڏائي آهي جو هنن هميشه ڪنهن به پرائيز جي محتاجي ۽ ڪاڻ نه ڪئي آهي. پر هن ڌرتي جي لکندڙن جي سرهاڻ هڪ ڏينهن مچتا ڏيڻ ڪان لنوائيندڙن کي ڪنڌ جهڪائڻ تي مجبور ضرور ڪندي.

بي ريا ڪيو، هن جي تخليل ۾ وڏي چانڊوڪي نظر آئي. بيباڪي محسوس ٿي. تاج جي شاعري ۾ اها سونهن سڳنڌ ڏسي جيڪا هن کي ڪڏهن به عالمي معيارن ۾ نه لڄائيندي. شهيد بيبي جي شهادت تي سندس نظم، 'اڏمو'، 'زخمي نيڻ ڪتابن جا' جهڙن نظمن ۾ هن جيڪا حقيقت بيان ڪئي آهي. ۽ جيڪي روپ ظاهر ڪيا آهن اهي اتساهه ۽ ولولي سان ٽمٽار آهن. 'زخمي نيڻ ڪتاب جا' نظم ۾ عميق بصيرت موجود آهي،

**اي ڪوي**
**پنهنجي فن ۾ درد توسسئي جو اوتيو**
**ڪيچ ۽ مڪران جي اوکن لکن جون مشڪلون**
**تو اڪاريون پل اپل ۾**
**۽ تو سهڻيءَ جي شعوري عشق کي**
**داد سان ڏاڍو نوازيو**
**۽ زماني کي نئون ادراڪ بخشيو نينهن جو**
**۽ مٽئي جي موهه تي**
**ليلا جي هر ڪنهن آرزو کي جس ڏني**
**۽ تو مومل جو مجاز**
**ڪنهن نئين آتشڪدي جي**
**آڳ کي اُرپي ڇڏيو**
**۽ تو نوريءَ جي نياز کي**
**حسن جي بي نياز رعنائي لکيو...**

نظم ۾ ڪا مٽي مٽي ڪوڪ اَکو درد جو پڙاڏو آهي ۽ انقلاب جو احساس پوپٽ جي نرم رنگن جي خوشبوءِ جيان وجداني ڪيفيت پيدا ڪيو ڇڏي. تاج بلوچ جا سڀ نظم مون کي قديم يوناني فلسفي جهڙا لڳندا آهن جيڪي جڏهن روح جي رڻ ۾ لهندا آهن ته پياريءَ انقلاب جي هلچل مچي پوندي آهي.

شاعري ڪرڻ ان سان توڙ تائين نڀائڻ به باهه جي درياهه اُڪارڻ برابر ئي آهي. ۽ جڏهن باهه جو درياهه اُڪاربو ته لفظ لفظ تپش جو احساس ڏيارين ٿا. درد ۽ پيڙا سان اُٿيل تخليقون ظالم سامراج کي اُڏوهي جيان ڪائينديون ۽ اهو جلال ۽ تپش تاج جي تخليقن ۾ به موجود آهي. اُها اڏوهي ئي آهي جيڪا ڏاڍ ۽ ظلم پرست ذهن کي هڪ ڏينهن ڪائي ڪوڪلو ڪندي ۽ تخليقڪار جون تپش ڏيندڙ تخليقون باهه جي چوچن جيان چمڪنديون رهنديون.

تاج جو 'ڏُک ناٽڪ' نظم نئين ٿهي جي احساسن جو عڪاس آهي. 'دک ناٽڪ' ۾ شاعر جا پير پختا ۽ حوصلا بلند نظر اچن ٿا،

**اڏ وهي گذرڻ ڪانپوءِ**
**سوجهرو جاري ڪرڻ سان**
**پاڻ سوچيو هو ڪٿي**
**ايترا ڪي رنگ رچندا**
**نوجوانن هر خيالن جا ڪنا ٿيندا هجوم**
**درد جي تمثيل جون**
**شرحون نراليون ٿينديون**
**روح جي زخمن جون ساريون دلڪشيون**
**لاٽ جو اهڃاڻ بڻجي مرڪنديون.**

لکڻ ۽ لوچڻ جي حوالي سان تاج هميشه تبديلي پسند رهيو آهي. سندس تازي مجموعي 'چچريون چچريون خواب' ۾ اها تبديلي نظر اچي پئي. ۽ ان سان گڏوگڏ هن جي فن ۾ توازن ۽ سُپنڊ ته سنگم جيان هلي رهيا آهن. پر ڪائناتي آدرش به موجود آهي. 'چچريون چچريون خواب' جي فني اُٿت ايندڙ نسلن لاءِ راهبر ثابت ٿيندو. لڳي ائين ٿو هنجي وسيع تجربي ۽ بلند مشاهدي سان هن پنهنجي فن ۾ فڪري دنيائون پساڻيون آهن.

هن دنيا جي عظيم شاعري کي به هڪ وڏي آهنگ ۽ ترنم سان ترجمو ڪري نئون مثال قائم ڪيو آهي. برٽولڊ بريخت جو نظم، 'مزدورن جا سوال' هن جي چونڊ جو بي مثال مثال آهي.


**ستين دروازن وارو سمورو شهر ڪنهن وسايو**
**ڪتابن ۾ بادشاهن جا نالا آيل آهن**
**ڇا بادشاهن جبلن تان پٿر ڪٽي آندا؟**
**۽ ور ور برباد ٿيندڙ بابل شهر**
**پيري پيري ڪنهن آباد ڪيو؟**
**ليما جا شاهه ڪاريگر**
**ڪهڙن گهرن ۾ ٿي رهيا؟**
**۽ ڪهڙي پار ويا ان شام؟**
**جنهن وقت جڙي راس ٿي چين جي ديوار**
**سوين جي محرابن وارو روم شهر**
**ڪنهن جوڙيو؟**

نظم پنهنجي وجود ۾ مڪمل آهي. ماضي پڙاڏي بدران هڪ حقيقت بڻجي اکين آڏو اچي ٿو. ضمير ۾ پڻ پڻ جاڳي پوي ٿي. جند ۽ جان ۾ درد جا گهوڙا ڊوڙي ٿا پون.

بادشاهن، دولتمندن، مزدورن جا حق مارينڌڙن جي منهن تي چماٽ برابر نظم آهي. جيڪڏهن اڄ به تاج جو اهو نظم حق غصب ڪندڙ پڙهندو ته هبڪجي ويندو. ته پورهيتن جي ترجمان هن نظم ۾ سڪون ۽ سرور به آهي ته پٽڪو لهڻ جو خدشو به آهي. آرٽ جي فن جو عاشق تي اهڙين لازوال شين جو احساس رکي سگهي ٿو.

'هل پٽائي کي هلي دانهن ڏيون' به هن دؤر جي حالتن جو عڪاس ۽ خوبصورت نظم آهي. شاعر جون آڱريون داغن تائين پهچي ويون آهن. نظم جو رنگ ئي نرالو آهي. نگر کي جن اُجاڙيو آهي انهن سازشن جي نشاندهي ڪيل آهي. تاج پنهنجي فني گهاڙيٽي ۾ وڏا پيچرا لتاڙي هڪ مڪمل سرجڻهار جو عمل ڪيو آهي ۽ ان عمل ۾ هو پورهيت، وڏي مطالعي وارو ۽ محنتي ماڻهو ثابت ٿيو آهي. ■


## امين چانڊيو کي سالگره جون واڌايون _ ادارو



**امين چانڊيو**

**ڳاٽ اوچو**

**منهنجو قد وڏو نه آ**
**منهنجي حيثيت وڏي نه آ**
**منهنجو گهر به وڏو نه آ**
**پر منهنجي سچ سان**
**ڪمٽمينٽ وڏي آ**
**خوابن سان ياري وڏي آ**
**مظلومن سان ساٿ وڏو آ**
**ها تڏهن منهنجو**
**ڳاٽ اوچو آ. ■**



# ڦالوبلا



ڊاڪٽر رسول ميمڻ

وارث مايوس ٿي چڪو هيو. هو آگر ٻڌجي تاريخ جي صفحن تي ڦهليل لفظن جي قطارن جي قافلي پويان گهميو، ڪنهن به واٽ تي اهڙي خاڪ نظر نه آئي جيڪا شفا بنجي عرشنا کي نجات ڏئي سگهي. سندس ڊوڙ پاڇن پويان هئي. هو پاڻيءَ جهڙو شفاف هيو. هلي رهيو هيو ته پويان ست سورج روشن هيا. سندس ست نظر نه ايندڙ پاڇا منزل جا مٽيل نشان هيا.

جڏهن ڪوهه اولمپس پهتو ته رات ٿي چڪي هئي. آسمانن کي ڇهندڙ اولمپس چڊي رات ۾ گهري اوندهه جهڙُ هيو. اهو اوندهه جو آبشار هيو جيڪو عرش کان وهي هيٺ ڦهلجي رهيو هيو. اتي ستارن کي پر هيا. اڃا پر- ستارن جا منهن ايڏا معصوم هيا جو ڪين چنڊ ڏسي روئي رهيو هيو. چنڊ کي انٽيهه گهوڙا ٻڌل هيا. گهوڙن کي وڏا وار هيا جيڪي سون جي تندن جيان پئي جرڪيا. اولمپس جي نوڪدار چوٽيءَ تي جيوپيٽر هڪ پير تي بيٺل هيو، نوڪ تي بيٺل جيوپيٽر جي توازن تي دنيا قائم هئي. جيوپيٽر ڪائنات ۾ خلق جو خالق هيو. هر مادي شيءِ سندس جسم جو حصو هئي ۽ روح هن جي ڦوڪ مان پيدا ٿيا هئا.

وارث اولمپس ۾ اهڙي پاڇي جيان هيو جيڪو اوندهه ۾ نهيو. ان ڳالهايو ته لفظ ڪنهن قبر تان ڪبوتر جيئن اڏاڻا.

”اي جيوپيٽر! عرشنا جا ڏک ڏور ڪر. هن جي بگڙيل وجود کي درست ڪر. خاميون ڏور ڪر. محال آهي ته ڪيس ساڳي صورت ۾ وري ناهه. سندس وجود کي مکمل ڪر. بحال ڪر.“

هڪ پير تي بيٺل جيوپيٽر ڪجهه نه ڳالهايو. زبان اٽلائي ها ته ڌرتي اٽلي پوي ها. اکيون کولي ها ته وچ ڪري ها. ڪاوڙجي ها ته توازن خراب ٿئي ها، آفتون اچن ها. زلزلا نازل ٿين ها. خوشي ٿئي ها ته موسمون بدلجن ها. رحم ڪائي ها ته دنيا هلڪي ٿي اڏامي وڃي ها.

”اي جيوپيٽر“ وارث وري چيو، ”ڇا ڪوهه اولمپس جوپٽر آهين؟ ڪجهه نه آهين؟ ڇا سنگتراش جي ڇيٽيءَ جو شاهڪار آهين؟ تو ڪانسواءِ ٻي ڪا هستي آهي جنهن جي هٿ ۾ قدرت جو هٿوڙو جبل ٽُڪيندڙ مزدور جيان چمڪي ٿو؟“


جيوپيٽر هٿ جي اشهد آگر سڌي ڪئي جيڪا ڏگهي لاٽ ۾ تبديل ٿي وئي. روشنيءَ جي لاٽ ستن رنگن ۾ تبديل ٿي وئي ۽ لڪيرون بنجي ڪوهه اولمپس جي دامن ڪري پئي. هن ڏٺو اتي لڪيرن مان ڪرونس نهيو، ريها نهي. زيوس فطرت جي ٻچيدانيءَ مان زيتون جي ٻج جيان ڌرتيءَ تي ڪريو. زيوس ڪرونس جو پٽ ڪيس ماءُ ريها گود ۾ ڪنيو ته سندس جهول ستارن سان ڀرجي وئي.

زيوس ڌرتيءَ تي پالڻهار جو پاڇو. آسمانن جي ملڪا هيرا جو مڙس. ڪائنات جي ديوتائن جو پيءُ. ڪوهه اولمپس تي سج اڀريو ته اوندهه رجي مس جيان وهي تاريخ جي صفحن تي روشن ٿي وئي. وارث تيز روشنيءَ ۾ انڌن جيان ٽاڦوڙا هڻندو اچي زيوس جي قدمن ۾ ڪريو. زيوس ڪيس سهارو ڏيئي زيتون جي مقدس وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهاريو ۽ چيو،

”ڇا ڪائنات جي ٻن ڇيڙن ابتدا ۽ انتها جي منزلن وچ ۾ نوڪريون ڪاٽيندڙ مسافر آهين؟ توکي خبر نه آهي جيڪي پوئتي مڙي نهاريندا آهن، اهي نوڪرون ڪاٽيندا آهن. ماضيءَ ڏي ڇو نهاري رهيو آهين؟ تاريخ جا ابتا صفحا ڇو اٿلائي رهيو آهين. ائين ڪرڻ سان حال ڏکيو ٿي ويندو، مستقبل انڌيارو ٿي ويندو.“

وارث ڪنڌ مٿي ڪري زيوس کي ڏٺو. زيوس

ايڏو قداور هيو جو هن جو چهرو نظر نه پئي آيو. هن ڏٺو سج جا ڪرڻا زيوتن جي وڻ مان ڇڻندا سندس وجود تي ڪري رهيا هيا. لڏندڙ پاڇن مان اچي اس ان جي هٿن تي ائين ڪري رهي هئي جو اهي ڪنهن ڪوڙهيءَ جا پئي محسوس ٿيا. اهي هٿ اهڙي اپاهج جا هيا جيڪو لاچار ڏسجي رهيو هيو.




”اي زيوس, مان تاريخ جي گمنام وسندين مٿان اڏامندڙ خيال آهيان اهڙو آزاد پکي آهيان جنهن جو ڪنڌ پيار جي نيري ڳانيءَ ۾ قيد آهي. ڪنڌ ورائي ڏسڻ سان خطائون نظر ايندديون آهن. ٿابي ڪائڻ سان گناهن جو احساس گهرو ٿيندو آهي. پرا ي زيوس منهنجي عرشنا معصوم آهي، نه ڪيل گناهن جو ڀوڳي رهي آهي، منهنجو ٻڪ فقير جي خالي ڪشڪول جيان آهي. بکايل جي پيٽ جيان آهي، ان ۾ ڪجهه اوت ته سرخرو ٿيان. تاريخ جو سفر سجايو ٿئي. عرشنا شفاياب ٿئي ۽ ان جا ڏک ڏور ٿين.“

زيوس جلال ۾ آيو. وڄ پيدا ٿي. رومي سمنڊ جون لهرون ٻري وڃي قرطا جينيا جي ڪنارن سان ٽڪرايون.

زيوس چيو، ”بيماريون اهڙيون بلائون آهن، جيڪي ستارن جي اوٽ ۾ لڪيل آهن. اهي ديوتائن جي پاڇن ۾ پناهه وٺن ٿيون ۽ ديوتائن جي پاڇن ۾ انسان گهر جوڙين ٿا.“

زيوس پنهنجي ڌيءَ پلاس ايسٿنا ڪي هٿ جو اشارو ڏنو. اها ٽٽل ستاري مورگن جي تصوير هئي. ان زيوس آڏو ڪنڌ جهڪايو.

زيوس چيو، ”اي منهنجي ڌيءَ آسمانن جي راڻي، هيءَ ڪهڙي حڪمراني آهي؟ توکي ان لاءِ مقرر ڪيو ته شيطانن کي ٻنجو ڏي، انهن کي آسمانن ۾ زنجيرن سان قيد ڪر. بلائن جو مقابلو ڪري انهن کي ختم ڪر. پر افسوس اهي ڌرتيءَ تي انسانن کي آزاري رهيون آهن. ڏکن کي وڌائي رهيون آهن.“

پوءِ وارث ڏي اشارو ڏنو.

”هن انسان ڏانهن ڏس جيڪو تاريخ ۾ شفا ڳولهي رهيو آهي، سندس مايوسين کي ڏور ڪر. بلائن کي شڪست ڏي جيئن انسان ڌرتيءَ تي صحتمند زندگي گذاري سگهن.“



پلاس ايسٿينا پيءُ اڳيان ڪنڌ نوايو ۽ وارث کي وٺي اڏاڻي. وارث باهه جي گولي ۾ تبديل ٿي ويو. جڏهن لٿو ته خاڪ هيو. رک هيو. رک جي هر ذري مان ستارو ٺهيو ۽ ستارن جا جهرمٽ ديوتائن ۾ بدلجي ويا. پلاس ايٿينا جنهن جي ڍال تي بدصورت مورگن جي تصوير هئي. جڏهن ڍال جو رخ شيطانن ڏانهن ڪندي هئي ته اهي پٿر جا بنجي ويندا هيا.

آسمانن تي پلاس ايٿينا ان بلا کي ڳولهي ڪڍيو جنهن جو پاڇو عرشنا تي پئجي رهيو هيو. اها پاڇي اڳيان آئي ۽ پاڇو پٿر ۾ تبديل ٿي ويو. وارث کي ٻرندڙ ستارن جي هجوم ۾ عرشنا جا تپندڙ ساه سيني تي محسوس ٿيڻ لڳا. پٿر جا ساهه لوهه جي مترڪي جيان سيني تي وسندڙ تڙپندڙ دل جيان سيني کان ٽپا ڏئي ٻاهر نڪرندڙ.

هو خوابن جي ستين تهه تان عرشنا کي محسوس ڪري رهيو هيو. عرشنا جا ساهه جن ۾ زندگي ٻري رهي هئي. ان جو گرم وجود سندس سيني تي لهندڙ سج جيان ٻري رهيو هيو. اها غروب ٿي رهي هئي. شفق جي لالاڻ دکندڙ دوزخ جو اولڙو هئي ۽ ان کان پري ڦهلجندڙ اوندهه جنهن ۾ خواب اکيون ڳولهي رهيا هيا. گول خوفائتون اکيون جن مان حيرت ٻرندڙ اگربتين جي خاڪ جيان ڇڻندي هجي. هر طرف ڦهليل دردناڪ دونهون جنهن جي ڪارين چڳن ۾ عرشنا جو وجود ويڙهجندو پئي ويو. اها نظرن کان اوجهل پئي ٿيندي وئي، سندس وجود اڻ ڏٺل واديءَ جي هوائن ۾ لڙهندو پئي ويو. ڪارو ڪفن جنهن ۾ اڇو وجود ويڙهيل هيو، جنهن جي چپن جي اداس مرڪ ۾ سوين سڏڪا سمايل هيا، جنهن جي بند بي خواب اکين اندر ڳوڙهن ۾ هزارين خواب تري رهيا هيا.

”الوداع اي عرشنا.... الوداع.“

اڻ ڏٺل واديءَ مان آواز گونجيو. جنهن جا هزارين پڙاڏا پکي بنجي آڪاش ڏي اڏاڻا. رستو وڃائجي ويل پڙاڏا جيڪي هڪ ٻئي کي ڳولهڻ لڳا. پٿر پڙاڏا جيڪي وارث جي وجود سان ٽڪرايا ته سندس چرڪ نڪري ويو. سوين خواب شيشي جي ذرن جيان ٽٽي مينهن ڪڻين جيان وسڻ لڳا. هو خواب جي ستين تهه تان اڏاڻو حقيقت جي مٿاڇري تي پهتو ته پگهر ۾ شِل هيو. سندس پيشانيءَ تي سوين بوندون گهاٽي بڙجي لامن تي ٺهيل آکيرن ۾ جهرڪيءَ جي ٻچن جي چمڪندڙ اکين جيان ڪاچ جو انتظار ڪري رهيون هيون. سندس من چاهيو ته عرشنا جي چهنب ۾ چهنب وجهي زندگي اوتي ڇڏي. هن ڏٺو عرشنا بخار ۾ ڏيئي جيان ٻري رهي هئي. ڏيئي جو تيل ختم ٿي چڪو هيو. ان جي آلي وٽ ۾ ساهه جي آخري تند پساهه کٽي رهي هئي. عرشنا مري رهي هئي. هو ڪجهه نه پئي ڪري سگهيو. سندس دعائن جون سڀ آيتون بند ٻُڪ ۾ بي وسيءَ جا ڳوڙها ڳاڙي رهيون هيون. عرشنا بي سُڌ سندس سيني ٻرسان ساهه کٽندي رهي ۽ هو هر ساهه ۾ بادل بنجي بوندن کي ڳولهيندو رهيو. گمنام ڀٽڪي ويل بوندون جن ۾ مينهن جي ڳوڙهن جي خوشبوءِ هئي. حياتيءَ جي جستجو هئي. موڪلائنيدڙ زندگيءَ جي الوداعي چمين جي آلاڻ هئي.



مايوسيءَ جي صحرا ۾ تاريخ جي اٺ جي پٺيءَ تي مرندڙ عرشنا جو وجود کڻي گهمندڙ وارث. ناسي خوابن جو سائو پکي. تاريخ جي وهڪري ۾ وهائجي ويل پيغمبرن جا لاش ڳولهي مزارون جوڙي ڇوٽڪاري جون دعائون گهرندڙ وارث. پٿر جو وارث. پلاس ايسٿينا جي ڍال تي مورگن جي مورتيءَ جو شڪار ٿيل وارث.

وارث چيو، ”اي پلاس، ايٿينا تنهنجي مورگن مونکي پٿر ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. مون وٽ اکيون ڏکڻ لاءِ ڪا اڳڙي نه هئي. اکيون ڏکيان ها ته مورگن تي نظر نه پوي ها. تو وٽ نيڪي ۽ بديءَ جي ڪا تميز ڪونهي. تو وٽ حياتيءَ ۽ موت جو ڪو پيمانو ڪونهي.“ زلزلو آيو بت ڀڳا. ڪنڌ ٽٽا ته زيتون جي لام ڇڏڻ جهڙو آواز آيو. ڌرتيءَ ۾ چير پيو، هر شيءِ پاتال ۾ هلي وئي. وارث پاتال جو قيدي هيو، ڪيس پلوو نظر آيو. پاتال تي حڪمراني ڪندڙ بي تاج بادشاهه، سندس هٿ ۾ ڦٽڪو هيو ۽ ڪنهن عاشق جي دل چباڙي رهيو هيو. وڌي ان وٽ ويو ۽ عرض ڪيائين,

”پاتال کان ٻاهر ڌرتيءَ تي جيئڻ کان وڏو الزام ڪهڙو آهي. چاهت کان وڏو گناهه ڪهڙو ٿي سگهيو ٿو. مون تي الزام مڙهه ۽ سزا جو مستحق قرار ڏي جيئن گناهه گهٽجن. پاتال ۾ انسان ڪيتي جو لوڙهي ٿو. سزا ڏي ته ڇوٽڪارو حاصل ڪيان. ڀوڳنا جو در ڏيکار. ويراڳ ڏي ته ڀٽڪي آزاديءَ جو در کڙڪائي

سگهان. ناسور ڏي ته پاتال جي باهه ۾ وهنجي شفاياب ٿيان. عرشنا جي ڀوڳنا منهنجي ڪاتي ۾ داخل ڪر ته ڀوڳي ڪيس مڪت ڪيان.“

پلوٽو جون اکيون ٻرندڙ جبلن جهڙيون هيون. نرڙ جا گهنج بي رحم هيا.

”جيئڻ ڪان وڌي ڀوڳنا ڪهڙي آهي؟“ پلوٽو چيو، ”سڀ تڪليفون جيئڻ سان آهن. زندگي زهر جو پيالو آهي. جيڪو حياتي عطا ڪري ٿو. سڀ ثواب فنا تي ويل عبادتون آهن. سچ ڪنواريءَ جي پيٽ مان جنم وٺڻ جي انتظار ۾ آهي. سڀ حقيقتون ڪوڙ جا نقش و نگار آهن. پاتال ۾ سڀ ڀوڳي رهيا آهن. تون به ضرور ڀوڳيندين.“

پلوٽو هن ڪي وڏو پٿر ڏنو ۽ حڪم ڪيو ته، ”ان ڪي جبل تي چاڙهي هيٺ لاهي ۽ وري جبل تي چاڙهي هيٺ لاهي. زندگيءَ جو مقصد اهوئي آهي.“

هو سيفس هيو. وقت جو سيفس. زندگيءَ جي سزا ڪاٽيندڙ. ٿوهر جهڙو ڪردار. لوهه ڪان مضبوط جسم وارو سسيفس جنهن جي هٿن ۾ پٿر هيو جيڪو گهليندو جبل تي لاهي ۽ چاڙهي رهيو هيو. سندس نه ڪيل گناهن جو ازالو. زنجيرن ۾ قيد چوڪارو.

وارث جڏهن پٿر لاهي چاڙهي ٿڪجي پهاڙ جي چوٽيءَ تي سمهي پيو ته پلوٽو حڪم ڏنو، ”هن ڪي زنجيرن ۾ جڪڙي پٿر سان ٻڌو وڃي.“

هن ڪي اگهاڙو پٿر سان ٻڌو ويو ته سندس پيٽ تي ڳجهون لهنديون هيون ۽ جيرو ڪائي اڏامي وينديون هيون. روز رات جو نئون جيرو ٺهندو هيو ۽ وري ڳجهون ڏينهن جو ڪائڻ لاءِ لهنديون هيون. هو پروميٿيس هيو. لافاني جيري جو مالڪ جنهن مٿان ڳجهون ڪاري جهڙ جيان ڇانيل هونديون هيون.

هن هڪ ڏينهن رڙ ڪري پلوٽو ڪان پڇيو.

”اي ديوتا، عرشنا ڪي وري جيري جيان جمڻ جي شڪتي عطا ڪر. ڪيس لافاني ڪر جيئن بيماريءَ جون ڳجهون جيري جو زهر ڪائي فنا ٿي سگهن.“

”ڳجهون ڪڏهن فنا نه ٿينديون.“ پلوٽو چيو، ”ڳجهون سزائن جو بدليل روپ آهن. ڀوڳنائن جو اڏامندڙ پاڇو آهن. پيٽ ۾ پيل جيري جيان لڪيل خواهشون آهن. خواهشون روز جنم وٺن ٿيون ۽ روز مرن ٿيون. اسين پنهنجن هٿن جا زنجير پنهنجن هٿن سان ناهيندا آهيون. جيڪي جار اٽندا آهيون انهن ۾ پاڻ ڦاسندا آهيون.“

”پر عرشنا بي قصور آهي.“ وارث چيو. ”هن وٽ ڪي خواهشون نه آهن. گناهن جا ايڏا انبار نه آهن. ڪي وڏا ڏوهه نه آهن. سندس ڀوڳنائن جو سبب آخر ڪهڙو آهي؟“

”ڀوڳنائن جا سبب نه هوندا آهن.“ پلوٽو چيو، ”زندگي پاڻ ڀوڳنا آهي. زندگي اهڙي بيماري آهي جنهن جو علاج ڪٿي به موجود نه آهي.“

وارث نااميد ٿي ويو. هو پٿر سان ٻڌل پيٽ اگهاڙي پروميٿيس جي وجود جو روح هيو. جڏهن روح ڳجهن جي پرن تي سوار اڏاٽو ته تارا ڇٽي چڪا هيا. اها تارن بنا رات هئي. اٽلانٽا ۾ ٻرندڙ جبل مٿان آسمان جي پيشانيءَ تي پگهر جون بوندون چمڪي رهيون هيون. چنڊ ڪي چار گڏهه گهلي رهيا هيا. چنڊ ارٽميس جي رٿ هيو. ان چهبڪ هٽي گڏهن ڪي روڪيو پئي ته گهٽو نه هينگن مخلوق جي ننڊ ڦٽندي. گڏهه ڪيس چئي ۾ نه هيا، اهي عرش تي مسلسل هينگندا ويا. ڌرتيءَ تي سمهيل مخلوق جا خواب اڌورا رهجي ويا.

”اي چنڊ ديوتا“ وارث چيو، ”چانڊوڪيءَ سان نواز جيڪا عرشنا جي وجود تي مرهم جيان هٽي ناسورن ڪي ٺڏو ڪيان.“

”تو ڪي غلط فهمي آهي.“ ارٽميس چيو، ”مان ڪجهه نه آهيان. اپولو جو پاڇو آهيان. اولڙو آهيان. داغدار آئينو آهيان. مون ۾ منهن نه ڏسجانءِ داغدار ٿي ويندئين.“

”پر تو ڪان افروڊائيٽي سونهن اڌاري ورتي.“ وارث چيو، ”تنهنجو پاڇو پدمڻيءَ تي پيو ته جنگيون ڇڙي پيون. تون دنيا جي شاعرن جو مرڪز. حسينن جو آفتاب. تنهنجي چانڊوڪي رات جي راڻيءَ تي پوي ته خوشبوءِ اپري. اي ديوتائن جا محور تنهنجي واتان مايوسيءَ جون ڳالهيون ٻڌي اندر اڌ ٿي ويو آهي.“

”تون سچ ٿو چوين.“ ارٽميس چيو، ”حقيقت ڪوڙ ڪانسواءِ ڪجهه نه هوندي آهي.“

هو مايوس ٿي اڏاٽو. ان وقت ايوس گلابي آگرين سان اپالو لاءِ عرش جو در کولي رهي هئي. اپالو سج جي رٿ تي سوار هيو جنهن ڪي چوڏهن ڪتا گهلي رهيا هيا. عرش ۾ ڪتا ڀونڪي رهيا هيا. ڌرتيءَ تي ماڻهو هڏي لاءِ وڙهي رهيا هيا.

اها ٽاڪ منجهند هئي وارث دانهن ڏيڻ لاءِ اپالو جي رٿ ڪي روڪيو ته ڪتن سندس ڀٽڪندڙ روح ڪي رتوڇاڻ ڪري ڇڏيو.

”روح جون ٻوٽيون جسم جي گوشت ڪان وڌيڪ ذائقيدار آهن.“ هڪ ڪتي ٻئي ڪي چيو.


”روح جون ٻوٽيون اڻ ڪٽ لافاني آهن.“ ٻئي ڪتي جو ڏنو.


اپولو سج جي شعلن مان ڪنڌ ڪڍي ڏسندو رهيو. هن ڏنو ڪتا ڏاڍا خوش هيا، توانا ۽ ڦڙت هيا. سندن رفتار تيز هئي. اپالو خوش ٿيو ۽ چهبڪ اچلائي ڇڏيو.


”ڪتا خوش ته ڪائنات خوش.“ هن مرڪندي چيو.

وارث جو روح ڳيا ڳيا ٿي ويو. ڪتا سندس روح جون آگريون چٽڻ لڳا. ان ڏينهن سج جي رفتار تيز هئي. ڏينهن ننڍو ٿيو. مرندڙ عرشنا جي زندگيءَ جو ڪٽندڙ ڏينهن.

(هلندڙ)







جهان آرا سومرو

# ڪهڙي جنت ماءُ جي قدمن هيٺان آهي؟

ڪجهه ڏينهن اڳ انٽرنيٽ تي هڪ فوٽو ڏٺو هيم. هڪ ستاسي الن جي ٻڍڙي عورت ڪُٻڙي ٿي پنهنجي سٺ سالن جي پوڙهي پٽ کي پنهنجن هٿن سان ماني کارائي رهي هئي. هن جو پٽ ڪنهن حادثي ۾ ذهني توڙي جسماني طور مفلوج ٿي ويو آهي.

ملڪ ڪهڙو به هجي مذهب ڪهڙو به هجي ماءُ جي محبت ۽ مرتبي ۾ ڪو فرق ڪونهي. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته ڇا ماءُ کي پيٽا ڏيڻ لاءِ ڪجهه تصويرون ۽ ڪجهه تحريرون ڏيکارڻ ڪافي آهي.

قرآن پاڪ ۾ فرمايل آهي،

"جنت ماءُ جي قدمن هيٺان آهي."

سوال اهو آهي ته،

"آخر ڪهڙي جنت ماءُ جي قدمن هيٺان آهي؟"

***

## محمد شائق- عمر ڇٽيهه سال- بئنڪ ۾ سيڪنڊ آفيسر

شائق جيئن ئي گهٽيءَ جي منهن ۾ گهڙيو ته ساڳيو نظارو نظر آيس جيڪو هر ٽين چوٿين ڏينهن نظر ايندو هوس. پاڙيواري حضور بخش جي گهر اڳيان گهٽيءَ ۾ ٽين جي ننڍي پيٽيءَ تي حضور بخش جي پوڙهي ماءُ چڙهي ويٺي هئي. شائق وجي سندس پرسان بيٺو ۽ پڇيائين،

"ڏاڏي، اڄ وري ننهن گهر مان ڪڍي ڇڏيو اٿئي؟"

"هائو ابا." هن وراڻيو.

اها ڪا نئين ڳالهه نه هئي. پوڙهيءَ جي ننهن پهريائين هن جي ٽين جي پٽي ٻاهر اڇلائيندي هئي، جيڪا کڙ کڙ ڪندي وڃي وچ گهٽيءَ ۾ ڪرندي هئي. کڙو ڪلي ويندو هوس. پوڙهيءَ جا ڪپڙا ۽ ٻيون شيون گهٽيءَ ۾ پکڙجي ويندڙيون هيون. پوءِ ڌڪو ڏئي پوڙهيءَ کي ۽ سندس ڏوهٽي کي ٻاهر ڪڍي دروازو بند ڪري ڇڏيندي هئي. پوڙهي چپ چاپ سامان ميڙي پيٽيءَ ۾ رکندي هئي. پيٽي پٽ جي پاڙ ۾ ڇانوَ ۾ رکي ان جي مٿان چڙهي ويهي رهندي هئي. گهٽيءَ مان لنگهندڙ ڪونه ڪو پاڙيوارو پڇندو هيس،

"ڏاڏي، هتي ويهي ڇا جو انتظار ٿي ڪرين؟"

"ابا، بس هتي ويٺي آهيان. نيٺ ته در کلندو ته اندر ويندس."

هن جي اميد صحيح هوندي هئي. دروازو کلندو هو. ڪڏهين جلدي ته ڪڏهين شام تائين نه کلندو هو. پوڙهي دروازي ۾ اک وجهيون ويٺي هوندي هئي. جيئن ئي دروازو کلندو هو هوءَ پيٽي ڪٽي هڪدم گهر ۾ گهڙي ويندي هئي. ان وقت هوءَ اندران سندس ننهن جو ڪاڪڙو ڦاڙي ڳالهائڻ ۽ گارين ڏيڻ جو گوڙ ٻڌڻ ۾ ايندو هو. ٿوري دير ڪانپوءِ سانت ٿي ويندي هئي. شائق سدائين ان پوڙهيءَ سان همدردي ڏيکاريندو هو. اڪثر سڏي گهر ۾ اندر ويهاريندو هوس. هڪ ڏينهن هن ڪانئس پڇيو،

"ڏاڏي، آخر جهيڙيو ڇاتي آهي؟"

پوڙهي پنهنجي ٻارنهن ورهين جي ڏوهٽي ڏانهن اسارو ڪندي چيو، "ابا جهيڙو هن نياڻي ڇوري تي آهي. هن کي مرگهيءَ جا دورا پوندا آهن. ننهن جو جهيڙو آهي ته گهر ۾ نه رهايانس."

"پوءِ نه رهائينس نه." شائق چيس.

"ابا، ڪاڏي ڪيانس. ماءُ به مري وئي اٿس. پيءُ ٻي شادي ڪري ٻار ٻچا ڇٽي ويٺو آهي. بانبڙا پائيندو هو تڏهين ڪان نپايو اٿمانس. مُئي مٽيءَ جي نشاني آهي. ڪاڏي ڪيان نڌڻڪي کي؟"

پاڙي ۾ رهڻ جي ڪري شائق ۽ پوڙهيءَ جو پٽ حضور بخش هڪ ٻئي سان حجائتا هيا. هڪ ڏينهن شائق حضور بخش کي گهٽيءَ ۾ روڪي چيو،

"يار، ماءُ ڪعبو قبلو آهي. روز گهر مان بي عزتو ڪري ٽا ڪڍوس. ڏوهه ٿيندوَ."

حضور بخش جو منهن ئي ڦري ويو. چيائين،
”يار، امڙ لائق آهي ان جي. ڏنو چورو ٿي پالي ويني. سڄو ڏينهن ان جي ڪوڏمي ۾ لڳي پئي هوندي آهي. منهنجن ٻارن جي خدمت ڪندي ته ننهن کي وٽندي نه. ڏنو چورو به ٻه مانيون ٿو کائي وڃي ويلي تي. وري مرگهي وٺيس ته هِٽ هُٽ ڪريو پوي. منهنجا ننڍڙا ٻار آهن ڪنهن کي بيماري لڳي وڃي ته ڪير منهن ڏيندو؟“

”پر ڏاڏي ويچاري ڇا ڪري. يتيم ٻار ڪيڏانهن ڪري؟“ شائق چيو.

”ڇا جو يتيم.“ حضور بخش چڙي چيو، ”پيءُ جيئرو جاڳندو وينو اٿس. وڃي پيءُ وٽ ڦٽي ڪري اچي. پاڻهي پاليندس. اسان ڇو پرائو ڦر پاليون؟“

شائق گهر ۾ گهڙيو ته پنهنجي گهر واريءَ کي ٻڌايائين،

”مهرو اڄ وري ويچاري پوڙهيءَ کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو اٿئون.“

”ها، اهو ته روز جو قصو آهي.“ سندس گهر واري مهرالنساءِ پنهنجي ننڍڙي ڌيءُ کي فيڊر ڏيندي چيو.

”پوڙهي به ته ضد تان نه ٿي لهي نه؟“ شائق چيو، ”ننهن جي مرضي نه اٿس ته ڇوڪرو ڪٽي پيءُ جي حوالي ڪري.“

”ماٽيلي ماءُ نه ٿي رهائيس.“ مهر النساءِ چيو، ”هنن جي پنهنجي آکه جي ئي پورت ناهي.“

”حق تي ته حضور بخش به دانهون ٿو ڪري نه؟“ شائق چيو.

اڄڪلهه جي مهانگائي واري دور ۾ هر ڪو پيٽ گذر ۾ پورو آهي هڪ وڌيڪ ماڻهو کارائڻ به ڏکيو آهي نه.“

”ڪهڙي ڳالهه ٿو ڪرين؟“ مهرالنساءِ چيو، ”هن جي ننهن ڪا ڪهڙي اُسامي ناهي جو پرائو ٻار کارائي. ٻه ٻه ويلا ويچاري پوڙهيءَ کي ماني نه ڏيندي آهي. ڏيندي به اٿن ته بس هڪ ماني. پوڙهي ڪڏهين ٽڪر کائيندي ته ڪڏهين اهو به ڏوهٽي کي ڏئي ڇڏيندي. حال نه ٿو ڏسينس هڏين جي مٺ وڃي بچي آهي.“

شائق افسوس ڪندي چيو،

”تون هينئن ڪندي ڪر. الله جي نالي تي وڏن جي نيت هڪ ماڻهوءَ جي ماني پوڙهيءَ کي ڏيندي ڪر. الله جي ڏنل رزق مان هڪ ماڻهوءَ جي ماني ته نڪري ايندي نه!!!“

”نه سائين.“ مهرالنساءِ ڪنن جو پاپڙيون پڪڙيندي چيو، ”مونکي اوڙي پاڙي ۾ خوار ٿيڻو ناهي. هن جي ننهن وڏي خواص آهي. خبر پونديس ته پوڙهيءَ کي ته ڪُٽ ڪيندي مونکي به گهر ۾ اچي بي عزتو ڪري ويندي.“

”تون ننهن کان چوريءَ سڏ ڪري ڏجانس. ننهٽس کي خبر پوي به ته چئجانس ته يتيم ٻار کي ٿا ڏيونس.“ شائق چيو.

”ڏسين پئي چاچي، پٽ جا ڪم.“ مهرالنساءِ سس ڏانهن ڏسندي چيو، جيڪا پينگهي ۾ ويٺي تسبيح پڙهي رهي هئي. پوءِ مڙس کي چيائين، ”سائين، مان ته ڊيوٽي تي ويندي آهيان اسڪول. منجهند جو موٽندي آهيان. تون چاچيءَ کي چئو ته اهو قرب پوڙهيءَ سان ڪري.“

ان ڳالهه کي ٻه ٽي ڏينهن گذريا. هڪ ڏينهن شائق شام جو گهر موٽيو ته گهر واري ۽ ماٽس ٻئي ڪاوڙيون ويٺيون هيون.

”خير ته آهي؟“ شائق حيران ٿي پڇيو.

ماٽس چيو، ”ابا، تنهنجي چوڻ تي حضور بخش جي ماءُ کي ماني ڏنيسين. اڄ صبح جو آئي پيرن تي اچي هٿ رکيائين. چيائين اڳتي ماني نه موڪلجو!!“

”ڇو؟“ شائق پڇيو.

”ننهن مڙس کي دانهن ڏني ته تنهنجي ماءُ پاڙيوارن کان الله نانءَ جي ماني وٺي ٿي کائي. سڄي پاڙي ۾ تنهنجي گلا ٿي ٿئي ته پٽ ماءُ کي ماني نه ٿو ڏئي.“ اها ڳالهه ٻڌي پٽ ماءُ جي ناهوڪي بي عزتي ڪئي.

عيد جو ڏينهن هو. شائق عيد نماز پڙهي گهر موٽيو ته ڏٺائين پوڙهي وري گهٽيءَ ۾ ويٺي هئي. شائق کلي پڇيو،

”ڏاڏي، اڄ عيد جي ڏينهن به ٻاهر ويٺي آهين؟“

”هائو ابا، مائي ٻارن ۽ مڙس سوڌي پيڪين عيد ڪرڻ وئي آهي. گهر بند ڪري وئي آهي.“

شائق ڪنڌ ورائي ڏٺو دروازي کي ٻاهران تالو لڳل هو. چيائين، ”پر ڏاڏي تون گهر ۾ هئينءَ ته تالو ڇو ڏئي ويا آهن؟“

”ابا، هن چوري جي ڪري بند ڪري ويا آهن.“ هن پٽ جي پرسان ٽيڪ تي ويٺل ڏوهٽي ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”چون ٿا گهر جا ٿپڙ وڃائيندو.“

”ڏاڏي، هتي اُس اچي وئي اٿي. اٿي هلي اسان جي گهر ويهه.“ شائق چيس.

”نه ابا، حضورو ڪاوڙ ڪندو.“

شائق خاموش ٿي پنهنجي گهر ۾ هليو ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ هن جو ننڍڙو پٽ ڊوڙندو آيو.

”بابا، بابا، هن ريوالي کي مرگهيءَ جو دورو پيو آهي گهٽي ۾ چڙيون ٿو هٽي پيو.“

اهو ٻڌي شائق ٻاهر نڪري آيو. پوڙهيءَ جو ڏوهٽو گهٽي جي ڌوڙ مٽيءَ واري ڌرتي تي پيو چڙيون هٽي رهيو هو. پاڙي اوڙي جا ٻار مٿان ميڙ ڪيون بيٺا هيس. پوڙهي ويچاري هن جا هٿ پير جهلڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي پر هو سندس ڪنٽرول ۾ نه ٿي آيو. شائق ويجهو وڃي پوڙهيءَ کي چيو،

”ڏاڏي، هل ته هن کي کڻي اسان واري اوطاق ۾ وجهون. هتي گهٽيءَ ۾ ماڻهو تماشو ڏسڻ لاءِ گڏ ٿي ويندا.“

پوءِ هن وڏن ڇوڪرن جي مدد سان ان کي کڻي پنهنجي ننڍي ڪوٺيءَ واري اوطاق ۾ وڌو. ڪجهه دير ڪانپوءِ هن جو دورو ختم ٿيو ته ڇوڪرو چپ ڪري سمهي پيو. شائق پوڙهيءَ کي چيو،

”ڏاڏي، هن کي آرام ڪرڻ ڏي تون اندر گهر هل. هلي ماني ٽڪر کاءُ.“

پوءِ هو ڪيس اندر گهر وٺي آيو.

”ڏاڏي، تون روز بي عزتي ٿي ٿئين. ڪنهن ڌيءُ جي گهر ڇو نه ٿي وڃي رهين. ڌيئر گهٽ ۾ گهٽ ڏک ته نه ڏيندئي؟“ ڪجهه دير بعد شائق ڪيس چيو،

”ابا، ڌيئر پنهنجون آهن. پر انهن جا مڙس ته پراوا پٽ آهن. پراون پٽن جي گهر رهندم ته پنهنجي پٽ جي گلا ٿيندي.“

”ڏاڏي، تون اهڙي پٽ جو خيال ٿي ڪرين جيڪو تنهنجو صفا خيال نه ٿو ڪري؟“

”ابا، ڀلي نه ڪري خيال. آهي ته منهنجو ٻچو. پنهنجن ٻچن سان خوش آباد رهي. ڳالهائي نه ڳالهائي. جڙيو جيئرو هجي. ان کي اکين اڳيان ڏسي منهنجون اکيون ٺرن. اهوئي ڪوڙ آهي منهنجي لاءِ.“

شائق ڪجهه دير چپ چاپ ڪيس ڏسندو رهيو پوءِ چيائين،

”حضور بخش اهڙو ويل به ناهي. ننهن ماني ٽڪي گهٽ ڏيئي يا خراب هلت ڪري ته پٽ کي ٻڌائيندي ته ڪر نه. هرويرو اهڙو ظالم به ناهي جو توکي ڏکن ٻکن تي رکي؟“

پوڙهي ڏاڍي ٿڌي لهجي ۾ چيو، ”نه ابا، ٽڪو ٽڻو گهر ايندو آهي زال به دانهون ڏيس ته وري مان به دانهن ڏيانس. جهنگ جو ٽڻو گهر نه ٺري. گهر جو ٽڻو جهنگ نه ٺري.“

*

**ڪهڙي جنت ماءُ جي قدمن هيٺان آهي؟**
**دارالسلام؟**
**جنهن ۾ صابر رهندا؟**

***

## مهرالنساءِ- عمر ٽيهه سال- پرائمري اسڪول ٽيچر

جيئن ئي اسڪول ۾ رسيس جو گهنٽو وڳو ته سڀ ٻاهر ڪلاسن مان ٻاهر ڊوڙندا ويا. مهرالنساءِ پنهنجي ڪلاس روم مان نڪري پنهنجي سهيلي نازيه جي ڪلاس روم ڏانهن وئي. اهو اتان جو روزمره جو معمول هو. جيئن ئي رسيس ٿيندي هئي سڀ ماستريائڻيون پنهنجا پنهنجا گروپ ٺاهي الڳ الڳ ڪلاس ٽيبل ۾ بدلجي ويندي هئي. ان تي ڪاپين ۽ ڪتاب بدران چولن پڪوڙن ۽ ٻين کائڻ پيئڻ جي شين جون پليٽون ۽ پُڙا گ ٿي ويندا هيا. نازيه جي ڪلاس روم ۾ چار سهيليون ويهنديون هيون سو ان ڏينهن به اهي اتي کاڄن پيچا سان گڏ ڪچهري به ڪرڻ ۾ مشغول هيون ته اوچتو نازيه کي ڪا ڳالهه ياد آئي هن مهرالنساءِ کي چيو،

”مهرو، آپا وڏي عمرو ڪري آئي آهي. سڀ مبارڪ ڏئي آيون اٿس تون مان رهجي ويا آهيون. اڄ شام هل ته هلي مبارڪ ڏئي اچونس.“

مهرالنساءِ ٽارائيندي چيو، ”يار، اڄ مونکي گهر ۾ ڪم آهي. اڄ ته سڀاڻي هلنداسين.“

”سڀاڻي وري ڪو ٻيو بهانو ٺاهيندينءَ؟“ نازيه ڪيس گهوري ڏٺو. مهرالنساءِ کلي لنوائي ڇڏيو.

”آخر تون آپا وڏيءَ جي گهر هلڻ کان پئي ڇو ڪيٻائين؟“ نازيہ پڇيو.

”ها نازي، مونکي ٻرو چڙهندو آهي هلڻ کان. يار کهڙي مصيبت آهي. نوڪري ڪرڻ سان گڏ ضروري آهي تہ آفيسرن جي خوشامد بہ ڪيون. تحفہ ۽ سوکڙيون بہ ڏيون. ڪڏهين آپا نِنديءَ جي ڌيءُ جي سالگره آهي گفٽ کڻي دعوت ۾ ضرور وڃڻو آهي. ڪڏهين آپا وڏيءَ جو پٽ امتحان ۾ پاس ٿيو آهي ڪيڪ کڻي مبارڪ ڏيڻ لاءِ وڃڻ ضروري آهي. هاڻي آپا وڏي پلوپار گهمي آئي آهي گلن جا هار ۽ مٺائي جو دٻو کڻي وڃي حاضري ڀرڻي آهي.“

”ڇا ڪجي پلا؟“ نازيہ چيو، ”ويهن اسڪولن جي مٿان آفيسرياڻي آهي ٿي سو ڪان وڏيڪ ماسترياڻيون ماتحت اٿس. پر توکي تہ خبر آهي نہ ڪيڏو نہ تيز حافظو اٿس. هڪ هڪ ٽيچر ياد هوندي اٿس. جيڪڏهن ڪا ٽيچر هن جي حاضريءَ ۾ نہ پهتي تہ اها ضرور ياد رهنديس. پوءِ ان ڪي تہ آفيس طرفان ڪا مهرباني جي اميد نہ هوندي!!“

ڇئي تہ نازيہ سچ پئي پر اصل ۾ مهرالنساءِ کي اها وڏي آپا بنهہ ڪونہ وڻندي هئي. اها ڏاڍي رُکي ۽ سخت گير عورت هئي. اسڪولن کي پنهنجي ذاتي ملڪيت ۽ ماتحتن کي پنهنجو غلام سمجهندي هئي. پر ان کي ناپسند ڪرڻ جو هڪ ٻيو بہ سبب هو. اها وڏي آپا پنهنجي ٻارن ۽ ٻن ڀينرن ۽ هڪ ڀاءُ سان گڏ رهندي هئي ۽ انهن جي پوڙهي ماءُ بہ انهن سان گڏ رهندي هئي. ٻهريون دفعو جڏهين مهرالنساءِ ان وڏي آپا جي گهر ان جي ڌيءُ جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ چوندجڻ جي مبارڪ ڏيڻ وئي هئي تہ هڪ عجب نظارو ڏٺو هيائين. اها آپا ۽ ان جي ڀيڻ جيڪا ڊاڪٽرياڻي هئي ۽ ڪنهن نيٽر تي نوڪري ڪندي ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي صوفن تي ويٺيون مهمانن سان ڪچهري ڪري رهيون هيون. سامهون اڱڻ ۾ هڪ 80 سالن جي پوڙهي جيڪا ڪُبڙي ٿي هلي رهي هئي. ٿلهيءَ تي منجيءَ مٿان ويني ٿانوَ ڌوئي رهي هئي. ان جي هٿن ۾ رعشو هو. اها پوڙهي پنهنجن ڏڪندڙ هٿن سان ٿانوَ ڌوئي بار بار اتي مٿي ڇڪي تي رکي رهي هئي.

”آپا وڏيءَ اهڙي پوڙهي مائي ڪم لاءِ ڇو رکي آهي؟“ مهرالنساءِ آهستي نازيہ کان پڇيو.

نازيہ هن کي ٺونٺ هڻي آهستي چيو، ”اها آپا وڏيءَ جي ماءُ آهي.“ ان وقت تہ مهرالنساءِ چپ ٿي وئي. پر واپسيءَ ۾ نازيہ کي چيائين،

”اهي ڪيڏيون نہ بي حس ۽ نالائق ڌيئر آهن. پاڻ آرام سان رهيو پوڙهي ماءُ کان ڪم ٿيون ڪرائين؟“

انڪانپوءِ هوءَ بہ ٽي دفعا آپا وڏيءَ جي گهر وئي هئي ۽ جڏهين بہ ويندي هئي ان عمر رسيده عورت کي ڪونہ ڪو گهر جو ڪم ڪار ڪندي ڏسندي هئي. ڪڏهين ٻورچيخاني ۾ ويٺي ماني پچائڻ واري ڇوڪريءَ جو هٿ ونڊائيندي هئي تہ ڪڏهين ڪپڙا ميڙيندي سهيڙيندي نظر ايندي هئي. مهرالنساءِ جي دل ۾ هميشہ اهو خيال ايندو هو تہ ”وڃي ان کان پڇي تہ هوءَ آخر ايڏي هيٺي خال هوندي ڇو ٿي ڪم ڪري؟ پر آپا وڏيءَ جي خوف کان ڪجهہ ڪڇي نہ سگهندي هئي.

نازيہ جي زور ڀرڻ تي دل نہ چاهيندي بہ هوءَ نازيہ سان گڏجي گلن جو هار ۽ مٺائي جو دٻو کڻي وڏي آپا جي گهر وئي. اتي ڪجهہ ماسترياڻيون، آفيسرياڻيون ۽ پاڙي جون عورتون اڳ ۾ ئي ويٺيون هيون. آپا وڏي جيڪا تازو عمرو ڪري آئي هئي. ڪوچ تي راڻين جهڙي شان سان ويٺي هئي. ان جا وار گولڊن ڪلر ٿيل هيا. ۽ تازو فيشل ٿيل هيس جنهن ڪري سندس چهرو نوراني نور چمڪي رهيو هو. هنن ڪيس سلام ڪيو. هار پارائيندي عمري جي مبارڪ ڏني ۽ مٺائي جا دٻا سندس آڏو ٽيبل تي رکي ويهڻ جي جاءِ ڳولهڻ لڳيون. نازيہ پاسي واري پلنگ تي ماسترياڻين جي وچ ۾ وڃي ڦٻي. مهرالنساءِ کي دروازي جي ڀرسان صندل تي هڪ ڪنڊ ملي تہ هوءَ پنهنجي ننڍڙيءَ کي هنج ۾ ڪري اتي ئي وڃي ويٺي. ٿوري دير ۾ اتي آپا وڏيءَ جي ننڍي ڀيڻ بہ ٻاهران آئي. ان جي پٺيان هڪ ٻي وڏي عمر جي عورت ڊاڪٽريءَ وارو بيگ کڻيون آئي جيڪا شايد دائي هئي. هن آپا وڏيءَ کي سلام ڪيو.

”شبنم، اڄ سڄ لهي ويو اٿئي موٽڻ ۾ پلا“ آپا وڏي ڀيڻ کان پڇيو.

”آپي، بس ڳالهہ ئي نہ پڇ. اڄ تہ عورتن جي ايتري رش هئي جو لڳي پيو مان تہ چري ٿي ويندم. هي منهنجو حُليو ڏسين ٿي؟“ هن ڀيڻ کي ٻڌايو.

مهرالنساءِ ڏٺو هوءَ سڄي پگهر ۾ شل هئي. ۽ وار بہ جهرڪي جي آکيري جيئن ٿي ويا هيس.

”امان، تنهنجو فڪر پئي ڪري.“ آپا وڏيءَ ڪيس ٻڌايو.

”ها، مان فريش ٿي اچان تہ امان کي احوال ٻڌايان ٿي.“ پوءِ هن بيگ واري عورت کي چيو، ”جانل، بيگ اتي رک تون بہ هاڻي گهر وڃ.“

پوءِ هوءَ اندر ٻي ڪمري ڏانهن هلي وئي.

مهرالنساءِ جتي ويٺي هئي اتي پکي جي هوا نہ ٿي پهتي. گرمي ۽ گهٽن ماڻهن جي موجودگي جي ڪري مهرالنساءِ جي ننڍڙيءَ بي چين ٿي روئڻ شروع ڪيو. آپا وڏيءَ بہ ٽي دفعا هن ڏانهن ڏٺو پوءِ ڪيس مخاطب ٿي چيائين،

”بابا، ٻار کي ٻاهر کڻي وڃ. وڃي پاڻي وغيره پيئارينس.“ مهرالنساءِ ننڍڙي کي کڻي ٻاهر اڱڻ ۾ نڪري آئي.

*

کٽ تي آپا وڏيءَ جي ماءُ ڌوتل ڪپڙن جي ڍير وٽ ويٺي ڪپڙا ويڙهي رهي هئي. هن ڪيس سلام ڪيو ۽ ننڍڙيءَ سوڏي وڃي ان جي ڀرسان ويٺي. ننڍڙي بہ ٻاهر اچي سانت ٿي. هن آپا وڏيءَ جي ماءُ سان خير عافيت ڪئي. هوءَ ڏاڍي شفيق ۽ ماڻيٽي طبيعت واري عورت هئي. هوءَ مهرالنساءِ سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳي. ٿوري دير ۾ هن کي ائين لڳو ڄڻ هن سان سندس پراڻي ڄاڻ سڃاڻ هئي. ڪجهہ دير بعد هن ڊڄندي ڊڄندي پڇيو،

”امان، آپا جن کي الله سائين سڀ ڪجهہ ڏنو آهي. ڪم وارا ماڻهو بہ اٿن پوءِ توهان هن عمر ۾ ڪم ڇو ٿيون ڪيو؟“

هن ڏيرج سان چيو، ”امان، ڪم صحت جو صدقو آهي. جيستائين هٿ پير هلن ماڻهوءَ کي هلائڻ گهرجن. هونئن بہ پنهنجن ٻچن جو ڪم ڪار ڪرڻ ۾ ڪهڙو عيب آهي. سڄي عمر اهوئي تہ ڪم ڪندا رهندا آهيون.“

مهرالنساءِ چيو، ”صحيح آهي امان، پر ٻار وڏا ٿي ويندا آهن تہ انهن جو خدمت ڪرڻ جو وارو هوندو آهي. خدمت ڪرائڻ جو نہ؟ ائين تہ اولاد کي گنهگار ڪبو.“

هوءَ مرڪي ۽ چيائين، ”اولاد تہ تڏهين گنهگار ٿيندي نہ جڏهين اهي پاڻ ماءُ کان خدمت ڪرائين نہ؟ جيڪڏهن ماءُ پنهنجي خوشيءَ سان اولاد جي خدمت ڪري تہ اها ان جي محبت آهي ۽ محبت جو گناهہ ٿورو ئي ٿيندو آهي؟“

هن پوڙهي وڏي محبت سان اولاد جي ڪوتاهيءَ کي مامتا جي پَلوَ ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ان ڳالهہ مهرالنساءِ جي دل کي مطمئن نہ ڪيو. هوءَ منجهيل نظرن سان ڏسڻ لڳس. هوءَ مهرالنساءِ جي نظرن مونجهارو سمجهي وئي. ويڙهيل ڪپڙا هڪ پاسي رکي ۽ ماڻيٽي لهجي ۾ چيائين،

”امان، اسان ڪي امير ماڻهو نہ هياسين. منهنجو مڙس هيڊماستر هو. هن کي ڏاڍو شوق هو تہ ٻارن کي وڏو علم پڙهايان. ان لاءِ اسان ٻنهي زال مڙسن ڏاڍي محنت ڪئي سون. مان گهر ۽ ٻارن جي ڪم سان گڏ گهر ويٺي سلائي ٽوپو بہ ڪندي هيس. ٻار ننڍا هوندا هيا. ڏينهن جو گهٽ واندڪائي ملندي هئي تہ رات جو جڏهين ٻار سمهي پوندا هيا تہ جاڳي سلائي ڪري اوڙي پاڙي جا ڪپڙا سنبري هيس. اتان جو واندي نہ ويهڻ جي عادت پئي سا اڄ سوڌي هلي اچي. جڏهين ٻار ننڍا هيا تہ سوچيندي هيم، آرام جو وقت ناهي. ٻارن جي سک ۽ تعليم لاءِ گهٽي کان گهٽو ڪم ڪرڻو آهي. نيٺ تہ وڏا ٿيندا منزل تي پهچندا پوءِ اسان جو ڪم ختم ٿيندو.“

هوءَ چپ ٿي ڪپڙا ويڙهڻ لڳي. مهرالنساءِ چيو،

”پر امان، هاڻي تہ توهان جا ٻار منزل تي پهچي ويا آهن. ماشاء الله سٺن عهدن تي آهن. هاڻي تہ توهان جي آرام جو وقت آهي نہ ڪي ڪم ڪرڻ جو؟“

”نہ امان.“ هن ڏيرج سان چيو، ”ماءُ جو ڪم ڪڏهين بہ ختم نہ ٿيندو آهي. نہ ئي اولاد ماءُ جي مدد ڪانسواءِ هلي سگهندي آهي.“ پوءِ هن اندر ويٺل ڌيئرن ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”هو جيڪي منهنجيونڌيئر اندر ويٺيون آهن نہ. تون سوچيندي هوندينءَ تہ شايد نالائق اولاد آهن جوماءُ کان ڪم ٿيون ڪرائين.“ هو ترسي ساهہ پٽڻ لڳي. مهرالنساءِ دل ئي دل ۾ چيو، ”ان ۾ شڪ ئي ڪهڙُو تہ نالائق آهن.“

پوڙهي چيو، ”اهي مونسان وڙهنديون آهن. ڪاوڙ ڪنديون آهن تہ مان ڪم نہ ڪيان. پر مان پنهنجي مرضي ۽ ضد سان ڪم ڪندي آهيان.“

”ڇو؟“ مهرالنساءِ حيران ٿي پڇيو.

”هوءَ جيڪا تنهنجي وڏي آپا آهي سڄو ڏينهن آفيس سان منهن ڏيندي آهي. ڪڏهين ڪڏهين ته ميٽنگ هوندي اٿس ته رات تائين گهر کان ٻاهر رهندي آهي. گهر ۾ ٻه ماڻهو ۽ ٽيليفونيون سڪون سان ويهڻ نه ڏينديون اٿس. هوءَ ننڍي ڊاڪٽرياڻي شبنم سينٽر تي ويندي آهي. گرمي سردي ۾ سج لٿي تائين مرضن سان مٿو هڻي هڻي مُٽندي آهي ته صفا هڄ ٿي پوندي آهي. هاڻي جيڪڏهن گهر ۽ ٻارن جا معاملا به مٿي تي کڻنديون ته ڪيئن هلي سگهنديون. نه گهر صحيح هلندو نه ئي نوڪريءَ جا معاملا؟“ پوڙهي ٿوري دير لاءِ خاموش ٿي وئي. مهرالنساءِ چيو،

”امان گهر ۾ ملازم جو آهن. انهن کان ڪم ڪرايو؟“

”امان ملازمن ۾ اها سچائي ۽ سليقو ٿورو ئي هوندو آهي جيڪو ماءُ ۾ هوندو آهي. جيستائين انهن سان گڏجي ڪم ڪار نه ڪبو ته گهر چڱي نموني نه هلندو. ٻچن جي ڪمائيءَ ڪي زيان کان به بچائڻو آهي. انهن کي آزاد به رکڻو آهي ته جيئن هلڪا ٿي پنهنجن ڌنڌن ۾ ڪاميابيون ماڻين. ان لاءِ انهن جو بار نه کڻڻو پوندو نه؟“

”پر امان انهن جو بار کڻڻ لاءِ توهان تي وزن کان وڌيڪ بوجهه نه پوندو؟“ مهرالنساءِ چيو، ”هن عمر ۾ ايڏو ڪم ڪرڻ سان توهان کي تڪليف نه ٿي ٿئي. ان ڳالهه کي ته آپا جن به محسوس ڪنديون هونديون؟“

هن مرڪي مهرالنساءِ جي هنج ۾ ويٺل ان جي ننڍڙيءَ کي ڏسندي پڇيو،

”تون پنهنجن ٻارن لاءِ جيڪا ننڊ ڦٽائي اوجاڳا ڪندي آهين يا ڪا تڪليف برداشت ڪندي آهين ڇا اها انهن کي محسوس ڪرڻ ڏيندي آهين؟“

*

**ڪهڙي جنت ماءُ جي قدمن هيٺان آهي؟**
**جنتِ عدن؟**
**جنهن ۾ سخي، عادل ۽ غازي رهندا.**

***

## ڊاڪٽر شبنم ـ عمر ستاويهه سال ـ ميڊيڪل آفيسر

منجهند جا ٻارنهن ٿي رهيا هيا. ڊاڪٽر شبنم ۽ ڊاڪٽر انجم ڊيوٽيءَ تي موجود هيون. اهو هڪ ڳوٺ سڏايو ماڇيءَ جو عورتن لاءِ صحت مرڪز هو. اهڙو ئي ننڍو صحت مرڪز جيڪي اهڙن ننڍين ڳوٺن ۾ ٻاهرين ملڪن جي سهڪار سان کوليا ويا هئا جتي ويجهڙائي ۾ ڪا اسپتال يا طبي سهوليت موجود نه هئي. اتان جي وڏيري قرباني ڏيندي پنهنجي هڪڙي اوطاق ان مرڪز لاءِ ڏني هئي. پهريان ٻه سال اتي رڳو هڪ ڊاڪٽرياڻي شبنم هڪ دائي جانل ۽ هڪ ڊسپينسر مقرر هيا. پر گذريل هڪ سال کان هڪ ٻي ڊاڪٽرياڻي انجم پڻ اتي مقرر ڪئي وئي هئي. اهو مرڪز هفتي جا پهريان ٻه ڏينهن هلندو هو. انهن ٻن ڏينهن ۾ اتي ايڏي ته رش ٿيندي هئي جو ائين لڳندو هو ڄڻ عورتن جو ميلو لڳو آهي. يا ڪا مفت جي مٺائي ٿي ورهائجي. هونئن ڏسجي ته مفت جي مٺائي ٿي ورهائجي. هونئن ڏسجي ته مفت جي مٺائي ئي ڇئبي. ويچاريون مايون. مهينن جا مهينا بيمارين ۽ صحت جي مونجهارن ۾ پيون لوڙينديون. پر ڪنهن اسپتال ڏانهن وڃي ڪنهن ڊاڪٽرياڻي کان چڪاس نه ڪرائينديون. هڪ ته غربت ٻيو لاپرواهي. ڪير ڀاڙا ڪرايا ڪري شهر وڃي دوا وٺڻ. تڪليف وڌي ويندن ته ستين ڦڪين تي گذارو ڪنديون.

پر دعا ڪن ٻي ڏينن کي جن خيرات جا پئسا موڪلي اهي مرڪز کولرائي ڏنا اٿن. صبح جو نيرن به نه ڪنديون. ننڊ مان اٿي روانيون ٿينديون صحت مرڪز ڏانهن. شام تائين ميلا لڳائي ويٺيون هونديون. جيستائين وارو اچين، مجال آهي جو بيزار ٿي موٽي وڃن. پلي سڄو ڏينهن لڳي وڃين. نه گهر جو ڪم ڪار ياد ايندن نه رڌو پڪو. نه وري مائٽن جو شادي يا طوهر جو سڏئي سجهندن. پيلا سڏ پنڌ تي پليون مندمون ۽ مفت جون دوائون ملنديون ته پراڻا وسريل مرض ته ياد پوندا نه. شاباش انهن ڊاڪٽرياڻين کي جيڪي ان ميلي سان منهن ٿيون ڏين.

*

رونبن جي مند گرمي چوٽ چڙهيل هئي. ننڍين ڳوٺن ۾ ته اڪثر بجلي هوندي ئي ڪانهي. مٿان وري ماين جي رش. سينٽر ۾ رڳو ٻه ڪمرا. هڪ ۾ دوائون ۽ ڊسپينسري ٻي ۾ ڊاڪٽرياڻيون هڪ ٽيبل تي ۽ ساڳي ڪمري ۾ مريضياڻيون. دروازي تي بيٺل دائي جانل گهٽو ئي جهلين ته واري واري تي وڃو پر پر هن کي ليکن ئي ڪونه. انبوهه ڪري سڏو ڊاڪٽرياڻين جي مٿان اچي بيهن.

گرميءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ماءُ روز ٿڌي پاڻيءَ جو کولر ٿاهي ڊاڪٽر شبنم کي ڏيندي هئي.

”امان، جهولو ٿو لڳي. هر هر پاڻي پيئندي ڪر.“

ڊاڪٽر انجم وري بيٽريءَ وارو پکو کڻي ايندي هئي جيڪو پرسان اسٽول تي رکي هلائينديون هيون. ٿيندو ائين هو جو مايون ٻنهي ڊاڪٽرياڻين جي چوڌاري ائين گهيرو ٿاهي بيٺيون هونديون هيون جو پکو زوڪاٽ ڪري پيو ڦرندو ۽ جهه ڳولهيندو هو ته ڪٿان وٿي ملي ته ڊاڪٽرياڻين ڏانهن ڪو هوا جو جهوٽو موڪلي!! تان جو بيٽري ختم ٿي ويندي ۽ پکو بند. رهيو پاڻيءَ جو سوال سو جيئن ئي پاڻي جو کولر رکبو،

”باجي. مان ٿورو پاڻي کڻان.“

”امڙ. ٻار ٿو روئي ٿورو پاڻي اوتيان.“

هاڻي پيلا پاڻيءَ کان روڪي ڪير گناهه کڻي. اڌ ڪلاڪ اندر کولر ختم.

*

اهو به اهڙُ ئي رش وارو ڏينهن هو. ماين جا سڏ. ٻارن جو ريهاٽ. گرمي. ڊاڪٽرياڻيون پگهر پاڻي ٿي ويون. ڊاڪٽر شبنم دائي جانل کي دڙڪو ڏيندي چيو،

”جانل، تون صفا ناڪاره آهين. ڪيڏو سمجهايو اٿمانءِ ته ٻاهران ٻه ٻه ڪري مايون موڪل. هاڻي هنن سان ڪير منهن ڏي؟“

”ڊاڪٽر، ايڏو ٿي چوان. مڙن ئي نه ٿيون. ڌڪا ڏئي اندر گهڙي ٿيون اچن.“ جانل چيو.

”ماسي، تون هونئن به ڪم جي ناهين.“ ڊاڪٽر انجم چيو، ”هفتو ٿيو آهي سلائيءَ جا ڪپڙا ڏنا اٿمانءِ اڃا تائين سبرائي نه کڻي آئي آهين.“

”ڊاڪٽر، الله جو قسمان روز ٿي ريحانه ڏي وڃان. ويچاري چاق ناهي. بس ڏينهن ٻن ۾ سبي ڏيندي.“

ان وقت پٺيان آواز آيو، ”آئي پلا دوا ڏيندينءَ؟“

”ڊاڪٽر.“ جانل ڊاڪٽر شبنم کي چيو، ”آئي اٿو توهان جي سڪيلڌي مريضياڻي.“

ڊاڪٽر شبنم ڪنڌ ورائي ڏٺو ماين جي چولين مان اها سانوري رنگ جي ٿلهي مائي تڳي گُهت هڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ڊاڪٽر شبنم کيس چيو،

”امان تڳي. تون سامهون بئنچ تي وڃي ويهه. مان جان ڇڏايان توکي آرام سان ڏسان ٿي.“

هو ٻئي ڄڻيون وري مريضن جي چڪاس ۽ دوا لکڻ ۾ مصروف ٿي ويون. منجهند جا ٽي وڳا ته جانل اچي آهستي ڊاڪٽر شبنم کي چيو،

”ڊاڪٽر، وڏيري جي گهران بوتلون آيون آهن. پرسان واري ڪمري ۾ رکيون اٿم. هلي ٿورو ساهه پٽيو. بوتلون به پيئو.“

وڏيري جي گهران اڪثر هنن لاءِ ڪڏهين ٿاڌل ڪڏهين بوتلون نه ڪڏهين هنداڻو وغيره ايندو هو. هو ٻئي ڄڻيون اٿي پرسان واري ڊسپنسري ڏانهن وڃڻ لڳيون ته شبنم جي نظر مائي تڳيءَ تي پئي جيڪا پٽ جي پرسان رکيل بئنچ تي پٽ سان ٽيڪ ڏئي ننڊ پئجي وئي هئي.

”تنهنجي فيورٽ ته ننڊ پئجي وئي.“ ڊاڪٽر انجم کلي چيو.

”ويچاري پري کان آئي آهي. ٿڪجي پئي هوندي.“ شبنم چيو.

هو ٻئي وڃي ڊسپنسري ۾ ويٺيون جتي ٿڌيون بوتلون پيون هيون. هنن هڪ بوتل جانل کي ۽ ٻي ڊسپنسر کي ڏني جيڪي کڻي ٻاهر وڃي ويٺا.

بوتل پيئندي انجم سامهون سٽل مائي تڳيءَ کي ڏسندي شبنم کان پڇيو، ”آخ ان ميري گدلي پوڙهيءَ ۾ ڪهڙي خاص ڳالهه آهي جو تون ان جو ايترو خيال رکندي آهين؟“

”اها ڏاڍي صابر ۽ شاڪر عورت آهي. ان جو هڪڙو اصول آهي ته هر حال ۾ الله جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.“ شبنم کيس ٻڌايو. مان جڏهين کان هتي اچڻ شروع ڪيو آهي اها به ايندي رهي آهي. جڏهين ڪڏهين واندڪائي ملندي هئي ته هيءَ مونسان پنهنجو حال اوريندي هئي. هن جي زندگي به هڪ ڪهاڻي آهي.“

”ڪيئن پلا؟“ انجم پڇيو.

”جڏهين هن مائي جي شادي ٿي هئي ته هيءَ ڏاڍي سڪي ستابي مائي هئي. مڙس پئسي ۽ ٻني ٻاري وارو چڱو ماڻهو هيس. پر ويچاريءَ جي سڪن جي عمر رڳو ٻه ٽي سال هئي. پهريائين اولاد نه پئي ٿيس، وتندي هئي پياسون باسيندي. جڏهين ٻار ته اڃا پيٽ

۾ ئي هيس تہ مڙس کي ڪالرا ٿيس. مري ويو.“

شبنم ٿورو ساهہ پٽي بوتل جا ٻہ ٽي ڍڪ پريا. پوءِ ڪيس ٻڌايائين، ”مڙس مرڻ بعد پٽ چاليس. ڏيرن ٻني ٻارو پئسا ڏوڪڙ سڀ ڪجهہ ڪسي ورتس. هنن ماڻهن ۾ رواج هوندو آهي تہ مڙس مرڻ بعد عورت جا وارث پيڪا ٿيندا آهن. سو هن مائي تڳيءَ جي ٻارن بہ هن تي وارثي ڄمائي. مائي اڃا جوان هئي ٻارن هن کي پئسن جي عيوض ٻيو مڙس ڏيڻ جو ارادو ڪيو. هن مائي ٻيو مڙس نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ۽ سڄي زندگي هڪ پٽ لاءِ گذارڻ جو فيصلو ڪيو. ڳوٺ جي چڱي مڙس فيصلو ڪيو تہ يا نہ تڳي ٻارن جي ٽي ٻيو مڙس قبول ڪري يا ان جا ڏير عيوضي ۾ ان جي ٻارن کي ٽڪا ڀري ڏين. ڏيرن تہ ٽڪن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. پر هن مائيءَ وعدو ڪيو تہ هوءَ محنت مزدوري ڪري ٻارن کي ٽڪا ڀري ڏيندي. پر ٻيو مڙس نہ ڪندي.“

”پوءِ هن مائيءَ ڇا ڪيو؟“ انجم حيران ٿي پڇيو.

”هن مائي محنت مشقت ڪرڻ ۾ حد ڪري ڇڏي.“ شبنم ڪيس ٻڌايو، ”سخت گرميءَ ۾ آلو ڪپڙو ويڙهي رونبا ڪندي هئي. ٻنين ۾ گاهہ ڪندي هئي. لوڻ واري زمين مان لاهہ ڪيندي هئي. جنڊ تي ڳوٺ وارن جو اٽو پيهندي هئي. ڇيڻا سڪائي وڪڻدي هئي. مطلب تہ پنهنجي جسم ۽ وقت جي ذري ذري مان ڪم وٺي پئسا گڏ ڪندي هئي. ٻارن جو قرض بہ لاهيندي هئي ۽ پٽ کي اسڪول ۾ بہ پڙهائيندي هئي.“

”ٻارن ۽ ڏيرن ڪڏهن جو ڇڏيس تہ رهندي ڪٿي هئي؟“

”ڳوٺ جي ٻاهران پاڻ پنهنجي سر منهہ ٽاهي رهندي هئي.“ شبنم ڪيس ٻڌايو، ”سڄي عمر ايڏي سخت زندگي گذارڻ جي باوجود هن ڪڏهين بہ تقدير جي شڪايت نہ ڪئي نہ ئي ناشڪري ڪئي. وڏي همت ۽ صبر سان حالتن سان جنگ جوٽيائين ٻارن جو قرض بہ لاٿائين ۽ پٽ کي بہ پڙهايائين.“

شبنم چپ ڪئي تہ انجم انتظار مان پڇيو،

”مائيءَ جي جدوجهد ڪامياب وئي نہ.“ شبم گهڙي ڪن چپ رهي پوءِ چيائين، ”جڏهين شروع ۾ مان هتي جوائن ڪيو تہ هيءَ دوا وٺڻ ايندي هئي. ان وقت ڏاڍي خوش هئي. هن جي پٽ کي هڪ اين جي او ۾ نوڪري ملي هئي. هيءَ ان وقت پٽ جي شاديءَ لاءِ پئسا گڏ ڪري رهي هئي. سال اندر هن ۽ هن جي پٽ محنت ڪري پئسا گڏ ڪيا هن پٽ جي شادي ڪرائي ڪجهہ مهينن بعد ننهن کي وٺي ڏيکارڻ آئي. ننهن کي اميد واري هيس.“ انجم هڪ ڊگهو ساهہ کڻي چيو، ”شڪر آهي جو ويچاريءَ جي جدوجهد ڪامياب وئي.“

پر شبنم جي چهري تي افسوس واري جهلڪ ڏسي پريشان ٿي وئي پڇيائين، ”او نو. وري ڪجهہ برو تہ نہ ٿيو هن سان.“

”هن جي بدقسمتي جو وڏيڪ برو دور تہ پوءِ شروع ٿيو.“ شبنم چيو، ”شاديءَ جي پنجن مهينن بعد هن جو پٽ بيماري تي گذاريو ويو.“

”ماءِ گاڊ!!!“ انجم سراپجي وئي.

”پٽ جي مرڻ کان ٽن مهينن بعد هيءَ مون وٽ دوا وٺڻ آئي. آئي تہ ان لاءِ هئي تہ اکيون خراب ٿي پيون هيس. پر چڪاس ڪرڻ بعد خبر پئي تہ هن کي ذيابيطس بہ ٿي ويو هو. مون هن کي چيو، تون تہ هاڻي ڪم کان پوڙهي ٿي وئي آهين. پٽ ڪمائڻ وارو بہ گذاري ويئي. بيماري بہ لڳي اٿئي هاڻي تنهنجي گذران ۽ دواسڻيءَ جو بندوبست ڪير ڪندئي؟ هن چيو مونکي هڪڙي مينهن آهي ان جو کير وڪڻندي آهيان ان مان گذر سفر ٿي ويندو آهي. الله جنهن حال ۾ رکي ان جو شڪر آهي.“

”ننهن کي ٻار جو هيس اهو ڪيڏانهن ويس.“ انجم پڇيو.

ننهن کي پيڪا وٺي ويا اتي ان کي پٽ ڄايو جيڪو ڪٺي هن مائي کي ڏئي ويا ۽ ان جي ماءُ کي ٻي هنڌ پرڻائي ڇڏيائون. هاڻي هيءَ مائي تاريخ وري دهرائي رهي آهي. پوٽي کي پالي.“

ان وقت جانل اندر آئي چيائين،

”ڊاڪٽر مايون تہ وڦلن ٿيون.“

ٻئي ڊاڪٽرياڻيون اٿي چڪاس واري ڪمري ۾ آيون. ۽ وري ساڳي ڪم کي لڳي ويون. ان وقت پوڙهي تڳي بہ ننڊ جو سوپو ڪري جاڳي پئي ۽ اٿي ڊاڪٽر شبنم ڏانهن آئي چيائين،

”آئي سڄ لهي ويندو پنڌ بہ پيو آهي. پلا دوائڙي ڏينم تہ ڳوٺ پيڙي ٿيان.“

ڊاڪٽر شبم ڪيس ويهاري سندس چڱي طرح چڪاس ڪئي. هن جو بلڊ پريشر بہ وڌيل هو ۽ شگر بہ چوٽ چڙهيل هئي. شبنم ڪيس چيو،

”امان، تڳي توکي ڪيترو سمجهايو اٿم تہ توکي شگر جي بيماري آهي دوا بند ڪرڻي ناهي. توکي هتان مفت ۾ برابر دواملندي آهي تہ پوءِ ايترا ڏينهن ڇو وڏا اٿئي دوا وٺڻ ۾؟“

”آئي بس، پاڙي جا پئسا نہ ٿي سگهيا. ننڍڙي جي کير ۽ دوا سٽيءَ ۾ بہ خرچ ٿو اچي نہ. هاڻي تہ وري ڳوٺ ۾ جڏهين کان گيس اچي وئي آهي تہ ڇيڻا بہ ڪونہ ٿا ڪپن.“

”مينهن جو اٿئي؟“ شبنم پڇيو، ”کير نہ ٿي ڏيئي ڇا؟“

”آئي اها مينهڙي بہ مري وئي.“ تڳيءَ بي تاثر آواز ۾ چيو. شبم پريشان ٿي ڪيس ڏسڻ لڳي. پوءِ چيائين،

”پوءِ هاڻي ڇا ڪندينءَ؟“

”بس آئي. الله جنهن حال ۾ رکي ان جو شڪر آهي.“

*

**کهڙي جنت ماءُ جي قدمن هيٺان آهي؟**

**دارالمقام؟**

**جنهن ۾ شاڪر رهندا.**

***

## جانل ـ عمر پنجونجاهہ سال ـ صحت مرڪز جي دائي.

جيتوڻيڪ سڄ لهي چڪو هو. هن کي گهر موٽڻ ۾ دير ٿي وئي هئي. هوءَ ٿڪل بہ ڏاڍي هئي. اڄ سينٽر تي رش ڪجهہ گهٽي هئي ان ڪري بيهي بيهي ۽ ماين سان مٿو هٽي هٽي هوءَ هڇ ٿي پئي هئي. پر ڊاڪٽر انجم ڪاوڙ پئي ڪري ان ڪري جانل گهر وڃڻ بدران ريحانہ جي گهر ڏانهن لڙي وئي. ريحانہ جو گهر هن جي گهر جي آمهون سامهون هو. جانل هن کي ريحانہ ئي سڏيندي هئي پر البتہ سڀ پاڙيواريون جوان مايون ۽ ٻارهن کي جيجي ريحانہ سڏيندا هئا. ان ڪري جو هوءَ سڄي پاڙي ۾ ڏاهي ۽ نيڪ مائي مشهور هئي. هوءَ پنج وقت نمازي هئي. اڪثر مايون پنهنجا بيمار ٻار وٺس ڪٺي ايندڀون هيون. هوءَ انهن تي جهاڙ بہ پڙهندي هئي ۽ سٽيون ڦڪيون بہ ڏيندي هئي. ان کان علاوه گذر سفر لاءِ ڪپڙا استري ڪندي هئي ۽ سلائي مشين تي سلائي بہ ڪندي هئي. ڪپڙا بهترين سنبري هئي. جانل اڪثر ڊاڪٽرياڻين جا ڪپڙا ڪٺي اچي ڪانئس سنبرائيندي هئي.

جانل سان هن جي واقفيت پنجويهہ سال پراڻي هئي. جانل ٽيهہ سال اڳ ڳوٺ سڏايو ماڇي مان پرڻجي اتي آئي هئي. هن جي گهرجي آمهون سامهون صديق ڌوٻيءَ جو گهر هو. اهو ٻن ڪچن ڪمرن ۽ ورانڊي وارو ننڍڙو گهر هو. جنهن ۾ صديق پنهنجي پوڙهيءَ پيءُ هڪ جهيڙا ڪار زال ۽ اٺن ٻارن سان رهندو هو. هن جي گهر مان سڄو ڏينهن ٻارن جو گوڙ ۽ صديق جي زال جو گار گند ۽ ڪرڪر جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا هيا. گهر جو واحد ڪمائڻ وارو صدق هو ان ڪري گهر ۾ ڏاڍي اٿوند ۽ ڪروڌ هوندو هين. جانل کي ان گهر ۾ آئي ٽي چار سال ٿيا هوندا اوچتو ٻڌڻ ۾ آيو تہ صديق ٻي زال پرڻجي آيو آهي. پاڙي اوڙي جي ماين کي ڄڻ رونشو ملي ويو. جيترا وات اوتريون ڳالهيون، ڪنهن چيو،

”هڪ اٿوند ٻيو افعال ٻڇڙا...!“

ڪنهن چيو، ”پاڻ نہ پالي ڪتا ڏاري.“

ڪنهن ٽٽول ڪئي، ”پڙ ۾ ڏيڍ ڪجور، ٻيبي ٽلي ٿي باغ ۾.“

جانل بہ سس سان گڏجي صديق جي نئين زال ڏسڻ وئي. اها ريحانہ بعد ۾ هن جي چڱي ساهيڙي ٿي وئي. جڏهين هوءَ پهريون دفعو ريحانہ سان ملي تہ هن کي ڏاڍي حيرت لڳي. اها ڏاڍي ڀلي مانس ماٺيڙي طبيعت جي عورت هئي. پنهنجي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ لٽي ڪپڙي مان ڪنهن سٺي گهرجي ٿي لڳي. صديق جي ان ڄٽڪي گهر ۾ صفا اوپري نظر ٿي آئي. جانل جيترو وقت اتي ويٺي هئي صديق جي پهرين زال ويٺي رڳو بدشد ڳالهائي رهي هئي ۽ پٽون پاراتا ڏئي رهي هئي. ۽ ريحانہ ڪنڌ هيٺ ڪيون. خاموش ويٺي هئي. هن جي چهري تي نہ ڪا خوشي هئي نہ ئي ڪو غم. ڄڻ ڪا خالي سليٽ هئي جنهن تي ڪجهہ بہ لکيل نہ هو.

ريحانہ جي گهر اچڻ وڃڻ جي ڪري جانل ۽ ريحانہ جلد ئي هڪ ٻئي سان هري مري ويون. ريحانہ ڏاڍي صابرين عورت هئي. صديق جي پهرين زالهن کي هر وقت گهٽ وڌ ڳالهائيندي ۽ طعنا ڏيندي رهندي هئي پر هوءَ هر وقت خاموش رهندي هئي ۽ ڪنهن گهاٽي ۾ ٻڌل ڏاند جيان خاموشيءَ سان گهر جي چرخي ۾

جتي رهندي هئي. گهر جو سمورو ڪم اها ڪندي هئي صديق جيڪي ڍير ڪپڙا ڌوئي ڪٽي ايندو هو اهي به ريحانه استري ڪندي هئي. جڏهين نئين نئين آئي هئي تڏهين ڪپڙا مانائتا هيس پوءِ جيڪي ملندا هيس اهي پائيندي هئي جيڪا صفا سادا ۽ ستا هوندا هيا. جيتوڻيڪ هوءَ جانل سان هريل مريل هئي پر جانل کي هن جي پهرين زندگيءَ بابت ڪا خبر پئجي نه سگهي ته هوءَ ڪير هئي ڪٿان آئي ۽ ڇو هتي آ؟ي. ان ڪري ته ريحانه ڪڏهين به ڪنهن کي پنهنجي گذريل وقت ۾ ليئو پائڻ نه ڏنو. هوءَ ان باري ۾ ڪجهه به نه ڳالهائيندي هئي. هڪ ڏينهن جانل ڪانئس پڇيو،

"ريحانه توکي پيڪا يا ڪو مٽ مائٽ ڪونهي ڇا؟"

هن هڪ ٿڌو ساهه کنيو ۽ چيائين، "گنج آهن. الله حياتي ڏين."

"پر توسان ڪڏهين ڪو ملڻ نه آيو آهي؟" جانل پڇيو.

ريحانه کو جواب نه ڏنو ڪنڌ هيٺ ڪري استري ڪرڻ لڳي.

"توکي انهن جي ياد ڪونه ايندي آهي؟" جانل پڇيو.

هن جو استري ڪندڙ هٿ رڪجي ويو. عجيب پريل آواز ۾ چيائين، "پٽ ڏاڍو ياد ايندو اٿم. سڪي سڪي تن ڏيئرن جي مٽان چايو هيم. جيڪو انگل ڪندو هيو پورو ڪندي هيم. اڌ رات جو اٿي چوندو هو. امان حلوو کائڻو آهي. ته ان وقت اٿي حلوو پچائي ڏيندي هئي مانس."

پوءِ اکين ۾ لڙڪ تري آيس. پريل ڳلي سان چيائين: "هاڻي الائي ڪو انگل پورا ڪندو هوندس ڪ نه؟"

ان وقت جانل کي خبر پئي ته هن کي پهرين مڙس مان چار ٻار هيا جيڪي پوئتي ڇڏي آ؟ي هئي. هن ڪانئس پڇيو،

"ريحانه تون ته چڱي گهر جي ٿي لڳين. انن ٻارن جي پيءُ سان شادي ڪري هن ڪني ڪتنب ۾ ڇو آئينءَ؟"

"بس جانل. منهنجي تقدير."

"پر نيٺ توسان ڪهڙي ويڌن ٿي؟" جانل پڇيو.

هن جو چهرو وري خالي سيلٽ جهڙو ٿي ويو. ۽ چيائين،

"بس اهو وري نه پڇجان. جيڪا گذري سا واهه."

بس ان کان وٺي جانل کي هن جي باري ۾ ڪا ڄاڻ نه پئي. ڇاڪاڻ ته هوءَ ان باري ۾ نه ڳالهائيندي هئي نه ئي پڇڻ تي ڪجهه ٻڌائيندي هئي.

*

صديق سان شاديءَ جي ٽن سال بعد ريحانه کي صديق مان هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو رفيق رکيائين. صديق جي پهرين زال کي ٻه ٻار هيا ڄاوا. پٽ ڄمڻ ڪانپوءِ ريحانه ۾ اهو فرق آيو ته هن جي چهري تي ڪجهه رونق نظرا يندي هئي. اولاد سچ پچ غم دور ڪري ڇڏيندي آهي. پر اڪثر ڪري غمگين به ٿي ويندي هئي. هڪ ڏينهن اهڙي ئي حال ۾ جانل ڪانئس پڇيو،

"ڇو ريحانه، اڄ ڏکائتي ٿي نظر اچين؟"

"ها جانل، اڄ منهنجي راجا جي سالگره آهي. الله جي ڪرم سان ٻارنهن سالن جو ٿي ويو آهي. مان هر سال ان جي ڄمڻ واري ڏينهن تي پيران پير دستگير جو منو ديگڙو پچائيندي هيس. هاڻي الائي ڪير پچائيندو به هوندو ڪي نه؟"

ان وقت جانل کي خبر پئي ته هن کي پهرين مڙس مان چار ٻار هيا جيڪي پوئتي ڇڏي آئي هئي.هن ڪانئس پڇيو،

"ريحانه تون ته چڱي گهر جي ٿي لڳين. انن ٻارن جي پيءُ سان شادي ڪري هن ڪني ڪتٽب ۾ ڇو آئينءَ؟"

"بس جانل.منهنجي تقدير."

"پر نيٺ توسان ڪهڙي ويڌن ٿي؟" جانل پڇيو.

هن جو چهرو وري خالي سيلٽ جهڙو ٿي ويو. ۽ چيائين،

"بس اهو وري نه پڇجان. جيڪا گذري سا واهه."

بس ان کان وٺي جانل کي هن جي بري ۾ ڪا ڄاڻ نه پئي. ڇاڪاڻ ته هوءَ ان باري ۾ نه ڳالهائيندي هئي نه ئي پڇڻ تي ڪجهه ٻڌائيندي هئي.

*

صديق ان شاديءَ جي ٽن سال بعد ريحانه کي صديق مان هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو رفيق رکيائين. صديق جي پهرين زال کي ٻه ٻار هيا ڄاوا. پٽ ڄمڻ ڪانپوءِ ريحانه ۾ اهو فرق آيو ته هن جي چهري تي ڪجهه رونق نظر ايندي هئي. اولاد سچ پچ غم دور ڪري ڇڏيندي آهي. پر اڪثر ڪري غمگين به ٿي ويندي هئي. هڪ ڏينهن اهڙي ئي حال ۾ جانل ڪانئس پڇيو،

"ڇو ريحانه، اڄ ڏکائتي ٿي نظر اچين؟"

"ها جانل، اڄ منهنجي راجا جي سالگره آهي. الله جي ڪرم سان ٻارنهن سالن جو ٿي ويو آهي. مان هر سال ان جي ڄمڻ واري ڏينهن تي پيران پير دستگير جو منو ديگڙو پچائيندي هيس. هاڻي الائي ڪي پچائيندو به هوندو ڪي نه؟"

"ريحانه، تون ٻارن سان ملڻ چوڻ ٿي وڃين. توکي انهن جي سڪ نه لڳي آهي؟" جانل ڪيس چيو.

"نه جانل، مان نه ٿي وڃي سگهان. اوڏانهن وڃڻ جا منهنجا رستا بند آهن."

جانل حيران ٿيو پڇيو، "پر آخر ڇو. اهڙي ڪهڙي خطا ٿي آهي توکان؟"

"بس منهنجي تقدير." هن ائين چئي ڇڻ دل جا دروازا بند ڪري ڇڏيا وري نه ڳالهايائين ان باري ۾.

جڏهين ريحانه جو پٽ رفيق ڏهن سالن جو ٿيو ته صديق اوچتو بيمار ٿيو ۽ جلد ئي گذاري ويو. صديق جا پهرين زال جا پٽ جوان ٿي چڪا هئا. انهن پيءُ جو ڌنڌو سنڀاليو. شاديون به ڪيون. گهر جا حالات به ڪجهه بهتر ٿي وين. پر ريحانه جا حال ويتر خراب ٿي ويا. گهر ۾ ننهن جي اچڻ ڪري سوڙهه ٿي ته جاءِ کي وڌائي هڪ ٻه ڪمرا نهرايائون. دروازي جي پرسان اوطاق واري ڪچي ڪوٺي ريحانه کي ڏنائون جنهن ۾ ٻه ڪٽيون مشڪل سان پونديون هيون. ريحانه پنهنجي پٽ رفيق سوڌي اتي رهندي هئي. ماٽيلا پٽ ڪيس ٽڪو به نه ڏيندا هيا. هوءَ پڙي حساب سان ڪپڙا استري ڪندي هئي ۽ ڪپڙا سنبري هئي. اهڙي طرح وقت گذري ويو. سندس پٽ رفيق جوان ٿي ويو.

جانل جي پيڪن جي ڳوٺ ۾ سڏايو ماڇي ۾ هيلٿ سينٽر کليو. جانل جي ماءُ ان ڳوٺ جي واحد دائي هئي هن جانل کي به دائيو سيکاريو هو. جانل کي شناختي ڪارڊ به ان ڳوٺ جو هو ان ڪري هن کي ان سينٽر ۾ دائيءَ جي نوڪري ملي وئي. شهر مان به ڊاڪٽرياڻيون ان ڳوٺ ڊيوٽيءَ تي وينديون هيون. ڊاڪٽر انجم کي پنهنجي گاڏي هئي هوءَ به ساڻن گڏجي ايندي ويندي هئي. هن انهن سان ريحانه جي سني سلائيءَ جي ساراهه ڪئي ۽ پوءِ انهن جا ڪپڙا وٺي ريحانه کان سلائي ڪرائي ڪٽي ويندي هئي.

*

اڄڪلهه ريحانه جي طبيعت ٺيڪ نه هئي. ڪيس مليريا جو بخار ٿي ويو هو. ڪمزوري ٿي وئي هيس ته ڪم به رهجي ويس. جانل هن جو حال پڇڻ ۽ ڪپڙن جي جاچ ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهر وڃڻ کان اڳ هن جي گهر ڏانهن لڙي وئي. ريحانه پنهنجي ڪوٺيءَ جي آڌو ڪٽ تي ويٺي ڪپڙن کي بٽڻ ٽاڪي رهي هئي.

"ريحانه، ڊاڪٽرياڻي ڪاوڙ پئي ڪري ته ڪپڙن کي دير ٿي وئي آهي." جانل سندس پرسان ويهندي چيو.

"بس، اڄ تيار ٿي ويا آهن." ريحانه آهستي چيو.

جانل هن جي اباٽڪي چهري کي ڏسي پڇيو،

"ريحانه خير ته آهي اڄ مونجهاري ۾ ٿي نظر اچين؟"

"ها بس رفيق جي ٿوري پريشاني آهي." هن چيو.

"ڇو؟" جانل پڇيو، "رفيق کي ڇا ٿيو آهي."

هن ڪپڙا ويڙهي هڪ پاسي رکيا ۽ ڪيس ٻڌايائين،

رفيق ٻارنهن درجا پاس ڪيون ويٺو آهي. مهينن کان دربدر رلندو ٿو وتي ته ڪٿي نوڪري نه ٿي مليس. ٻه ٽي ڏينهن اول ڳالهه ڪيائين ته پوليس کاتي ۾ ڀرتيون ٿيون ٿين. پوليس کاتي جي وڏن آفيسرن جو ٽولو آيو آهي جيڪي پاڻ ٽا ڀرتي ڪن. ويچارو روزا اوڏانهن ٿو وڃي پر ڪا سولي سٽائي ئي نه ٿي ٿئيس."

"ڇو؟" جانل پڇيو.

"ڇوي پيو ايڏي رش آهي جو وارو ئي نه ٿو ملي. جيڪي پنهنجا سفارشي پاڻ سان گڏ وٺي ٿا اچن انهن جو چاڙهو ٿي وڃي ٿو. بيا ويچارا رفيق پارا رلندا ٿا وتن."

ان وقت ريحانه جو پٽ رفيق به ان وقت گهر آيو. ٽڪل ٽڪل. وار وڪريل. اچي ماءُ جي پرسان ويٺو. ٿوري گهڙي رڪي چيائين، "امان، مان سڄي جاچ ڪري آيو آهيان. جيڪي انٽرويو وٺڻ آيا آهن انهن جو وڏو آفيسر ايس پي صاحب آهي. ان جي سفارش هجي ته ڪم ٿي ويندو."

"ڇريا پٽ." ريحانه چيو، "اسان جي پهچ سپاهيءَ تائين ڪانهي ته اسين ايس پي صاحب جي سفارش ڪٿان آڻينداسين؟"

رفيق ڪنڌ هيٺ ڪري سوچ ۾ پئجي ويو.

”ابا.“ جانل چيو، ”اهو ڪير آهي جاچ جوچ تہ ڪر. متان ڪو دڳ ملي وڃي. منهنجي سينٽر واري ڊاڪٽرياڻيءَ جي ڀيڻ بہ آفيسرياڻي آهي. متان اها ڪامدد ڪري.“

”وڏيڪ تہ مونکي خبر ناهي.“ رفيق چيو، ”پر ان صاحب جو نالو امير حسين بقائي ٻيا وٺن.“

رفيق جيئن ئي اهو نالو ڪنيو. ريحانہ هڪدم سانت ۾ اچي وئي.

”چڱو امان، مان ٻلا وهنجي اچان. بت مان پگهر جي بانس ٿي اچي.“ رفيق ائين چئي وهنجڻ هليو ويو. جانل ريحانہ ڏانهن ڏٺو جنهن جو منهن ورن ورن پئي ٿيو. جانل کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ هن جي اندر ۾ ڇا پئي هليو. جانل هن کي هٿ کان وٺي لوڏيو تہ هن ڇرڪ ڀري ڏانهس ڏٺو. جانل سندس اکين ۾ غور سان ڏسندي پڇيو، ”ريحانہ تون اهو نالو ٻڌي وائڙي ڇو ٿي وئينءَ.“

ريحانہ ”نہ نہ.“ ڪري ڪنڌ وڌيو.

”سچ ٻڌاءِ انهيءَ صاحب کي تون سڃاڻين؟ جانل پڇيو.

ريحانہ هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.

”تون ان کي ڪئين سڃاڻين؟ جانل پڇيو.

ريحانہ ڪو جواب نہ ڏنو. خاموش ٿي وئي. جانل پڇيس، ”ڀلا اهو سڄڻ مان اٿي يا دشمنن مان.“

”نہ نہ، دشمن ناهي.“ ريحانہ وراڻيو.

”جي دشمن ناهي تہ ڇئي ڏسينس من رفيق جو ڪم ٿي وڃي.“ جانل چيو.

هوءَ گهڙي ڪن خاموش رهي پوءِ مڌم لهجي ۾ چيائين، ”اهي وڏا ماڻهو آهن. اسان کي ڪيئن مُهت ڏيندا؟“

جانل ڪيس سمجهائيندي چيو، ”تون ڇئي تہ ڏسين. پنهنجي ٻچي جي خاطر ڪوشش تہ ڪري ڏس. پنهنجن ٻچن لاءِ نياز نوڙت ڪرڻ ۾ ڪهڙو ڏوهہ آهي.“

هوءَ ڪجهہ دير سوچيندي رهي پوءِ فيصلو ڪندي چيائين، ”رفيق جو نصيب هوندو تہ پاڻهي روزگار ملندس منهنجو وڃڻ مناسب ناهي.“

*

ان ڳالهہ کي بہ ٽي ڏينهن گذري ويا. رفيق روز رلي رلي موٽي ايندو هو. پر ڪم ٽيڻ جو ڪو آسرو نہ ملندو هوس. جانل بہ روز وڃي ريحانہ کي زور ڀريندي هئي تہ ضد ڇڏي رفيق لاءِ ڪوشش ڪري. اولاد بہ ڪهڙي نہ عجيب شيءِ آهي. ماءُ جي انا عزت ۽ ضمير سڀ اولاد جي معاملي ۾ ڪمزور ٿيو وڃن. سو ريحانہ بہ ان ڪمزوريءَ جو شڪار ٿي وئي. هن جانل کي چيو،

”مان رفيق سان گڏجي ان صاحب سان ملڻ ويندس پر مان اڪيلي ٿي پونديس. تون مونسان گڏ هل.“

”ها چونہ؟“ جانل چيو، ”سڀاڻي اونهئين سينٽر جو وارو ناهي مان گهر هوندم. هلجان تہ مان توسان گڏجي هلنديس.“

جانل رفيق کي بہ اها ڳالهہ ٻڌائيندي چيو، ”ابا اهو صاحب تنهنجي ماءُ جو پراڻو واقفڪار آهي. سڀاڻي اسان ٻئي ڄڻيون توسان گڏ هلي ان صاحب کي ايلازمنٿ ڪنديوسين.“

ٻي ڏينهن ٽي ريحانہ اڇو برقو پائي رفيق ۽ جانل سان ڀرتيءَ واري آفيس ڏانهن ويون. واٽ تي رفيق ماءُ کان پڇيو،

”امان، اهو صاحب توکي سڃاڻندو سهي. اسان جو ڪم ڪندو؟“

ريحانہ ڪيس دلجاءِ ڏيندي چيو، ”ها ابا، ڇونہ سڃاڻندو. اڄ ڏينهن تائين مان ڪو ڪم چيو تہ نہ اٿمانس. پهريون دفعو چونديمانس اميد تہ ڪندو.“

ان آفيس ۾ ماڻهن جي رش لڳي پئي هئي. هو ٽئي ڄڻيون آفيس جي ٻاهران بيٺل نائڪ ڏانهن ويون. جانل ان کي چيو، ”ادا، اسان کي تہ وڏي صاحب سان ملاءِ.“

هن ڪين غور سان ڏٺو. پوءِ چيائين، ”توهان هتي باغ ۾ وڃي ويهو. صاحب ميٽنگ ۾ آهن. واندا ٿين تہ مان توهان کي سڏ ڪيان ٿو.“ هو ٽئي ڄڻيون پريان وڻ جي هيٺان وڃي ويهي انتظار ڪرڻ لڳيون رفيق آفيس جي ٻاهران وراندي ۾ وڃي ٻين ماڻهن سان ڳالهائڻ لڳو. بہ ٽي ڪلاڪ گذري ويا. جانل ٽي دفعا اٿي نائڪ کي ياد ڏياريو پر هنن جو وارو نہ آيو. منجهند ٿي وئي. گرمي ۽ ڇبر جي اوبر ڪري ٻنهي جو ساهہ منجهڻ لڳو. ريحانہ چيو،

”جانل، لڳي ٿو تہ اسان سان نہ ملندا. ڀلا موٽي هلون؟“

جانل بہ مايوس ٿي وئي. هو اٿڻ لڳيون تہ نائڪ هنن کي سڏ ڪيو. چيائين، ”صاحبن جي لنچ جو ٽائيم ٿيو آهي. سڀ لنچ ڪرڻ ٿا وڃن. مان بقائي صاحب کي ڏاڍا ايلاز ڪيا آهن توهان ملوس پر رڳو ٻن منٽن جو ٽائيم ڏنو اٿئون.“

ٻئي ڄڻيون رفيق کي وٺي اندر آفيس ۾ ويون. ان وڏي ۽ ٿڌي آفيس ۾ پنج ڇهہ آفيسر ويٺا هيا. ڪي اٿي رهيا هيا ڪي اٿڻ جي تيارين ۾ هيا. وچ واري ڪرسيءَ تي جيڪو رعب ۽ حشمت وارو آفيسر ويٺو هو. نائڪ ان ڏانهن اشارو ڪندي ڪين آهستي ٻڌايو، ”اهو بقائي صاحب آهي.“

بقائي صاحب ٻن ماين کي هڪ ڇوڪري سان ڏسي سمجهي ويو تہ اهي ڇوڪري جي سفارش لاءِ آيون آهن. هن جي چهري تي ناگواريءَ وارا تاثرات ابريا. پوءِ هن ٻين ميمبرن کي چيو، ”توهان لنچ لاءِ هلو. مان ٻن منٽن ۾ اچي توهان کي جوائن ڪيان ٿو.“

ٻيا ميمبر اٿي ٻاهر هليا ويا پوءِ بقائي صاحب رفيق کي ڪاوڙ مان ڏسندي چيو،

”تون ماين کي سفارش لاءِ وٺي آيو آهين. توکي خبر ناهي تہ هتي نوڪري ميرٽ تي ملندي آهي؟“

رفيق هن جو رعبدار آواز ٻڌي بدحواس ٿي ويو. ان وقت ريحانہ اڳتي وڌي عرض ڪيو،

”سائين اسان ڏاڍا غريب ۽ ضرورتمند آهيون. هي منهنجو پٽ آهي. روزگار ڪونهيس نوڪريءَ لاءِ رلندو ٿو وتي. الله ڪانسواءِ ٻي ڪا سفارش ڪانهي. توهان ۾ رحم جي اميد سمجهي آيا آهيون.“

”مائي، سفارش جي ضرورت ڪانهي. تنهنجي پٽ ۾ قابليت هوندي تہ نوڪري ضرور ملندس.“ بقائي صاحب چيو.

”سائين.“ ريحانہ پنهنجو اڇو برقعو مٿي ڪندي چيو، ”اوهان جي رحم جي نظر ٿيندس تہ سٺائي ٿي پوندي.“

بقائي صاحب جي نظر جيئن سندس چهري تي پئي هڪدم سانت ۾ اچي ويو. ڪانئس اکيون ڇنڀڻ ئي وسري ويون. ريحانہ التجا وارين نظرين سان ڪيس ڏسندي چيو،

”سائين، مان پنجويهن سالن کان هن ئي شهر ۾ رهندي آهيان. ڪڏهين بہ ڪنهن ڪم سان توهان ڏانهن نہ آئي آهيان. منهنجو پٽ بيروزگار آهي. مهرباني ڪندؤ تہ اوهان کي دعا ڪندم.“ بقائي صاحب هڪدم نظرون ڦيرائي ڦرٽي ڪرسيءَ کي ڦيرائي پٺي ڏئي ڇڏي. ڪجهہ دير تہ آفيس ۾ سانت ڇانئي رهي پوءِ بدستور پٺيرو ويٺي چيائين،

”منهنجي اڪيلي اختيار ۾ ناهي. ٻيا ميمبر بہ آهن. ڇوڪري کي چئو تہ وڃي انٽرويو ڏي. مان ڪوشش ڪندم پر وعدو ڪري نہ ٿو سگهان.“

پوءِ هو اٿيو. ۽ بغير هنن کي ڏسڻ جي آفيس مان ٻاهر نڪي ويو. جانل ۽ ريحانہ ٻئي ڄڻيون وڃي ساڳي وڻ هيٺان ويٺيون. رفيق انٽرويو ڏيڻ لاءِ آفيس ڏانهن هليو ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ جانل محسوس ڪيو تہ ريحانہ ڪافي دير کان ڪنڌ هيٺ ڪيون ڪنهن غلطان ۾ ويٺي هئي. جانل ڪانئس پڇيو،

”ريحانہ سچي تہ ڪر اهو صاحب ڪير هو؟“

هن جانل ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين،

”اهو منهنجو پٽ راجا هو.“

هن جي اها ڳالهہ ٻڌي جانل جو وات ڦاٽي ويو. ڪجهہ دير تہ ائين ئي سراپجي ڪيس ڏسندي رهي پوءِ پاڻ سنڀالي چيائين،

”ريحانہ، تون ايڏي وڏي گهراڻي جي آهين. نيچ ماڻهن ۾ ايڏي ڪٺن زندگي گذاري اٿئي. ريحانہ. اڄ تہ دل جو حال اور. آخر توسان ڪهڙي ويڌن ٿي؟“

هوءَ ڪجهہ دير چپ رهي. پوءِ چيائين، ”ها جانل، اڄ منهنجو گهڙو بہ ڀرجي ويو آهي. تون سڄڻ آهين توسان حال ضرور اوريندم.“ پوءِ هن جانل کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي.

”جانل، مان مولوي عبدالڪريم بقائي جي وڏي ننهن هيس. مڙس روينيو کاتي ۾ آفيسر هو. ٽي ڌيئر ۽ هڪ پٽ جو اولاد هيم. سکيو ستابو گهر هو. نندي ڏيرياڻي هيٺين گهر ۾ ۽ مان مٿين گهر ۾ رهندي هيم. اوچتو مڙس جو ايڪسيڊنٽ ٿيو هو ٿڏي تي گذاري ويو. الله ڏينهن ڏي راجا کي ان وقت پنجن سالن جو هو. سهرو وڏو ديندار مولوي هو. پهريائين تہ هن ضد ڪيو تہ منهنجي ٻي شادي ڪرائي. هن جو چوڻ هو تہ شرعي حڪم مطابق بيواهہ ٻيو نڪاح ڪرائجي ورنہ ڏوهہ ٿيندو. پر مون رئو لاهي بابي مولوي جي پيرن تي رکيو تہ مان ٻيو نڪاح نہ ڪنديس مونکي ٻچن سان رهڻ ڏيو. منهنجي آزي نيزاريءَ تي هو ماٺ ٿي ويو. منهنجي سهري ۽ ڏير مونکي ڏکيو ڏينهن ڏسڻ نہ ڏنو. خير سان راجا اچي اٺن سالن جو

ٿيو. ٻار اسڪول ويندا هيا. مان گهر ۾ اڪيلي هوندي هيس. گهر جي سامهون هڪ پراڻو دوڪان هو جنهن جي مٿان هڪ پراڻو ننڍو ڪمرو پڻ هو. انهن ڏينهن ۾ اتي صديق ڌوٻيءَ اچي دوڪان کوليو. منجهند تائين هٿ ڪپڙا استري ڪندو هو. منجهند جو مٿين جاءِ ۾ اچي سمهندو هو. مان پنهنجي ماڙي تي ڪم ڪار ڪندي هيس جتي ان جي نظر پوندي هئي. پهريائين ته مان ڌيان نه ڏنو پر پوءِ مونکي احساس ٿيو ته صديق اتان وينو مونکي ڏسندو هو اسان ٻنهي ڏيرياڻين وٽ هڪ نوڪرياڻي هوندي هئي گوهر نالي جيڪا ڏاڍي شودي هوندي هئي. پر ڪم ڪار جي پلي هوندي هئي. مون گوهر کي چيو ته وڃي صديق کي دڙڪو ڏئي اچي ته ان حرڪت کان مڙي وڃي. پر گوهر جڏهين ان سان ڳالهائي موٽي ته کلي چوڻ لڳي،

”جيجان صديق ته توتي عاشق ٿي پيو آهي. مان گهڻو ئي سمجهايو مانس پر چوي ٿو هو دل جي هٿان بيوس آهي.“

”پوءِ پلا بابي مولويءَ کي چوانس ته کلا هٽيس.“ مون کيس چيو.

”نه جيجان مٿان اهڙو ڪم ڪيو اٿئي. هو صفا اپيپ غريب آهي ويچاري جو جڻ ٻچو ڪٽي ڇڏيندا. اڪين جو ڊؤ ئي ته اٿس پيو ڌوڙ پائي. توکي ڪهڙو نقصان؟“

گوهر جي ڳالهين تي مان به چپ ٿي ويم. ڪوشش ڪندي هيم ته ٻاهر ڇت تي نه وڃان. پر گهر ۾ سو ڪم هوندا آهن ٻاهر نڪرڻو ئي پوندو هو. جڏهين نظر سامهون پوندي هئي ته ڏسندي هيم صديق جي اک رڳو منهنجي ڇت ڏانهن هوندي هئي. پهريائين ته مان چڙندي هيم. پر پوءِ عادت پئجي وئي پرواهه ڪرڻ ڇڏي ڏنم. ڪوڙ مهينا ائين گذري ويا انساني فطرت آهي. اڪيون جنهن شيءِ کي گهڻي وقت تائين ڏسڻ جون عادي ٿي وڃن ان کي نه ڏسن ته سوال ضرور ڪنديون. ڪجهه ڏينهن کان مونکي به صديق نظر نه آيو. هن جو دوڪان به بند هو. مٿين جاءِ جي دري به بند هئي. دل ۾ خيال آيو ته گوهر کان پڇان ته صديق جو دوڪان ڇو بند هو. پر پڇي نه سگهيم. هڪ ڏينهن گوهر پاڻ ئي ٻڌايو، صديق بيمار آهي.“

”ڇو، ڇا ٿيو اٿس؟“ مون کانئس پڇيو.

”جيجان ويچارو ڏاڍو بيمار آهي. ڪالهه مان سخي پير جي درگاهه تي وئي هيس اتي ڏٺم ڪٿو ويڙهيون پيو هو.“

”ٿيو ڇا اٿس؟“ مون پڇيو. هن چيو، ”پهريائين ته اکيون خراب ٿي پيس. ڏاڍو علاج ڪرايائين پر ڪو فائدو نه ٿيس. هاڻي ته مورڳو اکين ۾ ڦلا ٿي ويا اٿس.“

”الله ويچاري کي صحت ڏيندو.“ مون کيس چيو. مونکي نرم ڏسي هوءَ منهنجي ويجهو آئي ۽ چيائين،

”هاڻي ته ويچارو وڃي پير تي پيو آهي. سنهڙي سائين کان ڏيپ ۽ تعويذ ٿو ڪرائي پر فائدو ڪونه ٿو ٿئيس. ڪلهه مان وڏي حال پڇيو مانس ته مونکي ڏاڍا ايلاز ۽ منٿون ڪيائين.“

”ڇا لاءِ؟“ مون پڇيو. هوءَ چپ ٿي وئي ڊڄي ڊڄي چيائين،

”سنهڙو سائين حيلا وسيلا ته ڏاڍا ٿو ڪريس پر چويس ٿو تيستائين ڏيپ اثر نه ڪندو جيستائين اهو ماڻهو تنهنجي اکين ۾ ڏيپ نه وجهي جنهن سان تنهنجو نينهن هجي.“

مان هن جو مطلب اڌو گابرو سمجهيو ۽ ڪاوڙ مان چيم، ”چڱو هاڻي هل. گهڻو وات نه هڻ.“

پر هوءَ نه مڙي هٿ ٻڌي چيائين،

”جيجان هو ڏاڍو لاچار آهي. مونکي ڏاڍيون منٿون ڪيون اٿئين پيرن تي هٿ رکيائين ته توکي راضي ڪيان. بس هڪڙو دفعو هلي هن کي اکين ۾ ڏيپ وجهه پوءِ هو وري يا حياتي توکي پنهنجي شڪل نه ڏيکاريندو. مونسان وعدو ڪيو اٿئين.“

هن جي اها ڳالهه ٻڌي مونکي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. مون هن کي دڙڪا ڏنا، ته وري اهڙي ڳالهه نه ڪجانءِ. پر هوءَ رن نه مڙي. روز اچي مونکي صديق جي لاچاري حالت ٻڌائي ايلاز ڪندي هئي ته رڳو هڪ دفعو وڃي صديق کي ڏيپ وجهي اچان. منهنجي تقدير خراب ٿيڻي هئي. ماڻهن پڳي ڪاٺ به پڃي پوندا آهن. مان به اهو سوچي راضي ٿي ويس ته الله الائي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي. پلا هڪڙُ دفعو وڃي هن جي مدد ڪري ايندم ته ڇا ٿيندو؟ پوءِ اها ڳالهه هميشه لاءِ وساري ڇڏيندم. پر اصل مسئلو هو وڃڻ جو. اسان جو مولوي گهراڻو هو. عورتون گهڻو ٻاهر ڪونه نڪرنديون هيون. پر ان ڳالهه جو حل به نڪري آي. ان ڏينهن بابو مولوي وعظ تي ويل هيو. منهنجي ڏيرياڻي ويم لاءِ پيڪين وئي هئي ان جا ٻار ۽ مڙس به اوڏانهن ويل هيا. گوهر سڄو پروگرام ٺاهيو. رات جو پنهنجي پوڙهي ماءُ کي وٺي آئي ۽ ٽانگو به ڪرائي آئي. منهنجا ٻار ننڊ پيا هيا. گوهر جي ماءُ کي انهن وٽ ويهاري مان گوهر سان گڏجي ٽانگي تي چڙهي سخي پير ڏانهن ويس. صديق سخي پير جي مزار تي ڪٿو ويڙهيون سمهيو پيو هو. گوهر ان جي ڳوٿري مان ڏيپ جي شيشي ڪڍي مونکي ڏني مون تڪڙ تڪڙ ۾ ڏيپ صديق جي اکين ۾ وڌو ۽ مزار کان ٻاهر نڪري آيم. تقدير مونکي اهو دوکو ڏنو جو مونکي اها خبر نه رهي ته بابو مولوي جنهن وعظ تي آيل هو اهو سخي پير جي درگاهه سان لڳ واري جامع مسجد ۾ هو. هن الائي ڪٿان ڪهڙي وقت گوهر کي ڏٺو جنهن سان برقعي واري مان هيس. جنهن وقت مان مزار مان نڪتم ته هو منهن سامهون ملي ويو. هڪل ڪري گوهر کي بيهاريائين. ويجهو اچي مون ڏانهن اشارو ڪندي گوهر کان پڇيائين، ”هي ڪنهن کي وٺي آئي آهين؟“

پوءِ منهنجي پيرن ۽ برقعي ڏانهن ڏسندي مونکي سڃاڻي ويو. تڪڙو اندر مزار ڏانهن ويو جتي صديق سمهيو پيو هو. جلد ئي پوئين پير موٽي آيو. منهن ٻي پاسي ڪري گوهر کي چيائين، ”هن کي وٺي گهر وڃ.“

مان ڏڪندي ڪنبدي گهر پهتم. ڇا ڏينهن گذري ويا ڪوبه لڙي منهنجي پاسي نه آيو. مون اڻ ڇاتل خوف ۾ روئي روئي پنهنجا حال وڃايا. پنجين ڏينهن بابو مولوي آيو ۽ چيائين،

”مائي تو جيڪو ڪيو اهو معاف ڪرڻ جوڳو ناهي. پر اسان جاهل ناهيون. عالم گهراڻو آهيون. هونئن به عورت لاءِ شرعي حڪم آهي ته مڙس مرڻ بعد ٻيو حق ڪري سگهي ٿي. تو پنهنجو حق پاڻ چونڊيو آهي. هاڻي اسان فيصلو ڪيو آهي ته پنهنجن هٿن سان توکي صديق ڌوٻيءَ جي نڪاح ۾ ڏئي اماڻيون.

مان وائڙي ٿي ڪيس ڏسڻ لڳم. پر ڪجهه ڪڇي نه سگهيم. ڇاڪاڻ ته اسان ڪڏهين به بابي مولويءَ اڳيان ڳالهائڻ جي جرئت نه ڪري سگهنديون هياسين. هن پنهنجو فيصلو ٻڌائيندي چيو،

”اڄ مغرب کانپوءِ صديق کي گهرايو اٿئون. تنهنجو نڪاح پڙهائي توکي ان سان اماڻينداسون. توکي گهر مان جيڪو به لٽو ڪپڙو ڳهه ڳٽو گهرجي، پاڻ سان ڪٽي وڃ ٻار اسان پاڻ وٽ جهلينداسون.“

پوءِ هو اٿيو ۽ ويندي ويندي چيائين، ”تنهنجي ۽ ٻارن جي ڀلائي ان ۾ آهي ته وري ڪڏهين هيڏي منهن به نه ڪجانءِ ۽ نه ئي ٻارن سان ملڻ جي ڪوشش ڪجانءِ.“

ان رات صديق ڌوٻيءَ سان منهنجو نڪاح وجهي مونکي رات جي اونده ۾ اماڻي ڇڏيائون. اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن نه مان ڪڏهين ٻارن جي شڪل ڏٺي نه ئي هو مونسان ملڻ آيا.

جانل هن جي ڳالهه ٻڌي ڏڪ وچان چيو، ”ريحانه تنهنجي دل به ايڏي پڪي ٿي وئي جو هڪ ئي شهر ۾ رهندي تون ڪڏهين ٻارن سان ملڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي.“

هن جي اکين مان بي اختيار لُڙڪ وهي نڪتا. پيڙا سان ڀريل آواز ۾ چيائين،

”جانل ڪهڙي ماءُ هوندي جيڪا ٻچن کي ڏسڻ لاءِ نه تڙپندي. پر پنهنجي دد کي دل ۾ دٻائي ٻچن کان پري رهڻ ۾ ئي انهن جي ڀلائي هئي.“


”اهڙي ڪهڙي ڀلائي هئي؟“ جانل پڇيو.

”مون نه ٿي چاهيو ته تقدير جيڪو داغ منهنجي نرڙ تي هميشه لاءِ لکي ڇڏيو اهو منهنجي اولاد جي عزت ۽ ناموس لاءِ گهٽتائيءَ جو سبب بڻجي. ۽ منهنجو انهن جي زندگيءَ ۾ هجڻ انهن لاءِ شرمندگيءَ جو ڪارڻ بڻجي.“

❊

**ڪهڙي جنت ماءُ جي قدمن هيٺان آهي؟**
**جنت النعيم؟**
**جنهن ۾ شهيد رهندا.** ■

## ڊاڪٽر غفور ميمڻ ڪارنر



آگسٽ 2012 جي پرچي ۾ سنڌ جي نوجوان ڪهاڻيڪار تعليمي ماهر ۽ نئين عهد جي سڃاڻ رکندڙ روشن خيال نقاد ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي فن، شخصيت ۽ فڪري لاڙن تي ڪارنر شامل هوندي.

- ادارو

تنهنجي ڪَمَ جي آهيان ڪونہ.“

”...“

”زيفاٽان آهن؟“

منهنجون مسرور تمنائون گهوماٽجڻ لڳيون.

”ايترو ويجهو ۽ ايڏو ڏور؟“ اندر جي ڦتڪي ڪي ماٺو ڪندي چيو مانس، ”اهڙي ڳالهہ ڪونهي، تنهنجو اچڻ ئي منهنجي لاءِ بي انت خوشي جو ڪارڻ آهي، توکي ايئن ڏسي اندر ٺري پيو آهي.“ ڪافي رات ايئن ئي ڪچهري ڪندا رهياسون، جڏهن بہ ڇهڻ جي ٿي ڪئي مانس تہ چيائين پئي، ”صبر ڪر، ڪجهہ ڏينهن جي تہ ڳالهہ آ، صبر جو ڦل مٺو ملندوَ.“ بختاور ماٺي سان چيو.

***

ٻئي ڏينهن صبح جو هن جو پيءُ مون وٽ آيو. هيٺ پئي وينو تہ مٿي ڪرسيءَ تي ويهاريو مانس. هٿ ٻڌندي چيائين، ”صاحب، اسان زور جا ماريل آهيون، وڏيري جي ڏاڍ ڪري لڏي آيا آهيون“

منهنجي آڏُت ۽ ڏڍ ڏيڻ تي احوال کولي ٻڌايائين.

”سائين منهنجي ڌيءَ بختاور وڏيري سائينداد خان جي زور مس سان پاڻ وٽ ويهاريل آهي. ڪافي سالن کان... هاڻي جڏهن مان ان جي شادي ڪرائڻ ٿو چاهيان تہ اٿارڻ ٿو ڏي نہ پاڻ نڪاح ٿو وجهيس، مان مڙهو مڙس، پٽ پرٽان پرٽان پيو ڪري، جوان ڌيءَ ڪي ڪنهن جي ٻلي ڪيان تہ جيءُ جائتيو ٿئي.

”چوي ڇا ٿو؟“

چوي ٿو، ”ڪٿي پرٽائيندين؟ منهنجي سريت ڏانهن هن تر ۾ ڪنهن کي مجال آهي جو اک کڻي بہ ڏسي- پرٽو تہ پري جي ڳالهہ آهي.“ ڪراڙي ڪڙ تي جي پلوَ سان ڳوڙها اگهندي چيو،

”وڏيرو چوي ٿو، اهڙو کهڙو چڱو مڙس آهي، جيڪو تنهنجا ۽ تنهنجي گهر جا خرچ پريندو. وڃي ماٺ ڪري ويهي رهہ. سڄاڻان ٿو توکي ۽ تنهنجي برادري جي چڱن مڙسن کي، اجايو اڇي چتو ٿيو آهين. پٽ پرٽائڻ چاهين ٿو، جيڪا مدد گهرندي ڏيندو سانءِ. بختاور جو نالو ورتو ٿي دنبوڦن مان ڪڍندوسانءِ. اوهان پاڻ انصاف ڪيو. چئن ضلعن کي لتاڙي، مونکي هتي اهان وٽ گهلي آيو آهي.“ پوڙهي پنهنجي بيوسي جو اظهار ڪيو.

”اوهان نڪاح ڪندؤ منهنجي ڌيءَ سان؟“ مان هڪو ٻڪو ٿي ويس منهنجو هٿ هڪدم سگريٽ جي پاڪيٽ ڏانهن وڌي ويو. سگريٽ ڇڪيندي سوچن جي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳس تہ کهڙو جواب ڏيانس. هڪ طرف بختيار جهڙي خوبصورت نوجوان ڇوڪري جنهن جو تصور بہ نہ پئي ڪري سگهيس. ٻيو تہ جڏهن کان ڏٺي هيم تڏهن کان شعور ۽ لاشعور جي لهرن ۾ لڙهي رهيو هوس، ”هيءَ تہ اها اوبر آهي، جنهن کي کائڻ ايڏو سولو ناهي. هن کي تہ سريت طور بہ نہ ٿو رکي سگهجي.“

ذهن پڪو فيصلو ڪيو تہ چيو مانس ”چاچا توهان جي مهرباني پر مان شادي مائٽن ۾ ئي ڪندس منهنجي اها مجبوري آهي ها البتہ جيڪڏهن.“

ڪراڙي منهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو، ”سمجهي ويم سائين توهان بہ اهائي ڳالهہ ڪندو جيڪا وڏيري ڪئي هئي، جيڪو وڏيرو چاهي ٿو جنهن کان مان تنگ ٿي ڀڳو آهيان. وڏيري جي غيرت نڪاح گوارا نٿي ڪري پر ڪيس ويهارڻ لاءِ تيار آهي. سموري بيغيرتائي منهنجي ئي مقدر ۾ لکيل آهي، ڇو تہ سائين مان غريب اهيان ، هيٺي ذات جو آهيان، منهنجو نہ قبيلو ڏاڍو نہ مان پاڻ ڏاڍو“ ڪراڙو پنهنجي منهن پٽڪندي رهيو.

ٻن ڏينهن کان پوءِ ٻئي ضلعي جي پوليس انهيءَ ڇوڪري کي پيءُ ۽ ڀاءُ سميت پڪڙي منهنجي ٿاڻي تي وٺي آئي جن سان ليڊيز پوليس بہ هئي. F.I.R خون جي ڪيس جي داخل ڪري کڻي آيا هئا. ڪيس جو فريادي ساڻ هيس جنهن لاءِ بختاور روئيندي ٻڌايو، ”اهو وڏيري سائينداد جو ماڻهو آهي، ڪيس اسان تي ڪوڙو آهي، قبائلي جهيڙن ۾ خون ٿيندا رهندا آهن جنهن ۾ اسان جا نالا ڪوڙا اڙايا اٿائون.“

ڪيس جا ڪاغذ قانوني طرح پورا هئا. ۽ واسطيدار ضلعي جي عملدارن قانوني طور سڀ گهربل شيون جن ۾ مشيرنامو، ايف آءِ آر ۽ گرفتاريءَ جو وارنٽ بہ شامل هو. مان ڪجهہ بہ نہ ٿي ڪري سگهيس.

بختاور رڙيون ڪندي رهي. ڪراڙو مون ڏي تڪيندو رهيو. ڇوڪرو خوفزده پيڻ ڏي ڪاوڙ مان نهاريندو رهيو. گرفتاريءَ جي روزنامچي ۾ داخلا ڪري پوليس هنن کي کڻي رواني ٿي وئي.

***

مان پروموٽ ٿي ساڳي ٿاڻي جو ڊويزنل پوليس آفيسر ٿي آيو هوس. وڏي وٿي پئجي چڪي هئي. ماضيءَ ۾ جيئڻ مونکي ڪڏهن بہ نہ آيو. مون سدائين حال ۾ گذاريو آهي. انهيءَ سفر ۾ هن منزل تي پهچڻ لاءِ، منهنجي دوست سردار درويش خان دريشاڻي منهنجي مان ۾ ڊنر جو اهتمام ڪيو.

گرمين جا ڏينهن هئا لان تي ٽيبلن مٿان بوتلون سجايل هيون، رنگين ٽيوب لائيٽن جون روشنيون ماحول خوبصورت بڻايون بيٺيون هيون. سردار صاحب اڳ جيان توڙي جو ٽن پيگن کان پوءِ هاڻي بہ وڦلي ٿو. پر هوڏ اجان اها ئي، شراب سان گڏ شباب بہ لازم آهي.

رواج موجب ’پڪي‘ گهرايل هئس. جيڪي سندس بيڊروم ۾ ويٺل هئا. سردار صاحب جا بہ دوست ٻيا بہ هئا. جيڪي اسان سان گڏ ڪمپني ڪري رهيا هئا. مون کي پيشاب لڳو تہ آئون سردار صاحب جي بنگلي جي بيڊ روم ۾ هليو ويس. بيڊ روم جو دروازو کولي اندر داخل ٿيس تہ بہ عورتون موجود هيون. هڪ پڪي عمر جي صوفي تي ويٺي هئي ۽ ٻي نوجوان ڇوڪري جديد فيشنل ايبل ڪپڙن سان بيڊ تي آهلي پئي هئي. تڪڙو سلام ڪري مان واش روم هليو ويس. پڪي عمر جي عورت ڏي ڏسندي مون کي ان جو چهرو ڪجهہ سڃاتل محسوس ٿيو. ٻاهر نڪري غور سان ڏٺو تہ مان هن کي ۽ هن مونکي سڃاڻي ورتو. پڪي عمر واري عورت بختاور هئي- بيڊ تي سٽل ڇوڪري اٿي ويهي رهي. خوبصورت موڪري ڇاتيءَ سان ڊ گهي ڳچي، ڪليل وار، ويڪرو منهن، پورو بدن، رنگ ڍنگ ۽ ڪپڙي لٽي ۾ ڪنهن سکي خانداني گهر جي لڳي رهي هئي.

***

”بختاور، خوش تہ آهين نہ؟“ مون پراڻي شناسائي جي آڌار تي، ڪيس کيڪاريو.

”بس صاحب، جڙيءَ ڪي جَسُ.“ بختاور جي لهجي مان گهري مجبوري ٻڪي رهي هئي.

”مبارڪ هجيو صاحب، هاڻي تہ ڪماني ٿيا آهيو.“

”مهرباني، بختاور.“

”هيءَ ڪير؟“

”رئيس، منهنجي جند نہ ڇڏي... هيءَ انهيءَ منجهان آهي.“

”۽ تون هي ڇا پئي ڪرين؟“ مون اڌ ڪاوڙ ۽ اڌ ٻڇان مان پڇيو،

”اوهانجي ڪاوڙ پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي. مون ٻار ڪيرائڻ ۽ رئيس وٽان ڀڄڻ جا وڏا جتن ڪيا، پر ڀڄي نہ سگهيس.“

اجان انهن صلاحن ۾ هياسين تہ وڏيرو ايڪسيڊنٽ ۾ مري ويو. مان ٻار نہ ڪيرايو. ڌيءَ ڄائي تہ ڪنهن آسرو نہ ڏنو. بدنام تہ ٿي وئي هيس. تنهنڪري هاڻي پئو هو نہ پولو. ڪنهن جي رکيل ٿي قيد رهڻ کان پلو هو تہ ساڳيو ئي ڪم آزاد رهي ڇونہ ڪجي؟ ٻئي شهر ۾ اچي رهيم. ڪڏهن رات جو ٻُڪُ ٿي ويندي هيس تہ ڪڏهن پنهنجي ئي گهر ۾ ڄاڻ سڃاڻ وارا اچي ويندا هئا. وڏيري سائينداد مان جيڪا ڌيءَ ڄائي سا اها اٿئي.“ بختاور سامهون بيڊ تي ويٺل ڇوڪريءَ ڏي اشارو ڪندي چيو،

”هيءَ گهر ۾ ڏندو نہ ڪندي آهي ڇوندي آهي ڪڇو گهر هن کي ڪائڻ ٿو اچي، هلڪي سلڪي ماڻهو سان بہ نہ ملندي آهي. چوندي آهي وڏن وڏن بنگلن ۾ وڏيرن وٽ وڃي هلندي ڪر.“ کلندي ڌيءَ ڏي تڪيندي چيائين، ”آخر پاڻ بہ تہ وڏيري جي ڌيءَ آهي.“ ■

# اتر ۽ ڏکڻ جي ڪڪرن جو ٽڪر...

**انصاف احمد ساهڙ**



هوا جو تيز جهوٽو لڳو، سارِيون جيڪي ڪَر ڪنيون بيٺيون هيون، لحظي لاءِ لُڏي ويون. ڪانون جي ڪان ڪان، هوا ۾ پکين جي ڪنين ۽ گاهه جي ککن جو رقص هو. هوائون بہ عجيب هونديون آهن، جبلن تان ڪنڪر آڻيو، ڪڪرن کي جهومائنيديون آهن.

سامهون هئي رئيس ڪريم خان جي زمين. زمين هيس ڇا؟ هل ۽ هل نظر ڪُٽي وجي. پر زمين نہ ڪٽي. فصل تيار هيس. فصل بہ اهڙو جو ڇگڻ ڇگڻ جا وات پٽجي وڃن. سارين جا ڏگها سنگ ۽ اَن جي ٻُور سان ويڙهيل سندن چوٽيون.

”اڙي مامو، سلام عليڪ.“

گُلو بروهي اچي نڪتو. منهن ڏوڙ ۾ لٿيل. وارن ۾ چيڙهه، ڪپڙا ڦاٽل. چتيون لڳل ۽ ميرا. هلڪڙي پَر متيءَ هاٺي ڏاڙهي ۽ سندس پٺيان رِڍُن جو وڏو ڌڻ.

”ماليڪ سلام.“ رئيس ڪريم خان جي هاري خدوءَ جواب ڏنس، ”مامو پلي آئين.“

سرديءَ جي شروع ٿيڻ سان ئي گُلو بروهيءَ جا هيڏانهن جا ٻنڌ هئا. ڳوٺ کان ٻاهر اسپتال جي پٺين پت سان لڳ ککن ۽ پنن جو عارضي گهر ٺاهي اچي ويهندو هو. ها، عارضي گهر. پر گهر تہ هوندا ئي عارضي آهن. دنيا جو عارضي آهي. ۽ زندگي تہ آهي ئي سفر. هِتان کان هُتي. هُتان کان هُتي. هتان کان اجا هُتي ۽ الاءِ ڪٿي؟

”گلو ڪيئن ڏپ پيئي؟ لابارا تہ ڪڏهوڪو ختم ٿي ويا؟“

”ماموءَ خبر پائجي ويندو آهي. هيل ٻڏو آحي. سارين جو ڪوٽي آهي، رئيس وڏو ڏک ڪندو.“

ٻنهي ٺهڪ ڏنا. ڏنڌليون حقيقتون ۽ ڇِٽا ٺهڪ.

ايتري ۾ رئيس ڪريم خان جي گاڏِي بہ زوزاٽ ڪندي آئي. خُدو ان طرف ڀڳو ويو. ۽ گلو بہ ان جي ڪَڍَ گاڏي جي رفتار آهستہ ٿي. پر هلندي رهي. خدو گاڏي جي در ۾ هٿ وجهي رئيس کي سلام ڪيو. گُلو بہ اچي ڪين رَسيو. گاڏي بيٺي ۽ رئيس جي رکوالن گاڏي جا در کوليا. رئيس جو قَد ڊگهو، بت ۾ پريل ۽ پيٽ ٻاهر نڪتل. پوئين در کان ڪمدار مُراد لٿو. سندس هٿ ۾ گلاب خان جو رَسو هو. گلاب خان رئيس ڪريم خان جي ڪُتي جو نالو هو.

هڪ پاسي ڏانهن رئيس ڪريم خان ۽ ان جا ماڻهو بيٺا هئا. ۽ ٻئي پاسي کان ڊُڪندي اچي گلو رئيس جي پيرن ۾ ڪريو. رئيس پنهنجو چشمو لاٿو. گُلو پيرن مان اُٿي پاسي تي ٿي بيٺو. گلاب خان گلو کي ڏسي پونڪيو. گُلو ڳوٺ ۾ نئون جو هو، مٿان وري فقيراڻو حال. ڏٻري ڍور تي مچرن وانگر ڪتا بہ اڪثر فقيرن جي پويان پيل هوندا آهن.

گلاب خان جون اکيون چمڪيون ٿئي. ۽ گُلو جي اکين ۾ اجاڳو ٽَڪ ۽ چِپيون، گلاب خان جا وار ريشم جهڙا ۽ گُلوءَ جي وارن ۾ چيڙهه، گلاب خان لاءِ نوڪر چاڪر ۽ گُلو پاڻ در در جو نوڪر گلاب خان محلن ۾ ۽ گُلو تيز سياري ۾ بہ ڪليل آسمان هيٺ ولهہ تي.

”رئيس لابارو ڪڏهن؟ مان غريب، مسڪين. منهنجو روزي اهو آهي... مون کي نہ وسارجانءِ.“

”جُهڙَ لهن تہ اچجانءِ.“ رئيس مُڇ وٽيندي رُکي لهجي ۾ وراڻيو.

نيري آسمان تي ڪڪرن جي اچي چادر چڙهيل هئي. ڏيمي هوا جي اک ٻوٽ ڪانپوءِ هڪ تيز هوا جو جهوٽو آيو. شيون مختلف ماڻهن تي مختلف اثر وجهيون آهن. رئيس جو نڪ وجي چپن سان لڳو. ناپسنديدگي جو اظهار. گُلوءَ ٿڌو ساه ڪنيو، ’هاءِ هاءِ.‘

رئيس ڪنڌ ڦيرايو. ڏٺائين هڪ رِڍ فصل جي ويجهو بيٺي هئي. وات ۾ هيس سارين جو پڪل سنگ. ۽ ٻين رِڍُن ڏانهن ائين ڏسي رهي هئي ڄڻ انهن کي بہ دعوت ڏيندي هجي. رئيس ڇرڪائيندڙ رڙ ڪئي،

”اڙي، وٺوس.“

سيئي رِڍ ڏانهن ڀڳا. لٺيون، لتون، مُڪون، اصلي ڏڪي وڌايوس. گُلو روئڻ لڳو، ٻاڏائڻ لڳو،

”هو منهنجو ٻَچڙو.“

”...“

”هو ٻَچڙو.“

”...“

”سائين خُدا جو واسطو...“

”...“

”سائين رحم ٿئي.“

”...“

”سائين رحم...“ نيٺ رئيس کي رحم آيو. ۽ ماڻهن رڍ کي ڇڪي فصل کان ٻاهر آندو.

رڍ ساڻي ٿي پئي هئي. پٺي جي پشم جهڙا اڇا وار ڳاڙها ٿي ويا هيس. ڪنڌ لڙڪيس پئي، ٻاتي، گونگي ٻي ٻي پئي ڪيائين.

ٿورو هلي پوءِ ڪِري پئي. گُلوءَ ڪيس هنج ۾ ڪنيو. مٿي تي هٿ ڦيرائڻ لڳس. گُلو جي اکين مان ڳوڙها ٽميا ٿئي.

”اهڙو مال پيارو اٿوَ تہ پوءِ انڌا ٿيا ڇو ٿا هلو؟“

گلوءَ جا ڳوڙها سندس ڏاڙهي کي آلو ڪري ويا. ۽ آڌو پيل پٽر تان ٿابڙجي هيٺ ڪيڙيءَ ۾ ڪري پيو.

گجگوڙ ٿي. گلو آسمان ڏانهن ڏٺو، ڪڪرن ۾ ياڄ پئجي چڪي هئي. اُتر کان ايندڙ ڪڪرن جا جهڳٽا، ڏاکڻين ڪڪرن سان ٻڪين پئجي ويا. آسمان روئي ڏنو. ■





**منتظر گولو**

زندگي، زندگي جو ڪٽي ڪانہ هئي
ائين بہ ناهي پرين جو وٽي ڪانہ هئي
اي خدا هي عبادت جي لئہ ڪوڙ هئي
پيار لئہ هيءَ حياتي گهٽي ڪانہ هئي
سنڌ ٻاگهل ڄٽي، سنڌ مارئي ڄٽي
بي حيا، بي نڪي ڪا ڄٽي ڪانہ هئي
روشني روشني عشق تنهنجو هُيو
چاندني مون مٿان ڪا ڇٽي ڪانہ هئي
سي اکيون ڄڻ تہ اوندهہ جو ديرو هيون
جن اکين ۾ ٽِڪي پدمٽي ڪانہ هئي.



يونس همدم



# خوابن جو ويرانيون

هلڪو هلڪو سيءُ هو. آئون پنهنجي ڪمري ۾ ڪاري شال اوڍي ويٺو هوس. چانهه جو ڪوپ هٿن ۾ هو. ان ڪي ننڍين ننڍين سُرڪين سان ڪُٽائي رهيو هئس. ڪجهه ئي دير ۾ ڪوپ خالي ڪري پر ۾ پيل ٽيبل تي رکيم. ۽ پاسي واري ڪيسي مان سگريٽ ۽ ماچيس ڪڍي سگريٽ دکايم. سگريٽ جو ڪش هٽي اکيون ٻوٽي ڇڏيم. ٻئي ڪش تي اکيون کولي پر واري ديوار ۾ لڳل الماڙي جو تاڪ کوليم ۽ ان مان شيخ اياز جو ڪتاب ڪڍيم. الماڙي جو تاڪ بند ڪري، ڪتاب جهولي ۾ رکي ڪجهه دير ڪتاب کي ڏسندو رهيم ۽ پوءِ ڪتاب کوليم. پهرين سَٽَ ۾ جنهن غزل تي نظر پئي اهو هي هو،

**”سکي پيا کي ملين تي ڇئجان چانڊني تو سوا نه ٿيندي.“**

ڪتاب وري ڪٽي بند ڪيم ۽ سگريٽ جا وڏا وڏا ڪش هڻڻ لڳس. ڪرسي کي ٽيڪ هنئي ته ڪاشيءَ پيرن ۾ وڃي ڪري. هٿ هيٺ ڪري ڪنيم ته تصوير هئي. مٿي ڪري ڏٺم ته اها سونهن جي تصوير هئي. تصوير ڇاتيءَ سان لڳائي وري ڪرسي کي ٽيڪ ڏيئي اکيون پوري ڇڏيم ته ماضي اکين ۾ تري آيو. اهي ڏينهن ياد پيا جڏهن آئون واڪ ڪرڻ ويندو هئس. روزاني معمول مطابق ان ڏينهن به شام ڏاري واڪ ڪندو ان باغ ۾ ويس جتي هر روز ورزش ڪندو هئس. ان ڏينهن ورزش ڪري ٻڙ جي وڻ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو هئس ۽ لهندڙ سج کي نهاري رهيو هئس، جيڪو ڪجين جي وڻن پٺيان لڪڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل هو. ۽ جلدي زمين جي ڇاتي ۾ پناهه وٺڻ تي گهريائين. ڪجهه دير ڪانپوءِ شام جا پاڇا ڪنهن حسينه جي ڪارن گهاٽن وارن وانگر وڇائجڻ لڳا. آئون بدستور وڻ کي ٽيڪ لڳائي اهي شام جا منظر ڏسڻ ۾ رُڌل رهيس. ۽ ورزش ۾ بي ترتيب ٿيل ساهُن کي گڏ ڪري رهيو هئس. اوچتو پٺيان ڪان نرم هٿ ڪلهي تي محسوس ڪيم. ڪنڌ ورائي ڏٺم ته هڪ نوجوان ڇوڪري بيٺي آهي. ڇرڪ ڪائي اٿي بيٺم ۽ غور سان ڏسڻ لڳس. ان ڇوڪري مونکي حيران ۽ پريشان ڏسي، مسڪرائي چيائين،

”ڇا آئون جن يا ڀوت آهيان جو غور سان پيو ڏسين. ۽ پنهنجي شڪ کي حقيقت ۾ پيو بدلائين.“

منهنجي وات مان صرف ٻه لفظ نڪتا، ”تون ڪير آهين؟“

هن ٺهڪ ڏيئي چيو، ”آئون تو کي انسان نظر نٿي اچان.“

گهٻراهٽ ۾ چيومانس، ”نه نه، اهڙي ڳالهه ناهي. پر منهنجي چوڻ جو مطلب هو ته توهان ڪير آهيو ۽ هن مهل هتي ڇا پيا ڪريو؟“

چيائين، ”هو سامهون جيڪا پڪي بلڊنگ پيا ڏسو اهو منهنجو گهر آهي. ۽ آئون ڪافي ڏينهن کان اوهان کي هتي ايندي ڏسندي آهيان. اسڪول ڏانهن ويندي به ڏسندي آهيان.“

مون چيو، ”تون پڙهين نٿي.“

چيائين، ”هائو آئون ميٽرڪ ۾ پڙهان ٿي.“

چيومانس، ”مونکي ڪڏهن کان پئي ڏسين.“

چيائين، ”گذريل ڇهن مهينن کان ڏسان پئي. اڄ دل جهلي هتي هلي آئي آهيان.“

چيومانس، ”ڪنهن ڏسي ورتو ته پوءِ؟“

چيائين، ”جيڪو نصيبن ۾ هوندو سو ٿيندو.“ ائين چئي هو سامهون اچي بيٺي.

آئون غور سان هن کي ڏسڻ لڳس. وڏا ڪارا وار جيڪي چيلهه کان به هيٺ هئا. گول چهرو، وڏيون اکيون، بدن سڄو ڪلموهي جي چاٻڪ، جهڙو سنهڙو اڇو ڪير جهڙو رنگ، گلابي ڪپڙا جهڙو بهار جي موسم جو ڦهريون ٽڙيل گل، سنڌوندي جهڙو بدن، آڱريون ڦهرين تاريخ جي چنڊ جهڙيون، چپ لئي جي لام جهڙا سنهڙا.

مونکي پنهنجي وجود ۾ گم ڏسي مسڪرائي چيائين، ”ڇا اچا به ڪو به شڪ اٿئي؟“

چيومانس، ”هر انسان ۾ قدرت هڪ خوبي رکي آهي. هتي ته ڳڻڻ کان به مٿي.“

چيائين، ”ڇڏ ڪوڙي تعريف نه ڪر.“

چيومانس، ”هن شام جو قسم، جنهن جا پاڇا تنهنجي وارن جهڙا آهن.“

چيائين، ”بس بس.“

چيومانس، ”سچ.“

چيائين، ”مونکي پنهنجو ڪندين.“

چيومانس، ”آئون، ان قابل آهيان؟“

چيائين، ”ڇهه مهينا ٿيا آهن ائين تنهنجي پٺيان پئي هلان.“

چيومانس، ”اونده ڪافي ٿي وئي آهي. هاڻي تون گهر وڃ. متان ڪو اچي نه وڃي.“

چيائين، ”عورت آئون آهيان ۽ ڊڄين تون پيو؟“

چيومانس، ”ڳالهه ڊڄڻ جي نه پر عزت جي آهي.“

چيائين، ”سڀاڻي ملڻ جو وعدو ڪر ته وڃان.“

چيم، ”انشاء الله، سڀاڻي ملنداسين.“

چيائين، ”وعدو.“

”چيم واعدو.“

پوءِ هو جنهن رستي کان آئي اتان وڃڻ لڳي ۽ آئون ڪجهه دير ويهي پوءِ گهر هليو ويس. وهنجي ڪپڙا تبديل ڪيم ۽ هن اڌوري ملاقات جي باري ۾ سوچڻ لڳس ۽ سوچيندي سوچيندي اڌ رات ٿي وئي. چنڊ به منهنجي کٽ جي سامهون اچي اک اک سان

ملائي بيهي رهيو. ڪافي دير ڏسڻ ڪانپوءِ چپن ۾ ٻُڙٻُڙائيندي چيم، ”چنڊ توکان به وڌيڪ هن ڌرتي تي ڪو سھڻو آهي. وچ وچ پنھنجو رستو وٺ.“ مون پاسو ورايو ته امان کي مٿان بيٺل ڏٺم.

امان چيو، ”پٽ ننڊ نٿي اچي؟“

گھبرائيندي چيم، ”امان مچر گھڻا آهن.“

امان چيو، ”پٽ ڪمري ۾ وڃي سمھ ۽ مڇرن جي ٽڪي ٻاري پنکو هلائي ڇڏ.“

چيومانس، ”امان ڪمري ۾ ساهه ٿو منجهي... ننڊ اچي ويندي پاڻھي.“

چيائين، ”پٽ تنھنجي مرضي.“

اها رات تارا ڳڻيندي ڳڻيندي گذري.

صبح جو اکيون ڳاڙهيون ڏسي امان ۽ بابا چيو، ”ڇا ڳالھ آهي تنھنجون اکيون ڳاڙهيون ڇو آهن؟“

چيم، ”رات مڇرن جي ڪري ننڊ دير سان آئي هئي.“

بابا چيو، ”طبيعت ته ٺيڪ آهي نه؟“

چيم، ”ها بابا، طبيعت بلڪل ٺيڪ آهي.“

چيائين، ”طبيعت ۾ گڙٻڙ ڏسين ته ڊاڪٽر سان مشورو ڪري وٺجان.“

چيم، ”جي بابا.“

بابا نوڪري تي هليو ويو. امان مونکي ناشتو ڪرايو ۽ آئون اسڪول هليو آيس. پر اسڪول ۾ به گم سم.

استاد پڇيو، ”ڇا ڳالھ آهي سارنگ، ڪجھ سُست نظر پيو اچين؟ طبيعت ته ٺيڪ آهي؟“

۽ دوستن به اهوئي سوال ڪيو. سيني کي هٿ ڪڙي ورندي ڏيندي چيم، ”مٿي ۾ رات کان سور آهي. رات ننڊ نه ڪرڻ ڪري بدن سُست آهي.“

اسڪول جو ٽائيم پورو ڪري گھر آيس. ماني کاڌي نه کاڌي. جھڙي اچي بستري تي ڪريم ۽ سوچن جي سمنڊ ۾ لهي ويس. تان جو شام جا ساڍا چار ٿيا هٿ منھن ڌوئي ڦٽي ڏيئي واڪ جي ڊريس پهري گھران نڪري پيس. واڪ ڪندو ڇهين وڳي باغ ۾ پھتس. ڏسان ته حسن جي پري مونکان اڳيئي وڻ کي ٽيڪ ڏيئي اکيون ھوٽي ويٺي آهي. آهستي آهستي ڏکندڙ قدمن سان وڃي ويجھو ٿيس. قدم جو هلڪو آواز. ٻڌي اکيون کوليائين ۽ چيائين،

”دير ڪيئي.“

چيومانس، ”اڳيئي ڪان ڪجھ سوير آيو آهيان.“

چيائين، ”خبر اٿئي ته آئون چار بجي کان ويٺل آهيان ۽ رات به ننڊ نه ڪئي اٿم.“

چيم، ”ڇو.“

چيائين، ”الائي توسان ملڻ وڃڻ کان پوءِ اکين ننڊ ڪرڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيو.“

اڻ ڄاڻ ٿيندي چيم، ”ڪلھ جي ملاقات ۾ اهڙو ڪجھ ته نه ٿيو هو.“

چيائين، ”اڄ جي ملاقات لاءِ شايد بيچيني هئي. پوءِ چيائين ته ويھندين يا بيٺو هوندين.“

آئون جتي بيٺو هئس اتي ئي ويھڻ لڳم.

چيائين، ”منھنجي پاسي ۾ ويھندي خوف ٿو ٿئي.“

چيم، ”اهڙي ڳالھ ناهي.“

اڳتي وڌي هن جي پاسي ۾ وڃي ويٺم. هن ڪنڌ ورائي منھنجي اکين ۾ ڏٺو ۽ ڏسي چيائين، ”تو به رات جو ننڊ نه ڪئي آهي؟“

ڪوڙ ڳالھائيندي چيم، ”نه اهڙي ڳالھ ناهي.“

ڳالھ بدلائيندي چيم، ”توهان ڪلھ پنھنجو نالو نه ٻڌايو هو.“

چيائين، ”مونکي سونهن چون ٿا.“

چيم، ”جنھن به نالو رکيو آهي ان ذري جو به ڪوڙ نه ڳالھايو آهي. هو سچو آهي. ڏس تڏهن هو ڪجين جي پنيان لکي سچ توکي ڏسي رهيو آهي. هي ٿڌڙي هوا به تنھنجي زلفن سان راند پئي ڪري. هن ٻڙ جون ٽاريون به توکي تڏهن ئي سلام پيون ڪن. آسمان تي پکين جو جوڙو به تنھنجي حسن جي ساراهه پيو ڪري. هن شام جا رنگ به تنھنجي حسن کي ڏسي شرمائين پيا. تون پرهه آهين ان شام جي جنھن جي رنگ ۾ ڪائنات جا سڀ حسين رنگ سمائل آهن.“

اڃا ڪجھ چوڻ لاءِ منھن کوليم ته هن چپن تي هٿ رکيندي چيائين، ”بس ڪر.“

چيم، ”قسم هن شام جي رنگن جو تون اڪبر بادشاهه جي تاج محل جھڙو حسين خواب آهين. شاهجهان جي خوابن جي تعبير آهين.“

اوچتو هڪ سوال پڇيومانس، ”تون ڪڏهن آئيني جي سامهون بيٺي آهين ۽ پاڻ کي غور سان ڏٺو اٿئي؟“

ڪنڌ کي لوڏيندي چيائين، ”ها اهڙو ته ڪجھ ڪونهي.“ ان ڪنڌ جي لوڏي سان هن جا چٽيل وار ڇھري تي اچي ويا.

مون آڱر سڌي ڪري هن جي ڇھري مٿان وار هٽائيندي چيم، ”چنڊ کي ڪڪرن ۾ نه لڪاءِ. اڄ وڃي منھنجي اکين سان آئيني ۾ چھرو ڏسجان ۽ پوءِ فيصلو ڪري ٻڌائجان.“

چيائين، ”اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ ڪنھن کان سکيو آهين؟“

چيم، ”جيئن رند شراب پي بهڪي ويندا آهن ائين آئون تنھنجي حسن ۾ مدهوش ٿي ڳالهايان پيو.“

شرمائيندي چيائين، ”اڄ گھڻي دير ٿي وئي آهي.“

چيم، ”موڪلايون؟“

چيائين، ”دل ته نٿي چوي پر مجبوري آهي.“

چيم، ”ٻئي هٿ اوريان ڪر.“

هن ٻئي هٿ منھنجي هٿن ۾ ڏنا چيم، ”اکيون ٻوٽ ته هڪ نشاني ڏيانءِ.“ هن گھبرائيندي اکيون پوريون.

مون ٻنهي هٿن تي چمي ڏني هن جلدي هٿ ڇڏائي منھن تي رکيا ۽ ان رستي ڏانھن ڊوڙ ڪيائين جنھن رستي کان آئي هئي ۽ آئون مسڪرائيندو پنھنجي گھر جو رستو ورتو ۽ گھر اچي وهنجي جيئن سُتس ٿيئن صبح جو امان زوري اٿاريو.

چيائين، ”نشو ڪري ستو آهين ڇا جو رات به ماني نه کاڌئي صبح جا به ساڍا اٺ ٿيا آهن؟“

مون امان جو چھرو غور سان ڏٺو ۽ کلي ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ چپن ئي چپن ۾ چيم، ”واقعي امان مون ڪلھ نشو ڪيو هو پر اهو نشو منشيات جو نه پر نيھن جو هو.“

***

ائين قول، وعدا، اقرار ۽ ملاقاتون ڪندي سال لنگهي ويا. انٽر پاس ڪيوسين. مون تعليم کي الوداع چيو ۽ نوڪري لاءِ اپلاءِ ڪيم. پر سونهن جي والد هن کي سنين مارڪن ڪٽڻ ڪري ڊاڪٽري ۾ ايڊميشن وٺرائي ڏني. جنھن ڏينھن هن کي ڪلاس جوائن ڪرڻي هئي ان کان هڪ ڏينھن اڳيئي آئون پنھنجي معمول مطابق واڪ تي نڪتس. گھر کان ٻاهر نڪتس ته آسمان ڏانھن نگاهه ڪيم. آسمان تي بادل وسڻ جھڙي حالت ۾ تيار بيٺا هئا. سوچيم ته اڄ صرف سلام ڪري موٽي ٿو اچان. باغ کان ڪجھ پريرو هئس ته گوڙ ۽ ڪنوڻ جا تجلا شروع ٿي ويا ۽ مينهن وسڻ شروع ٿيو. سوچيم ته اڄ اهڙي حالت ۾ سونهن پڪ ڪانه ايندي ۽ واپسي لاءِ سوچيو. پوءِ دل ۾ خيال آيو ته هاڻ آيو آهيان ته اڌ مان موٽي وڃڻ مناسب ناهي. اهو خيال ڪري هلندو اچي باغ وٽ پھتس ۽ ان ٻڙ ڏي رخ ڪيم. گلن جا ٻارا ۽ ننڍا واٽر ٽپندي اڳتي وڌندو پئي ويس ته پريان سونهن کي وڻ جي هيٺيان بيٺل ۽ پاڻ ڏانھن پسندي ڏٺم ته تکو هلڻ لڳس. واٽر ٽپندي پير سِلپ ٿي ويو ۽ ڌڙام سان وڃي ان ننڍي ٻاري جي شڪل جھڙي واٽر ۾ تري ڪوڙي وڃي ڪريم ۽ ڳپ ۾ صفا لٽڙجي ويم. پريان سونهن کان ٽهڪ نڪري ويو ۽ هو تاڙيون وڄائڻ لڳي. ۽ آئون جتي ڪريس اتي پيو رهيس.

هن جو پسيل وجود، کلھن تي وار، تاڙين جا ٺڪا ۽ ٽهڪن جي گونجارن کي ڏسندو رهجي ويس. هوءَ انهي حالت ۾ ڪيڏي نه حسين لڳي رهي هئي. آئون انهن سوچن ۾ ڦاٿل هئس ته هن جو اوچتو آواز پنھنجي پر ۾ ٻڌم چيائين، ”هيلو مسٽر ڪٿي آهيو؟“ جيڪو بار بار هن دهرايو پئي. نيٺ ڪن جي ويجھو زور سان چيائين، ”هيلو ڪٿي آهيو؟“

ڇرڪ ڪائي هن ڏي ڏٺم. وري هن چيو، ”سائين منھنجا، ڳپ جا مزا پيا وٺو ڇا؟ جو اٿو ئي نٿا.“

چيم، ”سانوڻ کي وسندي هيل ڏٺو اٿم. ڪونج کي ڪلندي هيل ڏٺو. ڪارن ڪڪرن کي آڪاش تي ڊوڙندي هيل ڏٺو اٿم. سونهن ڪجھ دير ته ڇڏين ها.“

اٿڻ جي ڪوشش ڪيم ته پير وري سلپ ٿيا. هن هٿ ڊگھو ڪيو.

هن کي ڏسي چيم، ”هٿ ڳپ ۾ خراب ٿي چڪا آهن.“

چيائين، ”هي ته ڳپ آهي. جي پگھريل شيھو به تنھنجي هٿ ۾ هجي ها تڏهن به هٿ ڏيئي ڇڪي وٺان ها.“

ڪنڌ هيٺ ڪري واٽر جي پاڻي مان هٿ ڪجھ صاف ڪيم. پوءِ هٿ ڏيئي اٿي هن سان هلڻ لڳس ۽ اچي ان گھاٽي ٻڙ جي پاڙن ۾ ويناسين. سامهون گلاب جا گل برسات جي وسڻ ڪري پنھنجو دنگ ڪدي هوا ۾ ٽارين تي جھومي رهيا هئا. برسات به بيھي چڪي هئي. ٻڙ جي پنن مان پاڻي جا قطرا ڪري زمين جو بدن چمي رهيا هئا. گلن جا ننڍڙا ننڍڙا ڦڙا آسمان تي تارن وانگر جھرڪي رهيا هئا.

مون اتان نظر هٽائي سونهن ڏي ڏٺو ۽ اتي ٻنهيءَ لاءِ ٺاهيل تلاءَ ۾ پنھنجا ڪپڙا ۽ جسم ڌوئي وري اچي

سونهن جي پر ۾ ٻڙجي ٿلهي پاڙ تي ويهي سونهن کي ڏسڻ لڳس.

سونهن مونکي غور سان ڏسندي چيو، ”سارنگ ايڏي غور سان ڇا پيو ڏسين؟“

چيومانس، ”فطرت جا رنگ پنهنجي وجود ۾ پيو اوتيان ۽ هن بارش سان پنهنجي اڄ اجهاڻ ٿو چاهيان. سونهن هڪ ڪم ڪر مونکي پنهنجي ريشمي ٻانهن ۾ مضبوط ڪري جهل ۽ زلفن کي منهنجي مٿان ڪنهن ٽر جي ڇؤنري وانگر ڪري پنهنجي آغوش ۾ سمهار ته ازلن کان جاڳندڙ اکيون ڪجھ پل ننڊ جي ديوي سان ملاقات ڪن.“

سونهن منهنجي چهري ڏي غور سان ڏٺو پوءِ چيائين، ”سارنگ آئون ته هميشه لاءِ ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پر وقت توسان ۽ مونسان انصاف ڪونه ڪري سگهندو. چوته اڄ گهڙي پل ڪان پوءِ آئون توڪان ڪجھ عرصي لاءِ جدا ٿي وينديس.“

ڇرڪ ڀري هن ڏي نهاريم جيڪا وڻل برسات پسڻ ڪانپوءِ پنهنجي اکين جي برسات ۾ پسي رهي هئي.

چيم، ”ڇا ٿيو. مونکان ڪا غلطي ٿي آهي؟“

چيائين، ”نه، پر بابا منهنجي ايڊميشن سنڌ يونيورسٽي ڪرائي ڇڏي آهي. آئون سياٽي ڪان هتي ڪونه ايندس.“

ٿوري عرصي لاءِ هن جي ڳالھ ٻڌي پيرن هيٺيان زمين نڪري وئي. ٿوري دير هن جو چهرو ڏسندو رهيس پوءِ پنهنجو ڪنڌ هن جي جهولي ۾ رکي هٿ ڊگهو ڪري ڇهري تان وار هٽائي هن جا لڙڪ اگهيم.

چيم، ”بس ايتري ڳالھ لاءِ اکين جا هي انمول قيمتي موتي پئي ڪيرائين.“

چيائين، ”تنهنجي لاءِ ته شايد ڪجھ ڪونهي پر آئون اڪيلي جيءَ ڪونه سگهنديس.“

چيم، ”گهٻرائي نه، ٽيليفون ۽ خط ذريعي پنهنجي ملاقات ٿيندي رهندي.“

چيائين، ”ها. پر هيئن ڪنڌ جهولي ۾ رکي ڪونه سگهنداسين.“

چيم، ”جڏهن تون ايندينءِ ته ائين به ٿيندو. پر تون پير پنهنجا مضبوط جهلجانءِ ائين نه ٿئي جو اتي جون هوائون توکي مونکان کسي وڃن. ڇون ته جيڪو ڄامشوري ويو اهو ڄامشوري جو ٿي ويو.“

چيائين، ”ائين ڪڏهن به ڪونه ٿيندو. آئون تنهنجي آهيان ۽ تنهنجي ئي رهنديس.“

آسمان تي ڪڪرن جي ڪري اونداهي ڪافي ٿي چڪي هئي.

چيومانس، ”هاڻي گهڻي دير ٿي وئي آهي ڪٿي تنهنجا گهر وارا پريشان ٿي ڳولڻ نه نڪري پون هاڻي تون وڃ.“

هن چيو، ”آخري ملاقات روح سان ڪرڻ ڏي.“

چيم، ”ائين چو ٿي سوچين پاڻ ٻئي هڪٻئي جي زندگي آهيون ۽ ڪڏهن به جدا ڪونه ٿينداسين.“

چيائين، ”پڪ.“

مون چيو، ”سؤ فيصد پڪ.“

تڏهن هن منهنجي پيشاني تي چمي ڏني ۽ آئون اٿي ويهي رهيس ۽ هن ڏي منهن ڪري چيم، ”هي تنهنجي نشاني هميشه پرھ جو پيغام کڻي ايندڙ تاري وانگر مون وٽ زنده رهندي.“

پوءِ اسين ٻئي اٿياسين. هٿ هٿن ۾ وجهي هڪٻئي ڏي نهاري آهستي آهستي هٿن کي هٿن مان سرڪائيندي موڪلايوسين پوءِ هو پنهنجي مخصوص رستي کان پنهنجي گهر وڃڻ لڳي ۽ آئون هٿ لوڏيندي الوداع چوندي گهر ڏانهن رخ ڪيو.

***

سونهن جي يونيورسٽي وڃڻ ڪانپوءِ مون واڪ ڇڏي ڏني ۽ نوڪري جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي. بابا جي ۽ منهنجي ڪوشش سان مونکي اي ڊي او جي آفيس ۾ ڪلارڪي ملي وئي. ان دوران سونهن جا خط ۽ ٽيليفون لڳاتار ايندا رهيا. اوچتو سال کن ڪانپوءِ ٽيليفون ۽ خطن جو سلسلو گهٽجڻ لڳو ۽ آهستي آهستي اهو سلسلو بند ٿي ويو. آئون اهو سوچيندو رهيم ته شايد پڙهائي جي ڪري ائين ٿيو هوندو. پر ڪافي عرصو اها مانار ڏسي سوچيم ته يونيورسٽي وڃي خير خبر وٺان. موقعو ڳوليندو رهيم. هڪ ڏينهن اي ڊي او جو ڪم حيدرآباد روينيو ڪاتي ۾ پئجي ويو.

آفيسر مونکي سڏائي ڪجھ ڪاغذات ڏيئي چيو، ”سياڻي تون آفيس نه اچجانءِ. سڌو حيدرآباد وڃي هي ڪم ڪري اچجانءِ.“

آئون انهي موقعي جي تلاش ۾ هئس. سو جهٽ کڻي هائوڪار ڪيم. هن سڄو ڪم ٻڌايو باقي ڪلارڪ آئون پاڻ هئس. آفيس ڪان سڌو گهر آيس. ٻئي ڏينهن سڌو حيدرآباد ڏي روانو ٿيس. حيدرآباد پهچي روينيو ڪاتي آفيس مان جلد واندو ٿي ڄامشوري ڏانهن رخ ڪيو. ڄامشوري پهچي رڪشا ڪيم. سڌو سنڌ يونيورسٽي ڏي روانو ٿيس. رستي وچ ذهن ۾ هزارين سوال هئا ۽ اهو سوالن جو سلسلو ان مهل ٽٽو، جڏهن رڪشي واري چيو،

”سائين مين گيٽ اچي ويو آهي. هاڻي ڪهڙي شعبي ڏي هلڻو آهي.“

چيومانس، ”هاسٽل ڏي هل.“

چيائين، ”جي سائين.“

مين رستو ڇڏي جڏهن رڪشي هاسٽل جي رستي ڏي موڙ ڪٽيائين ته رڪشي جي مڙندي ئي منهنجي نظر سامهون ايندڙ جوڙي تي پئي. غور سان ڏٺم ته اها سونهن هئي، جيڪا ڪنهن ڇوڪري سان اچي رهي هئي. هن جا وار ڇٽل هئا. ڪلهي تي پرس هو ۽ اکين تي رنگين چشمو هو. ان سان گڏ ڇوڪري جي به اکين تي چشمو هو ۽ پينٽ شرٽ پهريل هئي. هو منهنجي رڪشي کي ڪراس ڪري اڳتي هليا ويا ته مون رڪشي واري جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو،

”بس اتي ئي لاهي ڇڏ.“

رڪشي واري چيو، ”سائين هاسٽل اڃا اڳتي آهي.“

چيم، ”بس منهنجو ڪم هتي آهي.“

هن رڪشو روڪيو ۽ ڪرايو وٺي اڳتي هليو ويو ۽ مون لهندي پٺيان ڏٺو هو ته سونهن ۽ هو ڇوڪرو ٻئي هڪ اڇي رنگ جي ڪرولا ڪار وٽ بيٺا ڳالهائي رهيا هئا. ٻنهي جي هٿن ۾ هڪ هڪ ڪاپي هئي. ڪنهن ڪنهن مهل ڪلي تاڙيون ملائي رهيا هئا. آئون ٿورو سائيڊ ڪري سفيدي جي وڻ کي ٽيڪ لڳائي ڏسندو رهيس. ڪافي دير ڪانپوءِ هٿ هٿ ۾ ڏيئي موڪلايو. ڇوڪري ڪار جو دروازو کوليو ۽ اندر ويهي گيٽ جو شيشو لاٿائين ۽ گاڏي اسٽارٽ ڪري کليو ۽ ڪجھ چيائين. جنهن تي سونهن ٺهڪ ڏيئي کلي، ڪنڌ ۽ هٿ لوڏي انڪار ڪيو. ڇوڪري الوداع لاءِ هٿ لوڏيو ۽ گاڏي اڳتي وڌائي ڇڏيائين. ۽ سونهن پٺيان ڪنڌ ورائي ان رستي ڏانهن هلڻ لڳي جنهن رستي تي آئون بيٺو هئس. ۽ آهستي آهستي قدم وڌائيندي اچي منهن جي ويجهو ٿي. منهنجي پاسي مان گذرندي هن ڪنڌ هيڏي هوڏي ڪونه ڪيو ڇڻ ته هو ان ڇوڪري جي خيالن ۾ مدهوش هئي. جڏهن مونکي ڪراس ڪري وئي ته آئون سفيدي کي ڇڏي روڊ تي آيس ۽ آهستي آهستي سڏ ڪيم، ’سونهن.‘

پر هو خاموشي سان هلندي وئي. نيٺ ٿورو زور سان چيم، ”سونهن.“

آواز تي هن ڇرڪ کائي پٺتي نهاريو. مونکي روڊ تي بيٺل ڏسي حيران ٿي وئي. آهستي آهستي اچي منهنجي پر ۾ بيٺي.

چيائين، ”سارنگ تون ۽ هتي ڪيڏي مهل آيو آهين؟“

چيومانس، ”ان مهل جنهن مهل تون ان ڇوڪري سان ٺهڪ ڏيئي کلي رهي هئين.“ منهنجي جذبات مان ڇيل لفظ ٻڌي هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

چيومانس، ”بس اها هئي تنهنجي محبت. اهي هئا تنهنجا قول، قرار ۽ وعدا. جيڪي هتي پهچڻ سان واريءَ جا گهر سمجهي ڊاهي ڇڏيئي.“

سونهن خاموش رهي. پوءِ هن ڪنڌ مٿي کڻي مٿي تي وٽ آڻي چيو، ”توسان محبت ڪيم ته ڪنهن ڪان پڇي ڪونه ڪئي هيم ۽ هاڻي هن سان ڪريان پئي ته ڪنهن کان پڇي ڪونه پئي ڪريان. هي منهنجي ذاتي زندگي آهي. جيڪو ان لاءِ سٺو لڳندو اهو ڪنديس توکي ساڙ ٿيڻ نه گهرجي ۽ منهنجي لائف ۾ دخل اندازي نه ڪرڻ گهرجي؟ ۽ ٻڌ سارنگ اڄ کان پوءِ هتي ڪڏهن به نه اچجانءِ. ٻڌئي؟“

هن رڙ ڪري چيو ۽ قدم پٺتي ورائي هلڻ لڳي.

مون پٺيان سڏ ڪيا، ”سونهن، سونهن ٻڌ ته سهي...“

پر هو ڪونه بيٺي هلندي وئي هلندي وئي تان جو اکين کان غائب ٿي وئي ۽ آئون هاريل جواري وانگر واپس اچي ويس. اکين مان لڙڪ نڪري وات ۾ پيا ته اک کلي وئي. ڪرسي جي ٽيڪ ڇڏي پاسي جي ڪيسي مان سگريٽ ۽ ماچيس ڪڍيم. سگريٽ کي دڪائي وڏا وڏا ڪش هڻڻ لڳس ۽ ٿڌا ساھ ڀرڻ لڳس. ڪجھ دير ڪانپوءِ فجر جون ٻانگون اچڻ شروع ٿي ويون. ٿوري دير ڪانپوءِ دروازي تي نڪ نڪ ٿي ۽ امان چئي رهي هئي،

”ابا تيار ٿي آفيس جو ٽائيم ٿي ويو آهي.“

آئون تيار ٿي ناشتو ڪري ٿڪل قدمن سان آفيس ڏي روانو ٿيس. ■




# پاتم جهاتي جهان ۾...

شيام ڪمار

پنهنجي آزمودي ۽ اڀياس ڪي ذهن ۾ رکي ان نڪتي تي ڪئي ويچار ڌارائون ڦٽي نڪتيون، ڏبيل يادگيريون اُڀري آيون. اهي عورتون پدرسري سماج جي ارهه زوراين ڪان مجبور ٿي، تنگدستي جي مسلسل ضربن ڪان لاچار ٿي ڪري، سماج اندر مذهبي ۽ سماجي درجي بندي جي ڏڪوئيندڙ ’لٺ‘ جا، جسم ۽ روح تي وار سهي ۽ پنهنجي آڏو ترقي آزادي ۽ عزت جا سيئي ڳلڪڙا ۽ دڳ بند ڏسي ڪري اُن ’اونداهي چُرَ‘ ۾ ٽپي پوڻ تي مجبور ڪيون ويون. جيتوڻيڪ ’پليد ۽ گستاخ‘ هٿن سندن جسم ڪي تار تار ڪري لويو. ’سُرين‘ ۽ ’ساق‘ جي وچ ۾، حضرت آدم جيئن، همرانو ٿي ’دولت‘ جا دروازا پڇي پوري ڌاڙيلن وانگر بيدردي سان لٽيو ۽ ڦريو. پر، پنهنجي جسماني ماڙي جي تباهي جي باوجود هوءَ بي ڏپي رهي ۽ پنهنجي ’روماني‘ يا ’آتمڪ‘ تقدس ۽ پوتر تائي ڪي ان بربادي ۽ لوئڻ ڪان بچائي اوچو رکندي آئي. ان ڪري، ان ’بازار‘ ۾ ويٺل عورت ڪنهن به صورت ۾ جامي جي بيان ڪيل ’ستي ساويتري‘ ڪان گهٽ مرتبي واري ڪونهي. اگر ڪيس موقعو ملي ته پاڻ ڪي والميڪي جيان، ميرا جيان، ميري مگدالين جيان، قرتلعين طاهره وانگر انهن جي سٽ ۾ بيهاري سگهي ٿي.

سڪر ۾ (سن1960ع) ڪوئينس روڊ تي محمد موريو نالي هڪ مختيار ڪار منهنجو پاڙيسري هوندو هو. راشي ڪامورو هيو. سندس گهر واري ڪنهن چڱي گهر مان آيل خاتون هئي. پاڙيسري جي ناتي ساڻس چڱو سنٻنڌ ٿي ويو هو. سندس گهريلو زندگي نا آسودي ۽ ڪلڪل واري هئي. هڪ لڳا خبر پئي ته مورئي ’هن بازار‘ مان ڪنهن دوشيزه ڪي اٿاري ساڻس وهانوَ رچائي گهر وٺي آيو. هن رج مڙس مٿن مائٽن جي سٽ مخالفت ۽ شهر ۾ اٿيل چوٻول جي ڪا پرواهه ڪين ڪئي.

’هُن‘ مائيءَ ڪي مون به ڏٺو هو، ڪيترن ئي ڪلهن تي ’سواري‘ جو شرف حاصل ٿيل هيس. پر، مورئي جي ’گهر‘ اچڻ بعد والميڪي جيئن ’اڳوٽي گهر‘ جي هر نشاني ڪي مٽي جي ليڪ جيئن ميساري ’پاڪدامني‘ جي هڪ اهڙي نئين دور جو آغاز ڪيو جنهن جو ڪو ثاني ڪين هو. هن پاڪدامني مان مورئي ڪي اوراد به پيدا ٿي هئي.

گذريل صدي جي پنجين ڏهاڪي ڪان اٺين ڏهاڪي دوران سڪر اندر هڪ نهايت ’اونداهي‘ ’بدبودار‘ ۽ ’آدم آزار‘ چريا ڪَڏَ هئي. جنهن جو نانءُ ڏيون عرف ديو آنند عرف اي ون (شيخ اياز چواٽي) هوندو هو. پيشي جي لحاظ ڪان ’ڏيڊ-ٽنگو‘ منشي هو. پر، بيباڪي ۽ بي شرمي سان پاڻ ڪي وڪيل سڏائيندي ڪين ڪيٻائيندو هو. ڪوڙ، دوڪو، ٺڳي، دولاب سندس وجود ۾ ڳوهجي سندس روح ۾ به داخل ٿي چڪا هئا ۽ هندو ڌرمي عقيدي موجب سندس آتما قطعي طور ’پرماتما‘ جو ’انگ‘ ڪون ليکي سگهجي ٿي. مٿي ڄاڻايل اوگڻن جي جيئري جاڳندي مورت ۽ علامت هئو. سڀ ڪان اول منهنجي مرهيات دوست مرغوب بخاري جي وڏي ڀاءُ محمود علي شاهه بخاري جو منشي ٿيو هو. هن جي وفات بعد پراڻي سڪر جي الله آبادي وڪيل نواب وحيد احمد خان جو پاسو ورتائين ۽ هن ڪي ’اٿارڻ‘ بعد شيخ اياز جي جوءِ ۾ داخل ٿيو. اياز پا وڏو زماني ساز ۽ ’گرگ باران ديده‘ هو . انڪري سندس منشي گيريءَ دوران ڏيون جون چالبازيون ۽ ٺڳيون ايڏو ڪين اُسري سگهيون. سندس ان خميري خرابي ۽ ٻٽيادي ڏنگائي سبب اياز ڪيس اي.ون (A-One) جي عرفيت سان اجاگر ڪندي روشناس ڪرايو. هڪ ڀيري پنهنجي ذات ۾ سمايل ’حرفت بازي‘ سان سڪر جي ٽانگا ايسوسيئيشن جو سيڪريٽري به ٻڻايو ويو هو. (ان زماني ۾ سڪر اندر هڪ هزار ڪان وڌيڪ ٽانگا ۽ ٻگيون هونديون هيون ۽ انهن جا خاص اسٽان (Tanga Stands) پنجن جاين، يعني ٽڪر تي سٽي ڪورٽ جي سامهون، گهنٽا گهر وٽ مسافرخاني جي ٻاهران، بيراج روڊ تي مڪراني محلي لڳ، فريئر روڊ ’ٿلهي‘ تي ۽ پراڻي سڪر ۾ هاءِ اسڪول لڳ رڪن الدين قاسمي جي گهر سامهون هوندا هئا. موٽرن، ڪارن جو رواج گهٽ هو ۽ رڪشائون ته بنهه ڪونه هونديون هيون) غريب ٽانگي وارن ڪي پيوڪ ٻٽائي خوب جاوا ڪندو رهيو. (هتي ياد آيو اٿم ته علي حسن منگي پنهنجي اليڪشن مهم ۽ ووٽنگ لاءِ ٽن سون ڪان مٿي ٽانگين مهيا ڪرڻ جو ٺيڪو ڏيون جي سپرد ڪيو هو. ۽ في ٽانگو سو روپيه روز ڀاڙو مقرر ڪيو ويو. ڏيون ڪمزور ٽانگي وارن ڪي پنجويهه، ڪجهه ڪرڙي قسم ڪي چاليهن ڪان پنجاهه ۽ داداگير ٽائپ ڪي ستر-پنجهتر روپيا ڏنا. ان سازش ۾ ٽانگا ايسوسيئيشن جي هڪ ٽُٽڪ عهديدار مينهن خان ڪي به شامل ڪيو هئائين.) ان ڏينهن سون جي تعداد ۾ ٽانگي وارن گهر ٻاهران ڏيون ڪي ايڏيون ’ڪچيون غليظ گاريون‘ ڏنيون هيون جيڪي مان زندگي ۾ ڪڏهن ڪين ٻڌيون هئم پر هيءُ پنهنجي گهر ڀاتين سميت اڄوڪي سياستدان جيان الم ٻٽيو

وينو پڌندو رهيو ڪين ٿيو هيس. ’سمورو ڪوئينس روڊ تماشبين‘ ڏيڪاري ڏنو هيم. هُنَ جهڙي پڪي ڪُمي نماڪل ۽ مئل ضمير وارا گهٽ ماڻهو ڏٺا اٿم. اسان جو پراڻو ساٿي، سياستدان، مشهور سماجي ڪارڪن، وڪيل ۽ ٽانگا ايسوسيئيشن جو صدر رڪن الدين قاسمي بہ الائجي ڪين سندس دولاب ۾ قاسي پنيلجي چڪو هو ۽ بعد ۾ ڪيس ان غلطي جو شديد احساس بہ ٿيو هو.

هڪ ڀيري ضيائي آمراڻا دور ۾ منهنج دوست گيانچند وڪيل جي ويساهي سالي ڊاڪٽر پرشوتم (جيڪو فوج جي ميڊيڪل ڪور ۾ ڪپتان هيو) ڪي، ذري گهٽ، پنهنجي ڪڌين حرڪتن ۽ جعلسازي سبب ڪورٽ مارشل جي نوبت تي پهچايو هئائين. ان ڪان اڳ ’يحيائي تانا شاهي‘ ۾ ڪنهن سان دولاب ۽ ترس ڪائي (جيڪي ان سمئي منهنجي ڪوئنس روڊ واري گهر جي هيٺئين حصي ۾ رهندا هئا) حاضري ڪان هڪ ڏينهن اڳ خيرپور وجي نور احمد شاهہ (جيڪو ٽربيونل جو ميمبر ۽ جج هو) ڪي سفارش ڪري ڪيس ٺيپ ڪان بچايو هيم. احسان فراموشي ۽ طوطا چشمي ۾ سندس ثاني شايد ئي ڪو هوندو هو. ان زماني ۾ سکر اندر هڪ عدد ’وڪٽوريا بگي‘ هوندي هئي جنهن جو مالڪ ڏيون هيو. گهڻو پوءِ خبر پيئي تہ اُها سيٺ ڀڳوانداس (سکر جو رچ پئنچ ۽ ڪارخانيدار) ڪان قسطن تي ورتي هئائين. ۽ جنهن جي هڪ قسط بہ ڪونہ ڏني هئائينس. هن ڪورٽ ۾ سندس خلاف دوڪي ۽ دولاب جي دعويٰ داخل ڪرائي. ۽ سندس خلاف گرفتاري جا وارنٽ نڪرڻ وارا هئا. هن ڀيري بہ ٻارن سان گڏ اچي مون آڏو گيگراٽ ڪيائين. جيئن تہ ڀڳوانداس ۽ سندس وڪيل حليم پيرزادي سان منهنجا گهاٽا سنبنڌ هئا. ۽ واهر ڪري وچ ۾ پيئي ڪيس گرفتاري ڪان بچايان. آخر انهن ٻنهي سان ملي ۽ بگي جي قسطن ڀرڻ جي ’لڪت‘ ۾ ذميداري ڪٽي ڪيس withdraw ڪرائي سندس جان آزاد رڪايم پر، هُن ناسودي هڪ قسط بہ ڪونہ ڀري ۽ سيئي قسطون، لڪت جي شقن موجب مون کي ادا ڪرڻيون پيون هيون. هيءُ اهو دور هو جڏهن شيخ حفيظ ۽ آئون، خيرپور ۽ سکر ۾، خانداني منصوبہ بندي کاتي اندر آفيسر هوندا هئاسون. انهن ڪڌن ڪرتوتن ڪان وڌيڪ غليظ حرڪت منهنجي خلاف ’مارشل لا اختياري‘ وارن کي ’ڳُجهي‘ درخواست ڏئي ڪئي هئائين جنهن اندر مون کي هندوستاني ايجنٽ، ملڪ دشمن عنصر ۽ سمگلر قرار ڏيندي سندس ضمير، انسانيت، ڌرم ۽ منهنجن احسانن جو ڪو ڇهڪ، ڇهنڊي ڪين پيس ۽ نہ ئي ڪو احساس بيدار ٿيس. منهنجي ڀير زور هئا جو فوجي ٽربيونل جا ميمبر unbiased هئا ۽ مون مٿان ڪو الزام ثابت ڪين ٿيو. دراصل هن جي نيت مون ڪان گهر خالي ڪرائڻ هئي. ڪيس اجهو مون ڏنو هو ۽ مون ڪان ئي منهنجو گهر خالي ٿي ڪرايائين. سکر ۾ موجود دوستن، رشيد ڀٽي، فتح الله عثماني، رڪن الدين قاسمي، فتاح ملڪ، حنيف منگي، ڊاڪٽر دوارڪاداس، ڊاڪٽر رتن ڪمار ۽ ڪجهہ بلوچ ڪاٽڪن جي سهائتا (جيڪا نواب بگٽي مهيا ڪئي هئي) سبب ڏيون لنگڙو مجبور ٿي ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. ۽ انهن جي نتيجي ۾ ڪيس پوٽا ٻہ لک روپيہ ڏئي ڪانڪس جاءِ جي هيٺئين حصي جو قبضو ڇڏرايم. ماضي جي ڪنهن اسٽيج تي هنن ئي يارن بشمول منهنجي گهر اوري ان ’بدبودار ڪڏ‘ کي هيٺ واري حصي ۾ وهارڻ ڪان مسلسل منع ڪندا رهيا هئا. پر، ’آدرشي سوچ‘ سندن صلاح کي ٺڏي پنهنجي من ماني ڪرڻ تي آماده ڪيو هو ۽ نتيجي طور مٿي ڄاڻايل ’پوڳٽائن‘ ڪان گهڻيون ئي وڌيڪ تڪليفون، هن بي مهار شتر هٿان، برداشت ڪيون هيوسين جن کي ورجائڻ اجايو ۽ بي سود آهي.

بنارسي ٺڳن، دهلي جي ڪاٽڪن ۽ اٽلي جي مشهور شاهنيگن جا سمورا ڪڌا ڪرتوت هن جي ذات اندر ائين سمائجي يڪجا ٿي ويا هئا. جيئن شاهہ سائين چواڻي: ”ڪڙو منجہ ڪنڍي...“ سندس شخصيت سورهين صدي اٽلي جي نامياري جعلساز، ٺڳ، سازشي- ۽ اديب پيٽرو اريٽينو (Aretine) سان ڪيڏي نہ ملندڙ ۽ مشابهت رکندڙ آهي. هيءُ صرف اديب ڪونہ هو.

ساڳئي سمئي سکر ۾ ڀڳوانو نالي هڪ ٻيو منشي بہ هوندو هو ۽ ڏيون جو جُٽُ، پڳ مٽيويار، سندس جيان ٺڏڪ، بيديدو ۽ اصيلن (clients) لاءِ اهي ٻئي ڄڻ ڄؤرن سمان هوندا هئا. غريب، نادار اصيل ڪرڪندو، ڪنجهندو، ڪوڪندو مجال جو هنن کي ڪا کهل ۽ کهڪاءُ اچي. ڀڳوانو ڏيون ڪان گهڻو اڳ اياز جو منشي رهي چڪو هو ليڪن قدڪاٺ، حرفت بازي، دوکي ۽ ٺپتائپ ۾ ڏيون آڏو ٻچڙ لڳندو هو. بابل جي هاروت ماروت جيان اها ’بي ڀيري‘ ۽ ’بي موڪئي‘ جوڙي سکر ۾ رهائش دوران ’برائي جي ڪڏ‘ ۾ آخر تائين لت پت ٿيندي تڙ ڳندي ڏٺم.

هڪ ڀيري لاهور جي ’هيرامنڊي‘ جي پاڻ جهن ٽپتاين سان گڏجي هڪ فلم ’دنيا رنگ رنگيلي‘ جي تياري جو اعلان ڪري ’نون چهرن‘ جي تلاش جا اشتهار ڇپائي ڪيترن ئي اپوجهہ جوانن، جوانڙين، وڏيرن جي ڪريل اولاد کي خوب پاسا ڏيئي پالهو ڪيائين. ۽ بي نام جوانڙين کي Test ۽ Taste جي آزمودي مان گذاراڻي بعد ۾ ٽريون ڏيڪاريندو رهيو. اها اعلان ٺيل فلم ڏاڏا شاهہ خيرپوري، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ رشيد ڀٽي جي سرپرستي هيٺ اعلان ڪرايل فلم ’مومل راڻو‘ وانگر ڪڏهن بہ تيار ٿي ڪين جنمي سگهي. البت ڏاڏا شاهہ جي فلم ’مومل راڻو‘ لاءِ تنوير عباسي جا لکيل گيت نور جهان جي آواز ۾ ڳائجي خوب ميٽا ماڻي چڪا هئا.

ڳالهہ جو آرنڀ ٿيو هو ’پاڪ دامن‘ روحن جي ذکر سان. پنجاهہ ۽ سٺ جي ڏهاڪن وارن ڏهاڙن ۾ سکر جي ’لال بازار جي هڪ مشهور پريزاد ڳائڻي، نرتڪي هوندي هئي جنهن جو نانءُ شمشاد بيگم هو. هن خاتون پنهنجي جادوئي حسن ۽ ’وچتر ڏانوَن‘ سان سکر جي ڪيترين ئي مشهور سياسي، سماجي ۽ ادبي هستين سان ’راس ليلائون‘ رچائي سندن ڪچون ڪوسيون ڪيونهيون. انهن ۾ اياز جو نانءُ ٻين سيني ڪان مٿانهون هيو. مون کي بہ هڪ يرو نامور هندوستاني ايڪٽر آءِ. ايس جوهر جي سنگ ۾ (1963ع) ڪيس اوڏڙو پسڻ ۽ ڪنهن فلمي گاني ذريعي سندس مڌ ڀريو سريلو آواز ٻڌڻ جو اتفاق ٿيو هو.

ڳالهہ وسهڻ جي ڪونهي پر عجب حقيقت آهي. مائي جسو ڏاجو پٽي، ۽ ٻن ’اڏيت‘ ٻارن جو پيءُ (لفظ ’اڏيت‘ انڪري استعمال ڪيو اٿم جو ڏيون جي اها موروثي (genetic) بيماري سندس ٻن پٽن- بيبو ۽ اومي- کي بہ ڄائي ڄم ڪان چنڊ گرهڻ جيان وچڙي ويل هئيءَ ۽ پيءُ جيان هو ٻيئي بہ هلڻ دوران ڪڏهن ڪڏهن پاڻ تہ ڪرندا هئا. پر، اتفاق سا ساڻن گڏ جيڪو بي خبر همراهہ هوندو هو. اُهو بہ هنن جي ٻار سببان، ضرور زمين بوس ٿيندو هو.)

بقول اياز جي ڏيڊ ٽنگو (لنگڙو) ’اي ون‘ جل پري شمشاد بيگم کي الائجي ڪڏهن ۽ ڪيئن ’منڊڻ‘ ۾ ڪامياب ٿيو؟ اهو معجزو ڏسي ۽ ٻڌي سکر جي ڄاڻو ۽ گٽنگ شڪاري ماڻهن کي ڏنڊين آڱريون پئجي ويون هيون. هينئر شمشاد بيگم ’لال بازار‘ ۽ ان سان ڳنڍيل ’پيشي‘ کي هميشہ لاءِ الوداع چئي سکر جي ڪنهن شريفاڻي پاڙي ۾ اچي ’ٽانوَ‘ ڪيو هو. ڪيس ڏسي ايئن ڀاسندو هو ڄڻ هوءَ ماضي جي دڳ جي دز ڪان بہ نا آشنائي. محمد مورئي جي گهر واريءَ جيئن ڏيون جي سَتَ ۾ رهي ’پاڪدامني‘ وارو جيون گذاريندي رهي.

اهو لقاءُ پسي لڳو هو تہ ستي جو سَتُ ۽ پاپڻ جو پاپُ سڀ اضافي ۽ اجايا نانءُ آهن. پاپ ۽ پڃ جو ڪوريئڙي وارو ڄار بہ پدر سَري سماج جي اُٽت آهي. هوءَ صرف عورت آهي. باقي اسان جي من جا پوَ آهن. اهڙو جذبو معراج تي رسائي ٿو جنهن کي انسانيت چئجي ٿو.

۽ هِن طرف ڏيون لنگڙو (رشيد ڀٽي ڪيس ان ئي نالي سان مخاطب ڪندو هو.) مندر، مڙهيون ٽڪاڻا تياڳي ’رمضان جي روزن‘ کي اچي پيڙيو. مجال جو هڪ روزو بہ قضا ٿي وڃي. ’بدبخت‘ اتفاق سان ڏيون منهنجي جاءِ جي هيٺائين حصي ۾ رهندو هو ۽ روزي

ڪلڻ وقت منهنجو چئن ورهين جو ننڍو پٽ وجهڻ مٿان لهي ڪري هيٺ وڃايل ڪٽ تي فروٽ پڪوڙن ۽ شربت سان پريل جگ کي آسائتي اکين سان ڏسي جلد روزي کولڻ جي اجهل ڏوني لڳايون ويٺو هوندو هو. ۽ هو ڪيس ٺهر سان وراٽيندو هو. ”بابا، گُهو گُهو وڃي تہ روزو کوليون نہ.“

ٻڌڻ ۾ ائين آيو تہ هو جسوڏا ڪان لڪي ڪري، گُجهہ ڳوهہ ۾ نماز پڙهندو هو. ’دين، ڌرم‘ ۽ Beast and Beauty جي عجب سنگم کي ياد ڪري ڪڏهن ٽپي ۾ پئجي ان ڪُلئي تي سوچڻ لاءِ مجبور ٿي ويندو آهيان تہ واقعي ’دنيا رنگ رنگيلي‘ آهي.

هڪ لڳا سنہ 1977ع ۾ سکر اندر جاءِ ٺهرائيندي مون مٿان پٽ ڪري پيئي ۽ جسم جي مختلف حصن جا يارهن هڏا ڀڄي پيا ۽ آئون پلسترن ۾ ويڙهيو سهيڙيو ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ پيو ڇت جو ڪاما ڳڻيندو رهندو هيس.

ڪئي يار دوست طبيعت پڇڻ سانگي ايندا رهندا هئا. هنن ۾ رشيد ڀٽي، رڪن الدين قاسمي، تنوير عباسي، ڊاڪٽر دواڙڪاداس، ڊاڪٽر رتن ڪمار، ڏٽي بخش شاهہ، عثماني، اعزاز نظير، حسن حميدي ۽ ٻيا ڪئي هوندا هئا. رشيد ڀٽي گرائونڊ فلور (ڏيون جو گهر) اندر داخل ٿيندي ئي هڪ قلندري قسم جي سين هٽڻ تي هريل هو: ”اڳي تہ هيٺ لنگڙن جو آستان هو، هاڻي مٿي بہ لنگڙي جو واسو آهي.“ اها بلند آواز دس ٻڌي ڏيون ۽ سندس ٻارن کي مٿيا تہ ڏاڍي لڳندي هئي پر رشيد اڳيان گنگ ٿي ننواڪر واري ويهندا هئا. ڪين سُڌِ هئي تہ هُو، 1. وڪيل ۽ ڏيا وارو مڙس هو. 2. اديب، صحافي ۽ هفت روزه ’المنار‘ جو ايڊيٽر ۽ مالڪ هو. 3. اياز ۽ ٻين نالي وارن وڪيلن ۽ ججن جو دوست هو. 4. سياست جي ميدان جو بہ شهسوار هو ۽ 5. ٽيڙهي واري مدرسي ۽ اروڙ واري مسيت سان لاڳاپيل ’مولوي خاندان‘ جو نورچشم هو انڪري هن سان ڪا بيهودگي ڏيون جي سموري آکهہ کي تين واڪ ڪرائڻ لاءِ ڪافي ٿئي ها. اهوئي ڪارڻ هو جو ڏيو سميت سندس سيئي پاتي ڪنئس ڪؤ ڪائيندا هئا.

رشيد ڀٽي جو مشاهدو نهايت تُز ۽ تيز هوندو هو. ڏيون جي پٽن کي ڏسي هن اڳڪٿي ڪئي هئي تہ ”هو پيءُ وانگر ٽپتئي ۽ ناسودا ٻٽبا يا ٻہ عدد ڪاٺ جا گاڏيئڙا ٺهرائي، ’اپاهجن‘ مان هر هڪ انهن ۾ ويهي پنهنجي ٻہ ٽنگي پائرن- ڪاري ۽ پپُو- ڪان انهن کي گهلرائي سڄو ڏينهن سکر جي رستن جو طواف ڪندي سين هٽندا رهندا،

بابا ڏيئي وڃ نالي اللہ جي،
مولا برڪت وجهيوَ، هنن اڳهن ۽ اُپاهجن کي.
روزانو موٽڻ ٽاٽي، پڪ ئي پڪ، اهي گاڏيئڙا سڪن ۽ نوٽن سان پريل هوندا. ڪين ڪڏهن يءَ ڪرت جي ضرورت محسوس ڪونہ ٿيندن.“

پر، مستقبل ۾ رشيد جي پهرين اڳڪٿي يڪ تڪ ثابت ٿي هئي.

رشيد جي اُپ ڏاريندڙ ٿهڪن ۾ راجہ مهدي علي خان جهڙي سندس مٿاري جسم جي سموري قوت يڪجا ٿيندي پسي سگهبي هئي. اهي ٿهڪ تازگي ۾ ٻڏل، جوش جولان ۾ تر ۽ مخلصانہ هوندا هئا. پر، انهن جي سون ورنن ڪنارن ۽ ڪُندن تي ڪلاسيڪي نيم ڪلاسيڪي ۽ هلڪي ڦلڪي گارين جي گُلن جي جهالر بہ نمايان طور نہ صرف ٻڌڻ ۾ ايندي هئي بلڪ چٽائي سان پسي بہ سگهبي هئي. انهن اندر سمايل خوشي ۽ سرخوشي ايڏي تہ متعدي هوندي هئي جو محفل ۾ موجود ڪو سنجيده ذي نفس بہ پنهنجي خوشي جو اظهار ۽ ٿهڪ روڪي ڪين سگهندو هو. عبدالرزاق راز، محمد ابراهيم جويو، سوڀو گيانچنداڻي ۽ قادر صديقي عرف وڃايل اُٺ ان حقيقت جا زرين مثال آهن.

ڪنهن بہ محفل ۾ صرف سندس موجودگي ئي اُداسي ۽ مايوسي لاءِ للڪار جو درجو رکندي هئي. جيئن چارلس ڊڪنس چواڻي، ”ناچ ذريعي باطن جي دک درد کي پلائي سگهجي ٿو.“ تيئن بقول رشيد ڀٽي، ”اندروني پيڙا ۽ نااميدي کي ٿهڪ ذريعي نگهوسار ڪري سگهجي ٿو.“

مقبول صديقي ۽ رشيد ڀٽي ڄائي ڄم کان ڦوهہ جواني تائين پنهنجي جسم جي ويڪر ۽ وزن ۾ سومو پهلوانن جون سڪون لاهيندا هئا. گوشت سان پريل سندن اڪٿ جسم هلڻ ويهڻ ۽ بيهڻ مهل ائين ’ٿل ٿل‘ ۽ ’پل پل‘ ڪندا هئا جيئن سامونڊ ۾ وهيل مڇي يا لڏڙو ڪندو آهي. اياز، نياز همايوني، تنوير عباسي ۽ منهنجي زندگي ۾ سندن دخل در معقولات ڏاڍو اُوير سان شروع ٿيو هو. منهنجي خيال ۾ اگر پهرين ٽن يارن سان سندن دوستي ڪجهہ سوير پرو ٿئي ها تہ هو يقيني طور ’قانوني شادي‘ کان منهن موڙي ٻگن ۽ مقبول سان ايراني طرز وارو ’متعو‘ رچائي سموري ڄمار ساٿن گڏ گذاري پاڻ موکي نہ صرف وڏيڪ سرخرو ٿين ها بلڪ حڪيم ارسطو جهڙي آنند پرائين ها.

شادي کان پوءِ بہ اهي ٽيئي يار بشمول منهنجي ڀٽي ۽ مقتول جي ميناڪشي ۽ مڌوبالا جهڙي موهيندڙ ڏتاريندڙ ۽ هرڪائيندڙ اُرهن سان ڦهليل اپريل سيني کي وجهہ وٺي هلڪي پيار پري ’مهٽ‘ ڏيڻ جو ڪو موقعو ڪين وڃائيندا هئا. ڀٽي کي اسان جي اها حرڪت پاڻ ڪونہ پوندي هئي ۽ ڪجهہ ڏينهن تائين سندس منهن سُڄيل ۽ اسان کان رُٺل رهندو هو. پر، مقبول کي مزو ايندو هو ۽ ظاهري ڪاوڙ ڏيکاري چوندو هو، ”ڏاڍا ڪيچلا ۽ نرلڄا آهيو.“

منهنجي خيال ۾ ’خالق‘ هنن ٻنهي يارن جيوَن کي ٺاهڻ وقت شايد ’موج مستي‘ واري حالت ۾ هوندو. ڇو جو لڳي ٿو تہ پُل سبب ع.ق.شيخ، ابن حيات پنهور، ستمگر سنڌي ۽ فتاح ملڪ جي حصي وارو ’جائز ماس‘ بہ هنن جي جسمن جوڙڻ ۾ ڪتب آندو هوندائين.

جيستائين مقبول ۽ رشيد جي ’مستاني ٽور‘ جو تعلق آهي تہ مقبول ائين آهستہ خرام هلندو هو ڄڻ ڪوئينس روڊ تي، ليوڪس پارڪ جي مٿاهين حصي کان بي آواز واري ’آواز‘ سان پاڻي وهندو هجي، يا اپر ڪوئينس روڊ واري واٽر ٽئنڪ ۾ گهاري پوڻ سبب وچ وارين ڊگهين ڏاڪڻين تان پاڻي گهر ڪندو لوئر ڪوئينس روڊ تي ڪرندو هجي.

پر، رشيد ان جي ابتڙ ائين چلندو هو ڄڻ روهڙي جي سنسان سنهڙين گهٽين ۾ جيڪب آباد جي ’فورس‘ مان وارد ٿيل راڪاس ’آدم بُو‘، ’آدم بُو‘ ڪندو هجي.

جيئن تہ ٻگن جي تاريخي ٿهڪن جو مٿي بہ ذڪر ڪري آيو آهيان ۽ ان کي اڳتي وڌائيندي چوندس تہ سندس ’ٿل ٿلائي‘ اوج ۽ عروج وارن ڏهاڙن ۾ سندس نغاري جهڙا وڄندڙ بي ساختہ ٿهڪ ائين پاسندا هئا ڄڻ اُپ ۾ ڏارون وجهي خدا کي ننڊ مان جاڳائيندا هجن، يا وشنو ڀڳوان کي شيش ناگ مٿان اگهور ننڊ مان ڇرڪ پرائيندا هجن، اهي ڪوئٽہ اندر سنہ 1935ع واري پيڻڪر زلزلي جي گڙگڙاهٽ کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ ڪين هوندا هئا. ڄڻ منجهن پرنس ڪروپاٽڪن وارو ’انارڪزم‘ سمايل هوندو هو.

انهن ٿهڪن جي وقتي، بي وقتي آمد دوران جيڪڏهن سندس هٿن ۾ ڪا شيءِ هوندي هئي تہ اها ائين ڇڏائجي ويندي هئس ڄڻ آسمان مان ڪو تارو ڪرندو هجي. هلندي هلندي هٿن مان سائيڪل ڇڏائجي رستي تي زوم مان گولاٽيون ڪائڻ لڳندي هئي، يا چانهہ پيئڻ دوران ڪوپ بسي زمين سان ٽڪرائجي ’شهادت‘ جو درجو حاصل ڪري وٺندا هئا. پر، ريلي ڪرڻ وقت ٿهڪ جي آمد دوران جڏهن هٿن مان اڳٺ جو سرو ڇڏائجي ويندو هئس تہ ’اونڌهہ‘ ۾ روشن پوسٽ آفيس ’لفافي‘ ۽ ’ٽڪلين‘ سميت بائسڪوپ جو منظر پيش ڪندا هئا. اهو روح افزا نظارو پسڻ منهنجي ڀاڳ ۾ ڪونہ هو پر، اياز، نياز رباني ۽ تنوير ان روح پرور نظاري جو ڪئي پيرا ’لطف‘ ماڻي چڪا هئا. مولائي شيدائي ان منظر کي، نڪ ۾ ناس جي چپٽي ڏيڻ مهل، ’ديدني گار‘ سان منسوب ڪيو هو. هينئر اڪيلائي ۾ ٿهڪن تي ويچارڻ مهل ڪڏهن محسوس ٿيندو اٿم تہ اهي پنهنجي بي پناهہ وسعت ۽ جامعليت جي لحاظ کان مولانا فضل الرحمان جي ’پُٽِ‘ سان ڪيڏي نہ مشابهت رکن ٿا. *(هلندڙ)*

# شاهه عبداللطيف يونيورسٽي سنڌي شعبو



شريف شاد سومرو

اجا بہ هتي اها ڳالهہ ڏيان ڇڪائڻ لاءِ لکندس، تہ مونوگراف جيڪي لکرايا ويا انهن جي پوري پوري گائيڊ ڪئي ويئي ۽ تحقيق جي اصولن کي مدنظر رکيو ويو. جيڪڏهن هن مرحلي ۾ ئي ڪچايون رهجي وڃن تہ اڳتي هلي اهي ساڳيون ئي غلطيون ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي ۾ ورجايون وينديون. ڇاڪاڻ تہ جيڪي شاگرد ايم.اي ۾ مونوگراف لکن ٿا. انهن کي ئي اڳتي هلي وڌيڪ اعليٰ تعليم جو شوق جاڳي ٿو، تنهنڪري انهن تي ڪڙي نظر رکي وڃي ۽ انهن جي سٺي نموني رهبري ڪئي وڃي.

**مونوگراف يا ٿيسز جي اهميت:**

جن قومن وٽ علم جو قدر آهي، انهن علم مان بي پناهہ فائدا حاصل ڪيا آهن. ۽ انسانيت جي خدمت ڪئي آهي. يورپ يا آمريڪا جيڪا ترقي ڪئي آهي، تنهن جو دارومدار سمورو تحقيقي تي آهي. يعني انهن تحقيق مان وڏا فائدا حاصل ڪيا آهن.

سنڌي شعبي ۾ ڪيترائي مونوگرافس يا ٿيسز لکرايا ويا آهن. جنهن جي پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏي اهميت آهي. مونوگرافس تحقيق لاءِ بنياد مهيا ڪري ٿو. ۽ ٿيسز مثبت نتيجن ۽ نئين تحقيق جا دروازا کولي ٿي. بح جا باب ڪُلي وڃن ٿا ۽ قلم تحرڪ ۾ اچي وڃن ٿا.

هڪ محقق جي قلمي نوڪ مان نڪتل لفظ، جن کي هڪ تاريخي حيثيت ملي وڃي ٿي. ۽ آئيندي جا آئينا ثابت ٿين ٿا. مختلف ٿيسز ذريعي ڪيئي ڪارآمد نتيجا ڪڍي وڏيون حاصلاتون حاصل ڪري سگهجن ٿيون.

انسان تہ سدائين تحرڪ ۾ رهيون آهي، پر هڪ محقق جنهن تي تمام گهڻيون ذميواريون عائد ٿين ٿيون. جيڪو هر وقت جستجو ۽ ڳولا ۾ رهي ٿو. جنهن جي ڪوشش جي نتيجي ۾ نئين ڳالهہ جنم وٺي ٿي. اها نئين ڳالهہ ئي نئين واٽ وٺائي ترقي جي بلندين تي پهچائي ٿي. پر هڪ محقق جو سمورو زور انسان جي بهتري ۽ ترقيءَ لاءِ هوندو آهي. هڪ محقق وٽ ترقيءَ کان سواءِ بي ڳالهہ ڪا بہ معنيٰ نٿي رکي.

اهڙيءَ طرح مونوگرافس يا ٿيسز ادب جي ارتقا، ترقي ۽ اوسر لاءِ ڪارآمد ثابت ٿئي ٿي. ۽ پنهنجي وقت جو اهڃاڻ ثابت ٿئي ٿي. هن شعبي ۾ جيڪو تحقيقي مواد پيش ڪيو ويو آهي، انهن جو پنهنجي جاءِ تي وڏي اهميت آهي. جن ۾ مختلف شخصيتن جي زندگي ۽ انهن جي ادبي خدمتن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. يا ادب جي ٻين اهم موضوعن تي تحقيقي روشني وڌي ويئي آهي. ۽ ان ڪانسواءِ لکيل ٿيسزن تي تحقيقي جائزو پيش ڪيو ويو آهي. يا سماج ۾ مروج شاعري يا لوڪ شاعري جي اهميت ۽ افاديت کي پڌرو ڪيو ويو آهي. جنهن جي روشني جي مدد سان سماجي پسمنظر اسان جي آڏو آرسيءَ جيان اچي بيهن ٿا.

شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ خيرپور طرفان، سنڌي شعبي لاءِ جيڪي گائيڊ مقرر ڪيا ويا آهن. انهن جي فهرست پيش ڪجي ٿي. ڪيترائي گائيڊ اسان کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويا آهن. مگر انهن جون ڪيل خدمتون اسان لاءِ باعثِ فخر آهن.

**سنڌي شعبي ۾ منظور ڪيل ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي لاءِ گائيڊ:**

| # | نالو گائيڊ جو عهدي سميت | ڪهڙي ڊگري لاءِ |
|---|---|---|
| 1 | مرحوم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: پروفيسر | ايم.فل ۽ پي. ايڇ. ڊي |
| 2 | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي: پروفيسر | ايم.فل |
| 3 | ڊاڪٽر نورنبي تنوير عباسي (ڊاڪٽر فزيشن) | ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي |
| 4 | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر: پروفيسر | ايم.فل |
| 5 | ڊاڪٽر عبدالرزاق ملڪ نديم: پروفيسر | ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي |
| 6 | ڊاڪٽر عبدالڪريم ادل سومرو: پروفيسر | ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي |
| 7 | ڊاڪٽر نواز علي شوق: پروفيسر (ر) | ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي |
| 8 | ڊاڪٽر هدايت الله آخوند پريم: پروفيسر (ر) | ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي |
| 9 | ڊاڪٽر در محمّد پٺاڻ: پروفيسر (ر) | ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي |
| 10 | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو صابر: پروفيسر (ر) | ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي |
| 11 | ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو: هيڊ ماستر (ر) | ايم.فل |
| 12 | ڊاڪٽر بشير احمد شاد پٺاڻ: پروفيسر (ر) | ايم.فل |
| 13 | ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي: صحافي | ايم.فل |
| 14 | ڊاڪٽر سخي قبول محمد: گادي نشين درگاهہ سچل | ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي |

**حوالا (References):**

1. ڪيٽيلاگ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور سال 99-1998ع ص:75.
2. جَي.اَي ڪڊّون- ڊڪشنري آف لٽرري ٽرمس اينڊ لٽرري ٿيوري- ڇاپو ٽيون– 1992ع مطبوعہ پين گئين بوڪس: ص:553.
3. اَي.ڊي شاهہ- يادگار ڊڪشنري- (انگلش- انگلش اينڊ انگلش ٽو سنڌي) ڇاپو پهريون: 1988ع ص:487 مطبوعہ: يادگار پبلشرز حيدرآباد سنڌ.
4. ايڊيٽوريل ٽيم- سنڌيڪا ڊڪشنري (انگلش- سنڌي) ڇاپو پهريون 2003ع ص: 594 مطبوعہ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
5. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر- علم تحقيق- ڇاپو پهريون مئي 1990ع ص: 107 مطبوعہ: نيوفيلڊس پبليڪيش حيدرآباد.
6. اَي.ڊي شاهہ- يادگار ڊڪشنري انگلش- انگلش اينڊ انگلش- سنڌي) ڇاپو پهريون 1988ع ص: 822 مطبوعہ: يادگار پبلشرز حيدرآباد.
7. جَي-اَي-ڪڊّون- ڊڪشنري آف لٽرري ٽرمس اينڊ لٽرري-ٿيوري ڇاپو ٽيون 1992ع ص:969 مطبوعہ: پين گئين بڪس.
8. ايڊيٽوريل ٽيم- سنڌيڪا ڊڪشنري (انگلش- سنڌي) ڇاپو پهريون 2003ع ص: 933 مطبوعہ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
9. پراسپيڪٽس: شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور. سال 2001ع ص:112.

**پٽائي تحقيقي جرنل ۾ ڇپيل مقالن جو وچور**

| پٽائي جرنل- (پهريون) جولاءِ 1991ع | | |
|---|---|---|
| # | نالو مقالہ نگار جو | عنوان: مقالي جو |
| 1 | ڊاڪٽر تنوير عباسي | ساجن سونهن سرت |
| 2 | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو | پٽائي جو علامتي شعور |
| 3 | ملڪ نديم | سچل سائينءَ جا محقق ۽ شارح (پروفيسر عطا محمد حامي-1) |

| | | |
|---|---|---|
| 4 | ادل سومرو | بيدل سائينءَ جو مذهب بابت تصور. |
| 5 | ملڪ نديم | سر گهاتوءَ جو مطالعو. |
| 6 | محمد علي حداد | سچل جو پهريون سيرت نگار (فقير قادر بخش بيدل) |
| 7 | اياز گل | سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شاعري. |
| 8 | قاسم ملڪ | حميد سنڌي هڪ ڪهاڻيڪار |
| 9 | ايس سيواڻي | شاهه جي شاعريءَ جو جمالياتي پهلو |
| 10 | ارشاد سومرو | شاهه جو سر ڪلياڻ. |

## ڀٽائي جرنل- ٻيو: جولاءِ 1992ع

| | | |
|---|---|---|
| 1 | حميد سنڌي | سچل جي هير ۽ سچل جو رانجهو. |
| 2 | تنوير عباسي | شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ زورائتو اچار |
| 3 | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو | شاعر جو سماجي ڪردار |
| 4 | ڊاڪٽر نواز علي شوق | شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ تاريخي لفظ |
| 5 | ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ | شاهه جي ڪلام ۾ روحاني منزل جو ذڪر. |
| 6 | ڊاڪٽر هدايت پريم | سنڌي ٻوليءَ جو ماهر: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| 7 | ملڪ نديم | رشيد ڀٽي جا وچڙيلن لاءِ ورلاپ. |
| 8 | ڊاڪٽر قمر جهان مرزا | مرحوم مرزا نادر بيگ بحيثيت اديب. |
| 9 | قاسم ملڪ | تنوير عباسي جديد شاعريءَ ۾ نهايت ئي وڏو نالو |
| 10 | فرزانه شاهين مگٽيجو | جديد افساني جا سرواڻ ليکڪ |
| 11 | پروفيسر غلام احمد بدوي | مارئي (حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سورمي) |
| 12 | ڊاڪٽر داد محمّد خادم بروهي | سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا. |
| 13 | پروفيسر مظهر علي قريشي | سنڌي زبان جون پاڙون ۽ موهن جو دڙو. |

## ڀٽائي جرنل ٽيون: آگسٽ 1994ع

| | | |
|---|---|---|
| 1 | ڊاڪٽر عزيز الله ميمڻ | شاهه لطيفؒ ۽ روميؒ |
| 2 | ڊاڪٽر فهميده حسين | شاهه جي شاعري جو خوبيون |
| 3 | ڊاڪٽر بشير احمد شاهه | پوڄا ڪرم پاڻ ڪي |
| 4 | ملڪ نديم | امر جليل هڪ افسانوي ڪردار |
| 5 | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر | لطيف جو ڪلاڪار. |
| 6 | ڊاڪٽر هدايت پريم | سنڌي ٻوليءَ جون نراليون خاصيتون |
| 7 | سليم ڀٽو | سي ئي جوين ڏينهن. |
| 8 | برڪت بلوچ | شاهه جي شاعريءَ ۾ اذيت پسندي. |
| 9 | مصطفيٰ کهڙو | ڊاڪٽر تنوير عباسي جي شاهه لطيف تي ڪيل ڪم جو جائزو. |
| 10 | سليم ميمڻ | ميان علي محمد قادري جون ادبي خدمتون |
| 11 | حميد سبزوئي | حميد سنڌي جون ڪهاڻيون هڪ اڀياس. |
| 12 | مسرت ميمڻ | سنڌي ادب ۾ تخليق ۽ تنقيد جو تعلق |
| 13 | وقار حسين ٻانيڻ | شاهه لطيف پڙهيل هو. |
| 14 | محمد صالح ڀٽي | قديم دؤر جا ڪتب خانه |
| 15 | ڄ ح خ چاچڙ سنڌي | لفظ ڄاموٽ تحقيق جي آئيني ۾. |

## ڀٽائي جرنل چوٿون: نومبر 1994ع

| | | |
|---|---|---|
| 1 | انتظار ڇلگري | گدائي جي شاعري |
| 2 | انو ڏنگڙائي | سوڀو گيانچنداڻي- هڪ اديب. |
| 3 | حميد سبزوئي | شيخ اياز ۽ هائيڪو |
| 4 | ابراهيم ڪرل | حميد سنڌي ادبي شخصيت |
| 5 | مهر خادم | تنوير عباسي هڪ محقق |
| 6 | ادريس جتوئي | جمال ابڙو ۽ سندس مختصر ڪهاڻي |
| 7 | فرزانه شاهين مگٽيجو | نجم عباسي جي افسانن جون خوبيون ۽ خاميون |
| 8 | نعيم سومرو | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو |
| 9 | غلام ياسين سڌايو | غالب لطيف جي ادبي حيثيت |
| 10 | شاهد منگي | مخفي خيرپور جو تعارف |
| 11 | واحد بخش شر | غلام رسول ڪلهوڙو ۽ مزاح نگار |
| 12 | غفور چانگ | چار جديد شاعر. |
| 13 | معشوق ڏاريجو | اياز گل جي غزلن جو اڀياس |
| 14 | غلام سڪينه حميده قاضي | ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ساهت ۾ سرتين جو پير پائڻ. |
| 15 | ملڪ نديم | ٻلڙي واري کان وٺي بيدل تائين شاعري جو مختصر جائزو. |
| 16 | اياز گل | يادون جاڳيون سپنا جاڳيا |

## ڀٽائي جرنل: پنجون نومبر 1995ع

| | | |
|---|---|---|
| 1 | ملڪي نديم | سنڌ جا ڪلاسيڪل شاعر |
| 2 | بدر ڏامراهو | شاهه جي رسالي ۾ وليون، وڻ ۽ ٻوٽا |
| 3 | ڊاڪٽر هدايت پريم | پرسو گدواڻي |
| 4 | بدر اُجڻ | ادبي اوسر- حميد سنڌيءَ جي رسالي 'روح رهاڻ' جي حوالي سان. |
| 5 | ادل سومرو | سنڌ عظيم درسگاهه نوشهروفيروز جي مدرسي جو هڪ محنتي، خوددار ۽ ڏاهو شاگرد- شمس العلماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو. |
| 6 | شريف شاد سومرو | سما دؤر جو سنڌ جو گمنام شاعر فقير محمّد طالب. |
| 7 | شفيع محمّد مخفي | ملڪ نديم جي مجموعي 'تجريدي نظم' تي هڪ نظر |
| 8 | ڄ ح خان چاچڙ سنڌي | راجپوت لفظ جي تحقيقي ڇنڊڇاڻ |
| 9 | يوسف خشڪ | تحقيق ۽ ان جا بنيادي مسئلا |
| 10 | وقار حسين ٻانيڻ | ڀٽائي ٻولي ۽ لغات جو ماهر هو. |
| 11 | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو | عربي زبان جو علامتي شاعر المتنبي |
| 12 | مسرت ميمڻ | سراج الحق ميمڻ بحيثيت هڪ ليکڪ |
| 13 | فياض لطيف | ننڊ نه ڪڏهن ناڪئن. |

## ڀٽائي جرنل ڇهون: آڪٽوبر 1999ع

### لطيفيات

| | | |
|---|---|---|
| 1 | ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ | شاهه جو پيغام |
| 2 | ڊاڪٽر ن. ب. خان بلوچ | ڀٽائي تحقيقي جرنل |
| 3 | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو | عشق، عورت ۽ لطيف |
| 4 | ڊاڪٽر اياز قادري | سر ڪارايل جو جائزو |
| 5 | ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو | ٻولي ۾ ڦيرگهير/تبديليءَ جي اڀياس لاءِ لسانياتي ڦرڻن جي چونڊ. |
| 6 | ڊاڪٽر هدايت پريم | شاهه جي ٻوليءَ تي لاڙي لهجي جو اثر |
| 7 | تاج جويو | سر سارنگ: درست پڙهڻيون ۽ سماجي فڪري پهلو |
| 8 | اياز گل | لطيف سائينءَ جي چنڊ تارن سان رهاڻ |
| 9 | ڊاڪٽر ادل سومرو | ڪاري جا ڪيڙائو سنڌ جي معاشي خوشحاليءَ جا مهندار |
| 10 | برڪت بلوچ | شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ حواسي رنگ |
| 11 | ڊاڪٽر تهمينه مفتي | شاهه جي رسالي ۾ منظر ۾ احساس |

### گڏيل مقالا ۽ مضمون

| | | |
|---|---|---|
| 1 | ڊاڪٽر ملڪ نديم | سچل سرمست ڪي متاثر ڪندڙ پرڏيهي عالم ۽ صوفي. |
| 2 | بيدل مسرور | فقير مسرور جي فارسي شاعري |
| 3 | ڊاڪٽر غلام محمد جکراڻي | مندون منهنجي مُلڪ جون |
| 4 | فتاح عابد | ڪامريڊ برڪت علي آزاد |
| 5 | شريف شاد سومرو | تجريدي نظم جو فن، فڪر ۽ تاريخ |
| 6 | برڪت الله قريشي | رحمت الله شوق شڪارپوري (حيات و ڪلام) |
| 7 | مهر خادم | شيخ اياز جا نثري نظم |
| 8 | خالد ٻانيڻ | قمر شهباز بحيثيت هڪ شاعر |
| 9 | احسان دانش | رشيد ڀٽي هڪ شخص باڪمال |

## ڀٽائي جرنل ستون: "ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر"

| | | |
|---|---|---|
| 1 | ڊاڪٽر ملڪ نديم | پنهنجي پاران |
| 2 | ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ | ويهه گهڙي پل ويهه |
| 3 | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ڪي ڳالهيون ڪي يادون. |
| 4 | ڊاڪٽر نواز علي شوق | جهڙ جيئڻ نيڻ جهمڻ |
| 5 | ڊاڪٽر فهميده حسين | تنوير عباسي هڪ نقاد هڪ محقق |
| 6 | ڊاڪٽر هدايت پريم | تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جي ٻولي |
| 7 | ڊاڪٽر ملڪ نديم | تنوير عباسي پهاڙ پڇاڙيءَ تائين. |
| 8 | مونس اياز | تنوير عباسي: فرينچ ڪرسٽل ۾ سرنهن جو گل. |
| 9 | اياز گل | تنوير عباسي جي شاعريءَ ۾ علامتون يا اهڃاڻ |
| 10 | برڪت بلوچ | تنوير عباسيءَ جو زندگيءَ بابت نظريو. |
| 11 | انور فگار هڪڙو | اسين فرشتا ناهيون لوڪو. |
| 12 | پروفيسر اعجاز قريشي | پوٺوهار جي مٽيءَ ۾ مدفون سنڌ جو اجالو: ڊاڪٽر تنوير عباسي. |
| 13 | بچل شاهه بخاري | تنوير جي تات |
| 14 | مختيار ملڪ | ٻرڻ اسان جو اهڙو آهي. |
| 15 | ممتاز بخاري | تنوير عباسي: فطرت جي مند ڪي وائکو ڪرڻ جي جستجو ڪندڙ. |
| 16 | مهر خادم | تنوير عباسي جي شروعاتي شاعري |
| 17 | خواجه سليم | مان هن دوست جي... |
| 18 | پارس عباسي | منهنجو بابا، ڪجهه يادون ڪجهه ڳالهيون. |
| 19 | حزب الله آءِ سومرو | خوبين جي کاڻ ڊاڪٽر تنوير عباسي |
| 20 | قاسم ملڪ | تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ گلن جو ذڪر |
| 21 | نادر علي تاج ابڙو | ڪوڪو ماڻهو موتيءَ داڻو |
| 22 | طارق عزيز شيخ | تنوير عباسيءَ جي شاهه تي ڪيل تحقيق ۽ تنقيد |
| 23 | شهناز سومرو | تنوير ۽ سندس تخلي |
| 24 | زاهده پروين مري | تنوير جي شخصيت |

## ڀٽائي جرنل اٺون: 2006ع "شيخ اياز نمبر"

| | | |
|---|---|---|
| 1 | رسول بخش پليجو | اسين ننڊ جا نيڻ آهيون پرين |
| 2 | سوڀو گيان چنداڻي | شيخ اياز جي موت تي ٻن لڙڪن جي ڀيٽا |
| 3 | سراج | ۽ جڏهن سٽ جي ڏهاڪي وارو اياز موٽي آيو. |
| 4 | برڪت بلوچ | شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ اذيت پسندي |
| 5 | تاجل بيوس | آواز فضا ۾ اُڏري ويو. |
| 6 | ڊاڪٽر ملڪ نديم | سانجهي سمنڊ سپون- جون 1996ع |
| 7 | ڊاڪٽر ملڪ نديم | شيخ اياز ۽ عورت |
| 8 | سرمد چانڊيو | عالمي ماپي جو شاعر... شيخ اياز |
| 9 | فتاح عابد | سٽي تنهنجو سڏ ڪاهي پاتم ڪينرو |
| 10 | فتاح عابد | ايندو نه وري هي وڻجارو |
| 11 | علي حسن سرڪي | شيخ اياز جي دعائيه شاعري هڪ اڀياس |
| 12 | علي آڪاش | اوءِ گهوڙي سوار! تنهنجي منزل ڪٿي آ اچا؟ |
| 13 | خالد ڪنڀار | ستارا لتاڙي اسان جو شعور |
| 14 | نور محمّد ملڪ | شيخ اياز جو نثر |
| 15 | ادل سومرو | لڙيو سج لڪن ۾ |
| 16 | زاهدا مري | اياز جا ڏيڍوٽا/ڏيڍ سِٽا |
| 17 | ستار سومرو | اڃا ڀيو جيان |
| 18 | مخمور بخاري | ڪنهن ڪنهن جي روپ مان ڪوري |
| 19 | مشتاق پرڳڙي | ڪاليداس هر دؤر جو شاعر |
| 20 | نصير مرزا | اڌوري ملاقات جون اڻپوريون يادگيريون |
| 21 | امر اقبال | ٻي خبر ناهي پر مرڻ کان پوءِ توسان ملڻ جون حسرتون رهنديون |
| 22 | علي عابد | سنڌ جو عاشق اياز |
| 23 | ارشاد ڪاغذي | اياز شناسي |
| 24 | مقصود گل | ڀنؤر ڀري آڪاس |
| 25 | نسيم بخاري | موت جو احساس ماڻهوءَ ۾... |
| 26 | امر سنڌو | مزاحمت جي استعاري جيان جوان شاعري |
| 27 | زاهده حنا | اياز گلاب جي گل جهڙو سرجڻهار |
| 28 | حيمده قاضي | شيخ اياز هندي اديبن جي نظر ۾ |

(هلندڙ)

### گيت

**احسان زنگيجو**

انبن ٻُور جهليو
ڇَتُن ٻوليون ٻوليون
تنهنجي ياد آئي...
سکين ڳيچ ڳايا
پکين پر سهايا
لڙي شام ڏاري
توکي من پڪاري
اکين سمنڊ اٿليو
ڪري چوٽُ ڇوليون
تنهنجي ياد آئي...
مان وکري وئي هان
ڇوري وسري وئي هان
اوءِ احسان اڃ تون
منهنجي جان اڃ تون
نه ويهي ڪي چاهت
جون ڳايون نه لوليون،
تنهنجي ياد آئي...



حسين جاگيراڻي

## پاويهه مئي

ڇا ڇوان ’حسين‘ آئون ڇا ڇوان
ڇا ڏنائون ڇا وتائون ڇا ڇوان
هڪ طرف سارا شهر ’ڪوفا‘ بڻيا
ٻئي طرف هي ڪربلائون ڇا ڇوان
وات ڳاڙهيون ٻوٽ ڪاريون سنڌ ۾
هي ڪٿان آيون بلائون ڇا ڇوان
هڪ طرف پنهنجن تہ ڌارين ٻئي طرف
پئي ڪيون گڏجي هلائون ڇا ڇوان
بي زبانا فرد منهنجي ديس جا
هئہ مُڏيءَ ڪاتيءَ ڪٽائون ڇا ڇوان
او سڳوري سنڌ جا ’منحوس پٽ‘
تون ٻہ نڪتين تن منجهائون ڇا ڇوان
هر ڪرامت جا سوين صاحب هتي
پر ڪرامت جون ڪٿائون ڇا ڇوان
بي ضميرن پل وِڪيو پنهنجو ضمير
ڪيترو سستوَ وڪيائون ڇا ڇُوان
لفظ ڪنڊن جيان نِڙي ۾ ٿا چُڀن
ڇا ڇوان تن لاءِ آئون ڇا ڇوان.

***

هو بہ جي ويهي منهنجون ڪچايون ڪَٽي
او الا ايئن مَ ٿئي اوالا ائين مَ ٿئي
باک تائين پرهہ جون پئي باتيون ڪيون
ڪالهہ آيا ها مون وٽ پرين سج لٿي
هاءِ تاريخ تنهنجي هيءَ ڪايا پلٽ
هار لشڪر ڪي ڏني ننڍڙي جٿي
بردباري تنهنجي ڪي منهنجا سلام
هيانءُ منهنجو ڏري ضبط مون ڪان نہ ٿئي

هاڻ ڪجهہ ٻي ٿئي سچ ظاهر ڪبو
جيڪڏهن چاڪ پردو ٿئي ٿو تہ ٿي
هيٺ ڪان هيٺ هٺاسين اسان سڀ ’حسين‘
تون مٿي هئين مٿي هئين مٿي هئين مٿي.

***

ڪنهن پلا ڄاتو اصل آ درد جو
خواهہ عورت جو هجي يا مرد جو
ڪوبہ ڏاهو ڪين اڪلائي سگهيو
معاشري جو معاملو يا فرد جو
ها ڪيو پل تذڪرو پر پيار سان
مان مريد آهيان انهي بيدرد جو
جڻ ٿئي محسوس ٿي ڪائي مٿاس
تون جڏهن نالو ڪٺين ٿو درد جو
ڪيترا ’اقبال‘ ان ۾ نقص ها
تو چٽيو خاڪو جو ڪامل مرد جو
*(علامہ اقبال)*

***

پڙهين هان پو پلي تون پيار جا سڀ ورق ڦاڙين ها
اسان جا خواب ظالم هيئن نہ پيرن ۾ لتاڙين ها
اڙي چنگيز تون جاهل هئين جاهل صفا
ڏسين ها رنگ دنيا جا نہ دنيا کي اجاڙين ها
اَلاهي مصلحت جو ڇا تہ پُر تاثير منظر آ
اسان جي قتل تي هڪ ٻي ويا جي ڪاتين کهاڙين ها
اسان بس ايترو چونداسين ’شهر پارسا‘ توکي
ڏسين ڪجهہ پاڻ ڏي ٻي ها اسان کي پو اگهاڙين ها
اسان ٻي ڪونہ پاڙيا قول پنهنجا اعتراف آهي
چئون توکي نٿا پر پو بہ چئون ٿا قول پاڙين ها
اڙي تاريخ جي وحشي صفت خاتون جهڙا وقت
ڪليجو پل ڪڍين ها پر نہ او ڏاڻئڻ چٻاڙين ها.

***

موت جي مئڪدي ۾ ڇلڪايا
زندگي بي حساب پئمانا
حسن ’ياقوت‘ جو اصل آهي
عشق جو اصل آهہ ’سلطانا‘
منهنجي ديوانگي جو عالم ڏس
مون سان نِوڙي ملن ٿا ديوانا
واندڪائي جي سرگرم ڪم ۾
ڏاڍو مصروف آهيان اي جانا
تنهنجي آزادگي عزيز اٿم
بند ڪر پل اکين جا مئخانا
تون بہ تون آهين مان بہ تون آهيان
منهنجو ادراڪ آهي وجدانا
تنهنجو دلڪش گداز بدن
هاءِ رخسار تنهنجا ’رخسانا‘
رقص ايئن زندگي جو عڪس آهي
جيئن حقيقت جو عڪس افسانا
مون مڪمل ’نفي‘ ڪري پنهنجي
توکي ’اثبات‘ آ ڪيو جانا
رات جي پهر چنڊ جهونگاريا
تنهنجي منهنجي وصال جا گانا
هي ’وجود‘ ۽ ’عدم وجود‘ جي ڳالهہ
هاڻ دانا ڪري ٿي ديوانا
او اسان جي غريب خاني تي
ايئن نہ ٿئي جو ڪِرن هي ڪاشانا
بت پرستي جي پاڙ پٽجي وئي
هي مگر هر ڳلي ۾ بت خانا
وهہ وٽيون پئي وري وري پيتم
دل تشدد ڪيو بهيمانا
آهيان بيمار ڪافي عرصي کان
آئون منهنجا طبيب تون آ، نا
هاڻ ڇا تذڪرا ڪيون ويهي
تنهنجا منهنجا قصا جداگانا
ايترو بس ٻڌاءِ ڏيگهہ نہ ڪر
مون چيو جو بہ سچ آ، يا، نا
پاڻ وٽ رک ’حسين‘ تاويلون
ايترو بس ٻڌاءِ ها، يا، نا.

***

سندس هم نشيني بہ دلچسپ آهي
هي دنيا ڪميني بہ دلچسپ آهي
هي بي پردا بي پردا ماحول سارو
هي پردا نشيني بہ دلچسپ آهي
او نادان ماڻهو او نابين ماڻهو
سنڌءِ پيش بيني بہ دلچسپ آهي
رفيقن شفيقن کي پڌرو ڪري ٿي
سفر جي سنگيني بہ دلچسپ آهي
او بي دين تنهنجي ’سچي دين‘ بابت
هي تعبير ’ديني‘ بہ دلچسپ آهي
۽ آوارگي جو بہ پنهنجو مزو آ
۽ گوشانشيني بہ دلچسپ آهي.

***

